# نئون سنڌي گرامر

## ڀاڱو ٢ ۽ ٣

درجي پنجين، ڇهين، ستين

۽

سڪول ليونگ سرٽيفڪيٽ امتحان لاءِ

مصنف

خانصاحب آغا تاج محمد
بي-اي، بي-ٽي (فرسٽ ڪلاس) ڪي-آء-ايڇ
رجسٽرار يونيورسٽي سنڌ

۽

قاضي جان محمد خان
رٽائرڊ ائڊمنسٽريٽو آفيسر ڊسٽرڪٽ اسڪول بورڊ

دفعو ١٠ ]    سال ١٩٥٣-٥٤ع    [ جلد ١٠٠٠

قيمت ٠-٣-١

پبلشرس
آر-ايڇ احمد برادرس
بڪسيلرس شاهي بازار حيدرآباد سنڌ

# ديباچو *

اسان جا تاهيل گرامر، جي تعليم جي جديد
رڪان تيار ڪيا ويا آهن، سي بفضل خدا تعاليٰ تعليم
ي جي اعتباري وارن کي پسند ٿي درسي ڪتاب
ر ڪم اچي رهيا آهن ۽ موجوده ڪتابن ۾ مفيد
ن ثابت ٿي چڪا آهن.

۱۹۴۲ع جي تعليمي ڪورس موجب درجي ۴ لي
۾ جو ڪم گهٽو گهٽايو ويو آهي، جنهنڪري مٿين
جن جي ڪورس کي موزون ڪرڻ لاءِ ۽ آڳ جي
ورسه ٿي آهي. مٿين درجن لاءِ گرامر جو هاڻوڪو
۽ اڳين جاءِ ذات هر طرح بهتر ۽ مفيد بڻايو ويو
. اميد ته ماستر صاحب ۽ شاگرد هن مان پورو
ر فائدو وٺندا.

مصنف

# گرامر ڀاڱو ٻيو

## درجي ٽئين لاءِ

## پهريون سبق

### (١) "اسم"

### اسم جا قسم (اسم ذاتي ۽ اسم صفاتي)

ٻئين درجي ۾ پڙهي آيا آهيو ته اسم ڇا کي چئجي. هتي سمجهائڻو آهي ته اسم ڪيترن قسمن ۾ ورهايل آهي. اسم جي قسمن سمجهڻ لاءِ هيٺيان جملا پڙهو ۽ انهن منجهان اهي اسم (جي خالص خاصيت ڪم جا نالا هجن) چونڊيو:-

١- "انسانيت هڪ گڻ آهي."

٢- "خدا کي ياد ڪرڻ فرض آهي."

٣- "شاهوڪار لاءِ اعتبار ضروري آهي."

٤- "ڪڏاڻي بيماري جي دوا آهي."

٥- "احمد جي رهڻي ڪهڻي چڱي آهي."

اهي هن ريت بورڊ تي لکو:-

السالمه — خاصيت (ڳالهه) جو نالو آهي.

خدا — ان مالڪ جو نالو آهي جو سڄي جهان کي هلائي ٿو.

شاهوڪاري — حالت جو نالو آهي.

گدلائي — خاصيت (ار ڳالهه) جو نالو آهي.

روٽي کٽي — ڪم جو نالو آهي.

ان ڪانسواءِ شاگردن کي ٻڌايو ۽ نوٽ ڪرايو ته اهي اسم جي نالا هجن ڪنهن حالت، خاصيت ۽ ڪم جا (لکي ۽ خدا جي نالي کي) اسم ذاتي چون ٿا.

وري هيٺيان جملا بورڊ تي لکي اهي مان اهي اسم چونڊايو جي نالا هجن ماڻهن، جانورن، جاين ۽ شين جا.

١- احمد ڪالهه شڪار تي ويو.

٢- شينهن ۽ بگهڙ رات جو ٻاهر نڪرندا آهن.

٣- جو، ٻاجهري، ڪڻڪ، جوئر وغيره ٻوکون آهن.

٤- اسڪول ۾ شاگرد پڙهندا آهن.

٥- مڇون جو گهر سڀني جانورن جي گهر کان سٺو آهي.

٦- ميزون، ڪرسيون، ڪپڙا...... وغيره آهن، جي ڪم جا آهن:-

اهي هن ريت بورڊ تي لکو:-

ماڻهن جا نالا — احمد

جانورن جا نالا — شينهن، ٻڪري، مينهن

شين جا نالا — ڄڀ، باجري، ڪيلا، جوتو، ڪمر، مٽرون، ڪرسيون، ڪتاب

جاين جا نالا — اسڪول

هن کان پوءِ شاگردن کي ٻڌايو ته اوت ڪرايو ته "اهڙا اسم جي ڪن ماڻهن، جانورن، جاين ۽ شين جا نالا هجن (جن کي ڪا صفت ڏيکي ظاهر ڪري) تنکي اسم صفاتي چوندا آهن، تنهڪري چئبو ته اسم ٻن قسمن جا آهن. (۱) اسم ذاتي (ذاتي) (۲) صفاتي حالتي اسم جو چارٽ نمبر ۱ بورڊ تي ڪڍو ۽ شاگردن کان ڪڍايو.

## اسم جو چارٽ نمبر ۱

## اسم ٻن قسمن جا آهن.

| اسم صفاتي | اسم ذاتي |
|---|---|
| اسم صفاتي اهو اسم آهي جنهن کي صفاتي نالو ڏيکي ظاهر ڪيو ويو آهي. | اسم ذاتي اهو اسم آهي جو نالو هجي خاصيت، حالت ۽ ڪم جو. اوت پڻ هڪڙا اسم به اسم ذاتي آهي. |

## سبق ٽيون

بورڊ تي لکو:-

۱- اڙو هڪ خاص ڇوڪر جو نالو آهي ۽ نه سڀ ڪنهن ڇوڪر جو.

۲- ساران هڪ خاص ڇوڪريءَ جو نالو آهي ۽ نه سڀ ڪنهن ڇوڪريءَ جو.

۳- تاج محل هڪ خاص جاءِ جو نالو آهي ۽ نه سڀ ڪنهن جاءِ جو.

۴- آگرو هڪ خاص شهر جو نالو آهي ۽ نه سڀ ڪنهن شهر جو.

۵- طائوس هڪ خاص تخت (شئي) جو نالو آهي ۽ نه سڀ ڪنهن تخت (شئي) جو.

۶- شاهجهان هڪ خاص ماڻهوءَ جو نالو آهي ۽ نه سڀ ڪنهن ماڻهوءَ جو. انهيڪري جيڪي به نالا آهن جي خاص ماڻهن جا يا خاص شين ...... وغيره جا وڪيل آهن ۽ انهن اسمن کي خاص چئبو. ان ڪان پوءِ بورڊ تي لکو ۽ شاگردن کان نوٽ ڪرايو وڃي-

**اسم خاص**:- اهو آهي جو نالو هجي ڪنهن خاص ماڻهوءَ، خاص جاءِ، خاص شئي......وغيره جو.

(۲) وري هيٺيان جملا بورڊ تي لکو:-

۱- اسان جي ڳوٺ ۾ ۳۵۸ ماڻهو رهن ٿا.

۲- هن جماعت ۾ چاليهه ٻار آهن.

۳- توهان جي ڳوٺ جا ڪهڙا نالا آهن.

۴- مسجد ۽ ديول عبادت ڪرڻ جون جايون آهن

ماڻهن اسم جو ڄاڻائي هيٺيون لسٽ بورڊ تي لکو:-

[1] "ماڻهو" ڪنهن هڪ ماڻهوءَ کي نه چئبو پر سڀني ٻارن ۽ سڀني آدمين کي به.

(٢) ”جهنگ“ ڪنهن هڪ اسم واري کي نه چئي
ٿو سگهجي پر سڀني اُن وارن کي ٿو.

(٣) ”اٺ“ ڪنهن اهڙي هڪ جانور کي نه چئي
ٿو سگهجي پر ان قسم جي سڀني جانورن کي اٿا.

(٤) ”گوشت“ انسان جي هڪ گوشت کي نه چئي
ٿو سگهجي پر سڀني کي اٿا.

(٥) ”گهر“ انسان جي رهڻ واري جاءِ کي نه چئي
ٿو سگهجي پر سڀني کي اٿا.

(٦) ”مسجد“ مسلمانن جي هڪ عبادت ڪرڻ
واري جاءِ کي نه چئي ٿو سگهجي پر اهڙين
سڀني جاين کي اٿا.

(٧) ”مندر“ هندن جي هڪ عبادت ڪرڻ
واري جاءِ کي نه چئي ٿو سگهجي پر اهڙين
سڀني جاين کي اٿا.

هن مان ڏسڻ آهي ته جيڪي اهڙا اسم آهن جي اهڙين شين، جاين، جانورن وغيره جا نالا آهن جن جهڙيون ٻيون گهڻيون شيون، جايون، جانور وغيره آهن ان کي اٿا سانجهو نالو ڏئي سگهجي ٿو.

اهڙن اسمن کي اسم عام چوندا آهن. عام معنيٰ هڪ کان گهڻا (وڌيڪ) ان ڪالهوڙه شاگردن کي پڙهايو ۽ پوءِ انهي لکوڻ شاگردن کي لوڪ ڪرايو ته:-
”اسم عام“ اهو نالو آهي جو ڪنهن هڪ ماڻهو،

هڪ شئي. ۽ هڪ جانور لاءِ ڇا ڇا سکيو پر سڀني ماڻهن ۽ ان قسم جي سڀني شين ۽ ان نموني جي سڀني جانورن ...... وغيره لاءِ به چئبو. ان ڪالهوءِ بورڊ تي اسم صفاتي جو چارٽ ڪڍي ۽ شاگردن کي سندن ڪتابن ۾ ڪڍايو.

## اسم جو چارٽ نمبر (٢)

اسم صفاتي ٻن قسمن جو آهي.

### (١) اسم خاص

اسم خاص اهو اسم آهي جو خاص ماڻهو، خاص جاءِ، خاص شئي، يا ڪنهن خاص ساهواري جو نالو هجي.

### (٢) اسم عام

اسم عام اهو اسم آهي جو فقط ڪنهن هڪ شئي جو نالو نه هجي پر ان قسم جي سڀني شين جو به هجي جهڙوڪ: ماڻهو، جانور، ٻلي، ميز ...... وغيره.

## استعمالي سوال

(١) هيٺ اسم چونڊيو جي اسم ذات هجن؟
(هر هڪ اسم جملي ۾ رکي ڏيکاريو).

(٢) هيٺ اسم چونڊيو جي اسم خاص جا هجن؟
(هر هڪ اسم جملي ۾ وجهي ڏيکاريو).

(٣) اسم عام ۽ اسم خاص ۾ تفاوت ڏيکاريو؟

(٤) اسم ذات ڇا کي چئبو؟

(۴) اسم خاص ڇا کي چئجي؟
(۲) اسم عام ڇا کي چئجي؟

## سبق ٽيون

### "عدد"

### واحد ۽ جمع

۱- مون هڪ انب خريد ڪيو.
۲- مون چار انب خريد ڪيا.

ٻنهي جملن ۾ "انب" لفظ ڪم آيل آهي ۽ پهرئين ۾ "انب" ساڳي ٻئي جملي ۾ "انب" لفظ مان "انب" اهي ڪڍي ٿيو آهي جو پهرئين جملي ۾ هڪ انب آهي، ۽ ٻئي ۾ انب جو عدد هڪ کان وڌيڪ آهي. هڪ کي واحد چئبو آهي، ۽ هڪ کان وڌيڪ يعني گهڻن کي جمع چئبو آهي.

مثال- هيٺين جملن مان اسم چونڊيو ۽ انهن جو عدد واحد يا جمع ٻڌايو:-

(۱) ٻلي کي چار ٻچا آهن. (۲) نوروز جي ڪولري ڪتب ۾ ڪري پئي، ۽ سندس ڪتاب پسي پيا. اسانجو اسڪول رمضان جي موڪل ڪري چار ڏينهن بند آهي. (۴) چاچي کي نوڪرياڻي ۽ ٽي نوڪر آهن. (۵) هن دلو ۾ پنج سير کير آهي.

## واحد مان جمع جوڙڻ جون واٽون

مثال- آ پڇاڙيءَ وارا ڏه اسم ڏجن ٿا انهن جو عدد جمع ڏيئو ڇڏيون ٿا:-

ڪمت، ڪتون. ڇپ، ڇپون. ڇڪ، ڇڪون. ڏل، ڏالون.

ڏسو ته پهريون ته جن اسمن جي پڇاڙيءَ ۾ آ آهي تن جو جمع آ مٽائي اون ڪرڻ سان ٿئي ٿو.

مثال- اَ پڇاڙيءَ وارا ڏه اسم ڏجن ٿا انهن جو عدد جمع ڏيئو ڇڏيون ٿا:-

ٻلا، ٻلائون. آنڌا، آنڌائون. رضا، رضائون.

ڏسو ته ٻيو ته جن اسمن جي پڇاڙيءَ ۾ آ آهي تن جو جمع اون گڏڻ سان ٿئي ٿو.

مثال- ا پڇاڙيءَ وارا ڏه اسم ڏجن ٿا انهن جو عدد جمع ڏيئو ڇڏيون ٿا:- سمسا، سمسائون. ڇس، ڇسون. آسا، آسائون.

ڏسو ته ٽيون ته جن اسمن جي پڇاڙيءَ ۾ ا آهي تن جو عدد يون گڏڻ سان ٿئي ٿو.

مثال- ڪجهه او پڇاڙيءَ وارن اسمن جو جمع ڏيئو ڇڏيون ٿا:-

ڪدو، ڪدا. مور، مورن. وڇو، وڇا.

ڏسو ته چوٿون ته جن اسمن جي پڇاڙيءَ ۾ او يا اون آهي سي واحد ۽ جمع ۾ هڪجهڙا آهن.

مثال- ڏسو او پڇاڙيءَ وارن اسمن جا هيٺ ڏنل ٻه انهن جو جمع ڏيئو ڇڏيون ٿا:- ڪوڙو، ڪوڙا، الو، ٻلا،

ڏسڻ ايندو ته جن اسمن جي پڇاڙيءَ ۾ ار آهي
تن جو جمع او ۾ ٻدلائي آ ڪرڻ سان ٿئي ٿو.

مثال - هيٺين لکيل پڇاڙيءَ وارن مذڪر اسمن جا
ڳالا ڏيو ۽ انهن جو جمع ٺاهيو، جهڙوڪ: ڄاڻي، ڌاڻي،
ڀائي، ڀاڻي.

ڏسڻ ۾ ايندو ته جن مذڪر اسمن جي پڇاڙيءَ
۾ اي اچي ٿي سي واحد ۽ جمع ۾ هڪجهڙا آهن.

مثال - ڏهن اي پڇاڙيءَ وارن مونث اسمن جا
ڳالا ڏيو ۽ انهن جو جمع ٺاهيو، جهڙوڪ: ٻڪري،
ٻوڙيون ڇاڇي، ڇاڇيون.

مثال - هيٺين أ پڇاڙيءَ وارن مذڪر اسمن جا ڳالا
ڏيو ۽ انهن جو جمع ٺاهيو جهڙوڪ: اُٺ، اُٺ، ٻٽ، ٻٽ.

ڏسڻ ۾ ايندو ته جن مذڪر اسمن جي پڇاڙيءَ ۾
اُ آهي تن جو جمع اُ مٽائي آ ڪرڻ سان ٿئي ٿو.

مثال - هيٺين اُ پڇاڙيءَ وارن مونث اسمن جا ڳالا
ڏيو، انهن جا جمع ٺاهيو: جهڙوڪ: ٽنڊ، ٽنڊون،
ٽڪ، ٽڪون.

ڏسڻ ۾ ايندو ته جن مونث اسمن جي پڇاڙيءَ ۾
اُ آهي تن جو جمع اُ مٽائي اُن ڪرڻ سان ٿئي ٿو.

ڪيترا اسم جن جي پڇاڙيءَ ۾ آ آهي ۽ جي مائٽي
ڏيکارين ٿا، تن جو جمع ان قاعدي ٻموجب آهي، جهڙوڪ

٨- ٻاڪ، ٻاڪر، ٻلي، ٻڪر، ڏي، ڏٿر، ماڪ، ماٺر، ماهڻ، ڏڏو، ٻيڙو، ٻڪر.

# سبق چوٿون

## "عددن بابت وڌيڪ احوال"

شاگردن جو ڌيان مٿي سمجهايل ٻن عددن (عدد واحد ۽ عدد جمع) ڏانهن ڇڪايو ۽ وڌيڪ کين ٻڌايو ته عدد جا ٻيا به ٻه قسم آهن. انهن جي سمجهاڻي لاءِ هيٺين ريت جملا بورڊ تي لکو:-

(١) مون ڏهه اسپ ورتا.
(٢) گل محمد وٽ چاليهه ريڍون آهن
(٣) عرس وٽ اٺ مهمان آهن.
(٤) ٻوڙل کي چار ٻار آهن.
(٥) ڪلوءَ جي عمر ست سال آهي.

مٿين جملن مان شاگردن کان عدد (انداز) ڏيکاريندڙ (صفتون) چونڊائي هن ريت لکرايو:-

١- ڏهه، انداز تي ڏيکاري اسپن جو. لهذا ڪري صفت آهي اسپن جي.

٢- چاليهه، انداز تي ڏيکاري ريڍن جو لهذا ڪري صفت آهي ريڍن جي.

٣- اٺ، انداز تي ڏيکاري مهمانن جو لهذا ڪري صفت آهي مهمانن جي.

۴- چار، انداز ٿو ڏيکاري ٻارن جو تنهن ڪري
صفت آهي، ٻارن جي.
۵- سؤ، انداز ٿو ڏيکاري سالن جو تنهن ڪري
صفت آهي سالن جي.

ٻارن کي سمجهايو ته ويهه ...... وغيره انداز (عدد) ڏيکاريندڙ لفظ آهن (٢) اهي ٻيا ڪي لفظ ( ڪ ني، ٻه، ٽه ...... وغيره) شمار [illegible] ڪرڻ) جا لفظ (عدد آهن تنهنڪري اهڙن عددن ڏيکاريندڙن لفظن کي عدد شماري چوندا آهن.

تنهنڪانپوءِ شاگردن کي نوٽ ڪرايو ته عدد شماري اهي لفظ (انداز يا عدد جا) آهن جي شين جي شمار ڪرڻ جي ڪم ايندا آهن جهڙوڪ:- هڪ، پنج سوءِ هزار ...... وغيره.

## وري هيٺين ريت جملا بورڊ تي لکو

(١) هن قطار مان ”پنجون“ ڇوڪر هيڏانهن اچي.
(٢) اون ڪلاس ۾ ستون نمبر تي واهه.
(٣) اوو بيءِ قطار ۾ ستاويهون ڇوڪر آهي.
(۴) احمد پنهنجي ڀيڻ جو پنجون پٽ آهي.
انهن جملن مان قطار نمبر ڏيکاريندڙ (عدد) چونڊي بورڊ تي لکو.

(١) "پهريون" لفظ قطار ۾ ڇوڪر جو نمبر (عدد)
ٿو ڏيکاري تنهن ڪري صفت آهي ڇوڪر جي.
(٢) "سترهون" لفظ قطار ۾ امڙ جو نمبر (عدد) ٿو
ڏيکاري تنهن ڪري صفت آهي امڙ جي.
(٣) "ٻي" لفظ قطار ۾ قطار جو نمبر (عدد) ٿو
ڏيکاري تنهن ڪري صفت آهي قطار جي.
(٤) "ستاويهون" لفظ قطار ۾ ٻت جو نمبر (عدد)
ٿو ڏيکاري تنهن ڪري صفت آهي ڇوڪر جي.
(٥) "پنجون" لفظ قطار ۾ ٻت جو نمبر (عدد) ٿو
ڏيکاري تنهن ڪري صفت آهي ٻت جي.

اهڙيءَ ڪانءِ شاگردن کي هدايتون ڏئي لوڪ ڪرائبو ته "اهڙا عدد (انداز) جي ڏسڻ يا قطار ۾ اسم جو نمبر ڏيکارين ٿا کي "عدد قطاري" چوندا آهن جهڙوڪ ڏهون، الون، وِهون، چاليهون، وغيره.

## سبق ڇهون

## "اسم جي جنس"

هن سبق سيکارڻ لاءِ شاگردن کي اڳ هدايتون ته اسان کي خبر آهي ته "اسم" نالا آهن ماڻهن وارن شين ... وغيره جا. هر جيڪي اسم ماڻهن وارن جا نالا آهن

لکي قدرت ٻن قسمن ۾ ورهايو آهي. هڪڙي قسم (جنس) ۾ سڀئي نر ۽ ٻئي ۾ سڀئي ماديون شمار ٿيل آهن.

[illegible] هيٺيان جملا پڙهو ۽ لکي انهن مان جنس نر ۽ ماديون چونڊيو:-

(١) حامد وٽ عمدو گهوڙو آهي.
(٢) عمر جي گهوڙي ڏاڍي تکي آهي.
(٣) هاشم وٽ ٻه ڪاليون، چار ٻڪا، ٻلي گڏه ۽ هڪ هرڻي آهي.
(٤) ڪبوتريون، ڪبوترا، ڪانءُ ۽ باز جهنگلي پکي آهن.
(٥) ڪڪڙيون، مور، تتر، طوطا، گهرو پالتو پکي آهن. ٿورڙا اسم جنس مطابق ورهايل هن ريت لکو:-

| نر اسم | | ماديون اسم |
|---|---|---|
| حامد | ڪبوترا | گهوڙي |
| گهوڙو | ڪانءُ | ڪاليون |
| عمر | باز | هرڻي |
| هاشم | پکي | ڪبوتريون |
| ٻڪا | مور | ڪڪڙيون |
| گڏه | طوطا - تتر | |

استاد سمجهائڻ کان پوءِ شاگردن کي ٻڌائي ۽ لکرائي

ڪانو ۽ جهڙا اسم نر آهن، تن جي جنس مذڪر ۽ جهڙا اسم مادي آهن تن جي جنس مونث چئبي آهي. مذڪر معنيٰ آهي نر ۽ مونث معنيٰ آهي مادي. انهيءَ ڪري اسم جون ٻه جنسون آهن، (١) جنس مذڪر (نر) (٢) جنس مونث (مادي).

## سبق ڇهون

## اسم جي جنس هلندڙ

## بي جان اسم جون جنسون

هن جي سمجهاڻي لاءِ هيٺيان جملا پڙهو ۽ انهن مان مذڪر ۽ مونث چونڊي ڌار ڌار ڪري پڙهو ۽ لکو.

١- ڪچو انب نه کاءِ.
٢- ملي ماني کائي ٿي.
٣- هن وٽ لڪو ڪنب آهي.
٤- ٻلي ڪٽ مٿي چاڙهه.
٥- هي وڏو لوٽو پاڻيءَ سان ڀر.
٦- اڄ ڏاڍي گرمي آهي.

گهربل لفظ چونڊي ڌار ڌار ڪري لکو:-

| مذڪر اسم:- | مونث اسم:- |
|---|---|
| انب | ماني |
| ڪنب | ڪٽ |
| لوٽو | گرمي |

وري هيٺين جملن مان مٿين اسمن جون صفتون ٻولڻ واسطيدارن اسمن جي اڳيان ٻوڙ ڏئي لکو ۽ ڏسو:-

| مذڪر اسم | مونث اسم |
|---|---|
| ڪتو اڇو | ٻلي ڪاري |
| ننڍو ڪپ | ننڍي ڪٽ |
| وڏو ٽوار | ٽوري ڪوڏي |

جو ڪنهن جي ذبان تي آهي ته اسم جي مذڪر آهن ان جي اڳيان جيڪي صفتون آيل آهن ان جي پڇاڙيءَ ۾ "او" جو آواز آهي. انهڪري چڱو ان جن واحد اسمن اڳيان "او" پڇاڙي جي آواز واري صفت اچي ٿي سي مذڪر آهن. ۽ جيڪي اسم مونث آهن ان جي اڳيان آيل صفتون اهي آهن جن جو پڇاڙيءَ جو آواز "اي" آهي انهڪري قاعدو ٺهيو ته جن اسمن اڳيان "اي" پڇاڙيءَ جي آواز واري صفت اچي سي اسم مونث آهن.

## استعمالي سوال

هيٺين جملن ۾ آيل اسمن جون جنسون ٻڌايو؟

(١) احمد جي گهر ڪي چار چور ڪاٿ هڻي، سندس مالي چورائي ويا.

(٢) ٻهادر خان پنهنجي ڌيءَ علي بخش جي پٽ سان پرڻائي آهي.

گدرا، مٺيا، ونگا، هندوانا، پپليون، انبون، ۽ واڱڻ، ڪريلا، مرچ ۽ گجرون ٻاريءَ جي پيدائش آهن.

## سبق ستون

### ”جنس بابت وڌيڪ احوال“

شاگردن کي پڙهڻ ۾ اسين ڏيکاري سگهيا آهيون ته جيڪي اسم نر آهن تن جي جنس مذڪر ۽ جيڪي مادي آهن تن جي جنس مونث چئبي آهي، پر اها نر ۽ مادي جاندار (ساهه وارن) اسمن ۾ ظاهر هوندي آهي. باقي بي جان اسمن جي جنسن کي قاعدن موجب لکيو آهي. انهن قاعدن مان هڪ قاعدو (صفت لڳائڻ جو) ڏيکاري سگهيا آهيون. ڪي وڌيڪ قاعدا هيٺ ڏيکاريون ٿا. شاگردن کي پڙهڻ ۾ آسان سگهو آهي ته اکرن کي املا جي (آواز پيدا ڪندڙ) نشانين ڏانهن يا حرف علت لڳائڻ مان آواز يا اچار پيدا ڪري سگهجي ٿو. يا ڪن ٻئي آواز ڪڍڻ سان لفظ ٺهي پوندو.

جهڙوڪ:- اک، مٽرو...... وغيره

مثلن پهرين مان اکرن جي پڇاڙيءَ ۾ زبر ـَ وارو پڻ (آواز) ۽ ٻئي جي پڇاڙيءَ وارو پيش آواز ”و“ وارو آهي، اهڙيءَ ريت ڪن اسمن جي پڇاڙيءَ ۾ زبر ـَ ڪن جي پڇاڙيءَ ۾ زير ـِ ڪن جي پڇاڙيءَ ۾ ”او“ ۽ ڪن جي پڇاڙيءَ ۾ ”اي“ يا جن کي پڇاڙيءَ ۾ ”اي“

وارو پد (آواز) ايندو آهي. هيٺيان اسالڪي ڏسڻو
پوندو ته ڪهڙي پڇاڙيءَ وارا اسم هميشه مذڪر يا
هميشه مؤنث آهن ۽ ڪهڙن پڇاڙين وارا اسم ٻنهي
طرح مؤنث آهن. انهيءَ لاءِ ٽيون وار پڇاڙين وارا اسم
ڏيڻ ٿي لڳي. انهن مان مذڪر ۽ مؤنث ٺهڻ جو ٻيو
آهي اسم واحد ۾ ڏجن.

١- ڪٽ، ماٽ، ڪل، ال، ڄر، سر ... وغيره. ٻار
جنس لهڻ لاءِ صفت لڳائڻ واري قاعدي سان ڏسندا
ته انهن سڀني اسمن جون جنسون مؤنث آهن.

ان ڪالهوءِ کان پڌائو ۽ لوٽ ڪرايو ته "ـ" پڇاڙيءَ
وارا واحد اسم هميشه جنس مؤنث آهن.

٢- وٽ، ڪمٽ، (ڪڏهن ڪالو هن مان وٺا ... وغيره
هوندا آهن) دل، ماس، چس، وس، ...... وغيره. ٻار
ڏسندا ته انهن سڀني جون جنسون به مؤنث آهن.

هن ڪالهوءِ شاگردن کي پڌائو ۽ لوٽ ڪرايو ته "ـ"
پڇاڙيءَ وارا واحد اسم گهڻو ڪري مؤنث آهن.
جهونڪ ڪي اهڙا مذڪر به آهن جهڙوڪ ته سيٺ،
مسٽر ...... وغيره.

٣- (الف) السي، ٻچ، ڪل، ڄاڻ، لڙ، ٻور، چم ... وغيره
(ب) ڪمي، ڪس، ڪنڌ، ڳوڙ، ڪار ...... وغيره
ٻار ڏسندا ته (الف) وارا اسم مذڪر ۽ (ب) وارا
اسم مؤنث آهن. هن ڪالهوءِ شاگردن کي پڌائو ۽ لوٽ

ڪرايو تہ "ون" پڇاڙي وارا واحد اسم ڪي مذڪر ۽
ڪي مونث آهن.

(۴) (الف) ٻلا، ڍڳا، ٻڪرا، (ب) راجا، داڏا، ٻچا،
ٻار ڏسندا تہ (الف) وارا اسم جنس ۾ مونث آهن ۽
(ب) وارا اسم جنس مذڪر آهن تنهنڪري ڪم پڙهائيندڙ
۽ نوٽ ڪرائي تہ "جن واحد اسمن جو ٻهوچن اچار آواز
"ا" سان آهي، تن مان ڪي مذڪر ۽ ڪي مونث
آهن. نوٽ - "آ" پڇاڙيءَ وارا مذڪر اسم گهڻو
ڪري جاندار هوندا آهن.

(۵) ڏلو، ڪنولو، ڪلو، سلو، ونو، لٺو، الو......
وغيره. ٻار ڏسندا تہ اهي جي جنس مذڪر آهي،
تنهن ڪان پوءِ شاگردن کي نوٽ ڪرايو تہ "جن واحد
اسمن جو ٻهوچن آواز "و" آهي، سي هميشہ جنس
مذڪر ۾ آهن."

(۶) (الف) ڪدو، ڏوڏالو، آلو، ڪچالو.........
وغيره.

(ب) آبرو، بو، (بوءِ)...... وغيره.

ٻار ڏسندا تہ (الف) وارا اسم جنس مذڪر ۾ ۽
(ب) وارا مونث ۾ آهن. تنهنڪري اوهين شاگردن
کي پڙهايو ۽ پوءِ نوٽ ڪرايو تہ "او" پڇاڙيءَ آواز وارا
واحد اسم ڪي مذڪر ۽ ڪي مونث آهن."

(الف) ٻلون، ڳڙون، چاڪون، ڄمون، لالون وغيره

(ب) پوڙ (پوکڻ-زمين) ھاڻوڪن کي ڏسڻ ۾
ايندو ته (الف) وارا اسم مذڪر ۽ (ب) وارا اسم مونث
آھن. ان کان سوءِ ڪن لوڪ ڪرائو ته "ڪن واحد اسمن
جو پويون آواز (ـه) اوڻ آهي سي مذڪر ۽ آهن ۽
مونث ـه."

(٨) الف- ڪلي، ٻڙي، ماڻي، ککڙي، ٻلڪي،
جهلي ...... وغيره.
(ب) ماڻي (ماڻس) مولي (موليءَ جو داڻو) ٻڪي
(ٻاڪچات جو ٻر ٻڙس) وغيره.

هاڻي ڪي ڏسڻ ۾ ايندو ته (الف) وارا سڀ اسم
مونث ۽ (ب) وارا سڀ مذڪر آهن. ان ڪاڻ شاگردن
کي پڌرو ۽ لوڪ ڪرائو ته "اي پڇاڙيءَ وارا اسم ڪي
مذڪر ۽ ڪي مونث آهن ان ڪاڻ سڀني جو لسٽ
ڪيارائي هن ريت بورڊ تي لکو.

سڀني ٻي جان اسمن جون جنسون هيٺين قاعدن
مطابق سهي ڪري سگهجن آهن.

(الف) "ڙي" پڇاڙيءَ وارا ٻي جان واحد اسم گهڻو ڪري
مونث آهن.

(ب) "او" پڇاڙيءَ وارا ٻي جان واحد اسم گهڻو ڪري
مذڪر آهن. (مثلا) ...، او، اوڻ، اي پڇاڙين وارا
ٻي جان واحد اسم ڪي مذڪر ۽ ڪي مونث آهن.

# سبق ائون

## "حالتون"

هيٺيان جملا بورڊ تي لکي ھن وانگر شاگردن کي سمجھايو:-

(١) صابو هڪ غريب ڇوڪر آهي، انهن ڪري ويچارو ڏکيو ٿيو گذاري.

(٢) حبيب شاهوڪار ماڻهو آهي، تنهن ڪري هميشه ٿيو مزا ماڻي.

سمجھائي ھن ريت ڏيو:-

ٻنهي جملن مان معلوم ٿو ٿئي ته صابوءَ جو حال ڇگو نه آهي، يعني هن جي حالت چڱي نه آهي. ٻئي جملي مان معلوم ٿو ٿئي ته حبيب جو حال چڱو آهي، يعني هن جي حالت چڱي آهي.

(٣) هاري سڄو ڏينهن اس ۾ ٿيو سڙي.

(٤) مزدور سڄو ڏينهن ڪم ۾ ٿيو ڳري.

(٥) زميندار سڄو ڏينهن اوطاق ۾ ٿيو آرام ڪري.

(٦) نواب ٻيا عيش ڪن.

ٽئين ۽ چوٿين جملي ۾ "هاري ۽ مزدور" جي حالت ڏکائيڪ آهي (هو ٻئي تڪليف ۾ آهن).

پنجين ۽ ڇهين جملي ۾ "زميندار ۽ نواب" جي حالت سک واري آهي (هو ٻئي آرام ڪن).

اهو ريت شاگردن جي ذهن ۾ ويهاريو ته ماڻهوءَ ريت هو ڪنهن زماني ۾ چڱيءَ يا خراب، ڏکي يا سکي حالت ۾ رهي ٿو، تيئن ريت اسم به جملي ۾ ڪن حالتن ۾ رهي سگهن ٿا. اسم کي جملي ۾ جن حالتن ۾ ڀيٽڻو پوي سي پنج آهن:-

(١) حالت فاعلي (٢) حالت مفعولي (٣) حالت جري (٤) حالت اضافي (٥) حالت ندا.

# سبق نائون

## "حالت فاعلي"

**هن سبق سمجهائڻ واسطي هيٺيان جملا بورڊ تي لکي منجهائن فعل چونڊائي بورڊ تي لکو، هن ريت:-**

(١) احمد ڊوڙي ٿو. (٢) صديق هر ڪاهي ٿو.
(٣) ڇوڪرو پڙهي ٿو. (٤) باغائي انب پٽي ٿو.

**بورڊ تي فعل هن ريت لکجن**

(١) ڊوڙي ٿو. (٢) ڪاهي ٿو. (٣) پڙهي ٿو.
(٤) پٽي ٿو. شاگردن کان هيٺيان سوال ڪري انهن جا جواب وٺو ۽ درست ڪرايو.

(١) ڊوڙڻ جي ڪم ڪرڻ وارو ڪير آهي؟
(جواب:- "احمد").
(٢) ڪاهڻ جي ڪم ڪرڻ وارو ڪير آهي؟

( جواب :- "صديق" ).

(٤) ٻڍي جي ڪم ڪرڻ وارو ڪير آهي؟

( جواب :- "ڇوڪر" ).

(٥) ٻڪري جي ڪم ڪرڻ وارو ڪير آهي؟

( جواب :- "باغائي" ).

اهڙا ڇوڪرو اوري ٿي اڪيل فعلن ٻلهان هدايت لکو:-

(١) ڏوڙي ٿو (ڪير؟) "احمد"

(٢) ڪاهي ٿو (ڪير؟) "صديق"

(٣) ٻڌي ٿو (ڪير؟) "ڇوڪر"

(٤) ٻڪي ٿو (ڪير؟) "باغائي"

هن ڪان پوءِ شاگردن کي ٻڌايو ته ڏوڙڻ وارو "احمد" ڪاهڻ وارو "صديق" ٻڌڻ وارو "ڇوڪر" ٻڪڻ وارو "باغائي" اهي سڀئي اسم آهن اِهن مان هر هڪ پنهنجي پنهنجي جملي واري فعل جو ڪندڙ آهي (فعل وارو ڪم ڪري ٿو)

اهڙيءَ ڪا پوءِ شاگردن کان لوڇ ڪرايو ته اهو اسم جو فعل واري ڪم جو ڪندڙ هجي تنهن کي ان فعل جو "فاعل" چوندا آهن.

" فاعل معنيٰ آهي ڪم ڪرڻ وارو.

(٦) هيٺيان جملا لکي ورڪي سمجهايو:-

١- مراد اڄ اسڪول ۾ آهي.

٢- هاشم ڪلهه اسڪول ۾ هو.

۳- ماستر سپاهي هوندو.

انهن مان فعل چونڊائي بورڊ تي لکو جي لفظ وار ”آهي، هو ۽ هوندو“ آهن. شاگردن جي مغز ۾ وهاريو ته پهرئين جملي مان مراد جي اڄ صبح جي ٻڌي مان هاشم جي ڪلهه صبح جي، ٽئين مان ماستر جي سپاهي هئڻ جي خبر پوي ٿي. هنن پهرئين جملي ۾ مراد، ٻئي ۾ هاشم ۽ ٽئين ۾ ماستر فاعل آهي، هن قسم جي لفظن اهي ٽئي فاعل ڪري ڪو ڪم ڪيتا يعني انهن بابت ڪا خبر پوي ٿي. اهي ڪري چئبو ته فاعل اهو آهي جنهن بابت جملي مان ڪا خبر پوي. ان کان پوءِ شاگردن کي لوڌ ڪرايو ته ”اهو اسم جو جملي ۾ آيل فعل جو ڪم ڪندڙ هجي يا جنهن بابت جملي مان ڪا خبر ملي“ ”ڪڏهن ڪي ان فعل جو فاعل چوندا آهن“ ۽ هي ٻڌائي ڪرايو ته جيڪي اسم فعل جو فاعل هوندا آهن تن جي ”حالت فاعلي“ هوندي آهي.

## استعمال سوال

هيٺين جملن مان فاعل چونڊيو.

۱- ولي محمد اڄ ڳڙهي ياسين ويو.

۲- سومر واپار ڪندو آهي.

۳- لطيف پنهنجي گهر ۾ رهندو آهي.

۴- رمضان ڪالهه باغ ۾ ويو هو.
۵- سالم اسڪول کان پوءِ ڇڏي.
۶- سليمان اڄ ٻهراڙي کان موٽندو.

# سبق ڏهون

## "حالت مفعولي"

هيٺيان جملا پڙهو ۽ لکي انهن مان فعل ۽ فاعل چونڊي ٻاهر ڪڍو هن ريت لکو:-

١- دادو دروازو کولي ٿو.
٢- قاسم چانور کائي ٿو.
٣- نواز علي خط لکي ٿو.
۴- محمد ماني کائي ٿو.
۵- قاسم هڪ ماري ٿو.

پهرين جملي ۾ فعل آهي "کولي ٿو" ۽ فاعل "دادو" ٻئي جملي ۾ فعل آهي "کائي ٿو" ان جو فاعل آهي "قاسم" ٽئين جملي ۾ فعل آهي "لکي ٿو" ۽ فاعل آهي "نواز علي" چوٿين جملي ۾ فعل آهي "کائي ٿو" ۽ فاعل آهي "محمد" پنجين جملي ۾ فعل آهي "ماري ٿو" ۽ فاعل آهي "قاسم".
استاد ٻڌو شاگردن کي هيٺيون ڪمن ڪرڻون ٻڌائيو.
جملي (١) ۾ دادو فاعل آهي ۽ کولي ٿو فعل آهي.

سوال ٿئي ٿو ڇا ٿو ٺاهي؟ جواب ملي ٿو "دروازو" ٺهڪري دروازو مفعول آهي فعل ٺاهي ٿو جو، ٺهڪري دروازي جي حالت مفعولي ٿيندي.

اهڙي طرح ڪاسائي ڪهن کي ٿو ڪهي؟ ڇيلي کي.

نواز علي ڇا ٿو لکي؟ ڪتاب.

محمد ڇا ٿو کائي؟ ماني.

قاسم ڪنهن کي ٿو ماري؟ هن کي.

مٿين جملن ۾ ڏسندا ته جيڪڏهن دروازو، ڇيلو، ڪتاب، ماني، هن کي، اهي لفظ ان لکجن ها ته جملن مان پورو مطلب نڪري ڪين سگهي ها. ٺهڪري انهن سڀني لفظن جي حالت مفعولي آهي. مفعول معنيٰ آهي جنهن تي ڪم ٿئي يا جيڪو ڪم سهي.

**جملي ۾ جيڪو اسم مفعول آهي تنهن جي حالت مفعولي آهي.**

### " استعمال لاءِ سوال "

هيٺين جملن مان اهي اسم چونڊيو جن جي حالت مفعولي آهي.

١- باغائي باغ مان انب پٽيا.
٢- اڄ ڪل ٻني آيو آهيان.
٣- وڏو ڪاٺ چيري ٿو.
٤- ماڻهو ڪاٺي وڍي ٿو.

هيٺين جملن مان اهي اسم چونڊيو جن کي جملي ۾ آيل فعل جو اثر لڳي ٿو:-

٥- اسين هي ٻه ڇوڪرو هن اسڪول کي ڇڏيون آهن.

٦- ولايت جي ڪارخانن ۾ ڪاريگر ڪچي مال مان عمدو سامان ٺاهيندا آهن.

٧- پاڪستان ۾ به ڪي اهڙا ڪاريگر آهن جي ولايتي مال جهڙو تيار ڪري سگهن ٿا.

هيٺين جملن ۾ جن اسمن جي حالت مفعولي آهي سي لکو.

٨- غلام نبيءَ هن کي ڏاڍو ماريو آهي.

٩- شاهنواز جوتو ٽوڪي آهي.

١٠- شير علي مڇون ٿو ڪتري.

١١- بگهڙ رڍ ماري ويو.

# سبق ٻارهون

## "حالت جري"

سبق جي شروع ۾ شاگردن کي ياد ڏيارڻ لاءِ استاد پڇي آيا اهو ته "حرف جر" اهو لفظ آهي جو جملي ۾ ڪنهن اسم يا ضمير جي پٺيان اچي؟ اڳئين ۽ پوئين لفظ جو پاڻ ۾ لاڳاپو ڏيکاري جملي جو صحيح مطلب ظاهر ڪري ٿو. ان کان پوءِ هيٺيان جملا بورڊ تي ڏاڍو لکو هن ريت:-

١- مون تان ڪتاب کڻي ڏي.

٢- ٻڪر مان ٻيو لاٿائين.

٣- ٻوري کي الٽ ڏنائون.

چونڊيل حرف جر ٻوڙ لي هن ريت لکو:-
تان، مان، کي. انهن کي سمجهايو ته اسان حرف جر سکڻ وقت سکي آيا آهيون ته جيڪڏهن جملي مان حرف جر ڪڍي ڇڏيو ته لفظ مان صحيح مطلب ڪونه نڪرندو. وڌيڪ ٻڌايو ته:-

١- ''تان'' حرف جر، ميز جو ڪتاب سان لاڳاپو ڏيکاري، ان ڪري جملي مان پورو مطلب نڪري ٿو ميز جي حالت جري ڇٽي سمان تان حرف جوجي.
٢- ''مان'' حرف جر، ٻڪر جو ٻين سان لاڳاپو ڏيکاري ٿي تنهن ڪري ٻڪر جي حالت جري ڇٽي.

٣- ''کي'' حرف جر، ٻوري جو الٽ سان لاڳاپو ڏيکاري ٿي تنهن ڪري ٻوري جي حالت جري ڇٽي.

هن مان ظاهر آهي ته اسم جن جي پٺيان حرف جر اچي ٿي؛ اهڙي طرح انهن جو لاڳاپو ٻين لفظن سان ڏيکاري پورو مطلب ظاهر ڪري ٿي اهڙن اسمن جي حالت ''جري'' هوندا آهن.

جرجي لفظ جي معنيٰ آهي "لاڳاپو ڏيکاريندڙ"، هوءِ شاگردن کان لکرائبو ته "حالت جري" اسم يا ضمير جي اها حالت آهي جا سندس لاڳاپو ٻين لفظن سان ڏيکاري جملي جو صحيح مطلب ظاهر ڪري.

## استعمالي سوال

۱- ڪهڙن لفظن کي حالت جري لائي سگهبو؟

۲- حالت جري ڇاکي چئجي؟

هيٺين جملن مان اهي اسم چونڊيو جن جي حالت جري هجي.

۳- مون لاءِ الب آڻج.

۴- سندس ڳالهائڻ مڃيان تي معلوم ٿو ٿئي ته ڏوهه ان جو آهي.

۵- صرف ٽڪي تي نه ٻچالبو آهي.

۶- لهمي ۾ لوڻ ۽ مرچ وجهي ٽڪي تي گرم ڪري کاءُ.

# سبق يارهون

## "حالت اضافت"

هيٺيان جملا بورڊ تي لکي انهن مان حالت جريءَ وارا لفظ ۽ حرف جر چونڊائي بورڊ تي لکو:-

۱- حاجيءَ وارو گهوڙو اڄ مون ورتو.

۲- هادي بخش جو والد ڏاڍو سٺو آهي.

۳- تو سعد ۽ اسد جون ڪاهڻ ورتا.

٤- هن واري ڳالهه مان ڇا ڄاتي.

حرف جر جا آهي لفظ جن جي حالت جري آهي.

وارو- حاجيءَ جي حالت جري آهي.

جو- هادي بخش جي حالت جري آهي.

سندو- لو جي حالت جري آهي.

واري- هي جي حالت جري آهي.

هن ڳالهه شاگردن کي هيٺين ريت سمجهائي ڏيو.

"وارو" حرف جر حاجيءَ ۽ گهوڙي جو لاڳاپو ڏيکاري ظاهر ڪري ٿو ته "حاجي" گهوڙي جو مالڪ آهي.

"جو" حرف جو هادي بخش ۽ ڏاند جو لاڳاپو ڏيکاري ظاهر ڪري ٿو ته "هادي بخش" ڏاند جو مالڪ آهي.

"سندو" حرف جو "لو" ۽ "اٺ" جو لاڳاپو ڏيکاري ظاهر ٿو ڪري ته لون اٺ جو مالڪ آهن وغيره.

وري ٻيا جملا وٺو جن ۾ آيل ڪن اسمن جي حالت جري هجي ۽ مالڪيءَ جو لاڳاپو نه هجن. منجهائين حالت جري وارا لفظ چونڊائي لکو:-

١- لو لام صوف آندو آهه.

٢- خالق ۾ مس رکي آهه

٣- احمد ڏنت ٻيج رڌيا آهن.

٤- هن کان قلم ورتو.

## حالت جري لفظ

”تو“ ”عالي“، ”احمد“ ۽ ”هن“ جي حالت جري آهي. ڇاڪاڻ ته اهي لفظن جي پٺيان ڪري ڏيکاريا ته هن جو ٻئي جملي وارن لفظن مان ڪي سان مالڪيءَ جو لاڳاپو نه آهي. ان کان پوءِ شاگردن کي اوت ٺاربو ته ” جڏهن ڪي حرف جر ڪن اسمن جي پٺيان اچن ۽ انهن جو ٻين اسمن سان مالڪيءَ جو واسطو ڏيکارين ته جي حالت اضافت چئبي آهي.“

نوٽ:- حالت اضافت حالت جري جو هڪ قسم آهي.

### ” استعمال لاءِ سوال “

هيٺين جملن مان ڪهڙن لفظن جي حالت اضافت آهي ۽ ڪهڙن جي حالت جري.

١- آءٌ ٻار وارو ڪتب تو لاءِ کڻي آيو هيان.

٢- هن کي ڪپي ۽ لمهٺور ڪتاب اوکي موڪائي ڏني.

٣- گدڙ ۽ ٻيا جهنگلي جانور رات جو ٻاهر نڪرندا آهن.

٤- ٻچل سنڌو ڪتاب تو وٽ آهي.

# سبق ٻارهون

## "حالت ندا"

هي جملا بورڊ تي لکو، انهن مان اسم چونڊيو جن کي سڏ ڪيل آهي ۽ انهن کي بورڊ تي ڌار لکو:-

١- او احمد! هيڏانهن اچ؟

٢- اڙي ارباب! هن وقت سوڙهو ڪٿي هئين؟

٣- سومار! ڪيڏانهن ٿو وڃين؟

٤- عثمان! ڪاله ڪي وٺي آءُ؟

## چونڊيل اسم

١- احمد ٢- ارباب

٣- سومار ٤- عثمان

شاگردن کي ٻڌايو ته احمد جي اڳيان "او" (حرف ندا) ارباب جي اڳيان "اڙي" (حرف ندا) آيل آهي. پر "سومار ۽ عثمان" جي اڳيان اهڙو حرف ندا ڪم آيل ڪونه آهي ان هوندي به "او يا اڙي" لفظ سمجهي اڳيان ڳڻڻو آهي. انکان پوءِ شاگردن کي ٻڌايو ۽ نوٽ ڪرايو ته:-

**"اهي لفظ جن جي اڳيان حرف ندا جو ڪو لفظ سڏ ڪرڻ لاءِ آيل هجي يا سمجهائڻ ڪاڻ سڏ ڪرڻ جي معنيٰ نڪري ٿي تن جي حالت ندا آهي."** ندا لفظ جي معنيٰ آهي ته "سڏ ڪرڻ."

نوٽ:- شاگردن کي ٻڌايو ته اوهان کي مٿي ٻڌايو
ويو آهي ته اسم سان پنج حالتون لڳنديون آهن.

## استعمالي سوال

هيٺين مان حالت ندا وارا اکر چونڊيو ؟

۱- مٺو! احمد ڪٿي آهي ؟
۲- ارباب! تون چوڪنو سکر ويو آهين ؟
۳- بهادر! اڄ ته سکر هلون ؟
۴- رستم! لوڪي هاشم چيو ڇولي ته مون سان ملي وڃ؟
۵- سهراب! هيترا ڏينهن ڪٿي هئين ؟

## حالتن جو چارٽ

حالتون پنج آهن.

۱- حالت فاعلي:- اسم يا ضمير جي اها حالت آهي
جڏهن ڪنهن جملي ۾ اچي ته واسطيدار
اسم يا ضمير فعل جو فاعل آهي.

۲- حالت مفعولي- اسم يا ضمير جي اها حالت آهي
جڏهن ۾ فعل جو اثر واسطيدار اسم يا
ضمير يعني مفعول تي لڳي.

۳- حالت جري- اسم يا ضمير جي اها حالت آهي
جڏهن ان لفظن سان لاڳاپو ظاهر
ٿئي ته ڪا ڪنهن جي.

٤- حالت اضافت- اسم يا ضمير جي اها حالت
آهي جا واسطيدار اسم يا ضمير
جو جملي ۾ ٻئي اسم سان مالڪي
جو لاڳاپو ڏيکاري.

٥- حالت ندا- اسم جي اها حالت آهي جنهن
۾ ظاهر ٿئي ته واسطيدار اسم
کي سڏ ڪيل آهي.

## سبق چوڏهون

## اسم جي گردان

شاگردن جو ڌيان ڇڪائبو ته اهي مٿي سکي آيا آهن ته اسم کي جملي ۾ مختلف حالتن ۾ بيهاري سگهندا آهيون. ساڳئي اسم کي عدد موافق واحد ۽ جمع ۾ به ڦيرجي ٿو. حالتن جي ڦيرائڻ کي اسم جو گردان چوندا آهن. گردان معنيٰ آهي ڦيرو ڪرڻ. اڳئين کان وٺي شاگردن کي سمجهائڻ لاءِ هيٺيان گردان ڏجن ٿا، لکي شاگردن کي ڪري ڏيکاريو.

### ١- اسم (گهوڙي) جو گردان

| حالت | عدد واحد ۾ | عدد جمع ۾ |
|---|---|---|
| حالت فاعلي | گهوڙو آيو | گهوڙا آيا |
| حالت مفعولي | گهوڙي کي نه مار | گهوڙن کي نه مار |
| حالت جري | گهوڙي وٽ نه وڃ | گهوڙن وٽ نه وڃ |

حالت اضافت گهوڙي جو ڪن وڍ. گهوڙن جا ڪن ... ر
حالت ندا. اي گهوڙا هيڏانهن اچ. اي گهوڙا هيڏانهن اچ

## اسم (زال) جو گردان

| | | |
|---|---|---|
| حالت فاعلي. | زال آئي | زالون آيون |
| حالت مفعولي. | زال کي وٺي اچ | زالن کي رلي ... |
| حالت جري. | زال لاءِ چولو آڻ | زالن لاءِ چولا آ... |
| حالت اضافت. | زال جو گهر ڏس | زالن جا گهر ڏ... |
| حالت ندا. | اي زال! گهر وڃ | اي زالون گهر وڃ... |

## سبق پنڌرهون

### "اسم جي عام صورت"

عام صورت سمجهائڻ لاءِ ٻروڌ ڇوڪر ... جو
گردان لکو هن ريت:-

| حالت | عدد واحد ۾ | عدد جمع |
|---|---|---|
| حالت فاعلي. | ڇوڪرو | ڇوڪر (ڇوڪرا) و... |
| حالت مفعولي. | ڇوڪر کي ماڙهو ... | ڇوڪرن کي ... |
| حالت جري. | ڇوڪر لاءِ قلم وٺ | ڇوڪرن لاءِ قلم وٺ... |
| حالت اضافت. | ڇوڪر جو ڪتاب کڻ | ڇوڪرن جا ڪتاب ک... |
| حالت ندا. | اي ڇوڪرا ڪيڏانهن ٿو وڃين. | اي ڇوڪرو (ڇوڪ... ڪيڏانهن ٿا وڃو |

هن گردان ۾ شاگردن کي ڄاڻايو ته، حالت فاعلي

۾ عدد واحد ۾ ”ڇوڪر“ (لفظ آيل) آهي جو حالت
مفعولي، حالت جري ۽ حالت اضافت ۾ ٿئي
”ڇوڪرن“ ٿي ويو آهي. ساڳيءَ ريت حالت فاعلي
۾ عدد جمع ۾ ”ڇوڪر“ (لفظ آيل) آهي سو ٻين
ٽنهي حالتن ۾ ٿئي ”ڇوڪرن“ ٿيو آهي. هن
مان ڏسجي ٿو ته اسم جو گردان ڪرڻ وقت حالت
مفعولي، حالت جري، حالت اضافت ۾ عدد واحد ۾
اوڙي عدد جمع ۾ هڪ جهڙيون شڪليون (صورتون)
وٺي ٿو. ان کان پوءِ شاگردن کي نوٽ ڪرايو ته
”اسم جي عام صورت اها ساڳي شڪل آهي جا هو
گردان ڪرڻ وقت حالت مفعولي، حالت جري ۽
حالت اضافت ۾ وٺي ٿو.“

## سبق سورهون

## ”اسم جا گردان هلائڻ“

هن سبق ۾ اسم جي گردان سمجهائڻ لاءِ ٻه هڪ
واسطيدار اسم کي جملن ۾ حالت موافق ڦيرائڻو وڃي
آهي، جنهن ڪري حالتون چٽيون ٿي پيون آهن.
ٻئي هن سبق ۾ شاگردن کي فقط واسطيدار اسم جي
گردان ۾ رڳو حالت سمجهائڻ کپي، ٻيو ٻيو عملي جو
ضرور ڪرائجي.

## ”اسم هاٿي جو گردان“

| حالت | عدد واحد | عدد جمع ۾ |
| --- | --- | --- |
| ” فاعلي | هاٿي | هاٿي |
| ” مفعولي | هاٿيءَ کي | هاٿين کي |
| ” جري | هاٿيءَ کان | هاٿين کان |
| ” اضافت | هاٿيءَ جو | هاٿين جو |
| ” ندا | اي هاٿي ! | اي هاٿي |

## (٢) اسم (ٻلي) جو گردان

| | | |
| --- | --- | --- |
| ” حالت فاعلي | ٻلي | ٻليون |
| ” مفعولي | ٻليءَ کي | ٻلين کي |
| ” جري | ٻليءَ کان | ٻلين کان |
| ” اضافت | ٻليءَ جو | ٻلين جو |
| ” ندا | اي ٻلي | اي ٻليون |

## (٣) اسم (گانءِ) جو گردان

| | | |
| --- | --- | --- |
| حالت فاعلي | گانءِ | گانئون |
| ... | گانءِ | گانئين |

## سبق سترهون

## فعل جو قسم

## (١) ”فعل لازمي“

شاگردن جو ڌيان چڪايو ته انسان اڳي ڪي آهي

آهيون ته ”فعل اهو لفظ آهي جو جملي ۾ ڪنهن شيءِ جي
سمجهه جي معنيٰ ڏيکاري.“

هاڻي اسين فعل بابت وڌيڪ احوال لکنداسون.

هن لاءِ بورڊ تي هيٺيان جملا لکو:-

(١) منهنجا ڪتاب ڪٿي آهن؟
(٢) منهنجو ڪتاب ڪٿي آهي؟
(٣) منهنجا ڪتاب ڪٿي هئا؟
(٤) منهنجو ڪتاب ڪٿي هو؟
(٥) منهنجا ڪتاب ڪٿي هوندا؟
(٦) منهنجو ڪتاب ڪٿي هوندو؟

هيٺين جملن مان فاعل ۽ فعل چونڊائي هن ريت بورڊ تي لکو:-

| فاعل | فعل |
|---|---|
| (١) منهنجا ڪتاب | آهن |
| (٢) منهنجو ڪتاب | آهي |
| (٣) منهنجا ڪتاب | هئا |
| (٤) منهنجو ڪتاب | هو |
| (٥) منهنجا ڪتاب | هوندا |
| (٦) منهنجو ڪتاب | هوندو |

شاگردن کي سمجهايو ته مٿين جملن مان هرهڪ جملي ۾ جتي فعل جو فاعل جمع مذڪر آهي ته فعل به جمع مذڪر ۾ آهي ۽ جتي فاعل واحد مذڪر

۽ آهي ته فعل ۾ واحد مذڪر ۽ آهي. تنهن ڪري
چئبو ته "اهي سڀئي فعل پنهنجي فاعل سان لڳل آهن
۽ سڀئي فعل پنهنجي فاعلن وانگر عدد ۾ مٽجن ٿا.
جملن مان فعل جي هٽڻ جي ڪري پوري ٿي.
(٢) سمجهاڻين پورو مطلب نه ڪري ٿو.

وري هيٺيان جملا پورا ڪري لکو:-

ب (١) اسان جو ڪم ٿئي ٿو. (٢) اسان جا ڪم ٿين ٿا. (٣) اسان جو ڪم ٿيو. (٤) اسان جا ڪم ٿيا. (٥) اسان جو ڪم ٿيندو. (٦) اسان جا ڪم ٿيندا.

هنن مان ب- فاعل ۽ فعل متعين وانگر ڌار ڌار جوڙائي پورا ٿي لکي متعين وانگر سمجهايو ته "هي فعل ۽ فاعل سان لڳل آهن. فاعل جي لفظ جي معنى ڏيکارين ٿا. جملن مان پورو مطلب نڪري ٿو ۽ فاعلن وانگر عدد ۾ مٽجن ٿا."

وري هيٺيان جملا پورا ڪري لکو:-

(ت) (١) ڇوڪر ڊوڙي ٿو. (٢) ڇوڪر ڊوڙن ٿا.
(٣) ڇوڪري ڊوڙي ٿي (٤) ڇوڪريون ڊوڙن ٿيون
(٥) عورت ڊوڙي ٿي. (٦) هو ڊوڙن ٿيون.

ساڳيءَ ريت فعل ۽ فاعل جدائي پورا ٿي لکو ۽ سمجهايو ته "هي فعل ب- فاعل سان لڳل آهن. سمجهاڻين ڪرڻ جي معنى نڪري ٿي ۽ فعلن مان

پورو مطلب اڪري ٿو ۽ فعل ٻڌائجي فاعل وانگر جنس
۽ عدد مٽجي ٿو. ان ڪالپوءِ شاگردن کي ٻڌايو ۽ لوت
ڪرايو ته اهڙا فعل جن مان هڪڙي، ٻئي، ٽي ڪوڙ جي
ضرورت ڪري ۽ جملي مان پورو مطلب ظاهر ٿئي ۽ اهي
ل فاعل سان لڳل هجن ته ڪــي فعل لازمي چئبو
آهي. لازمي معنيٰ آهي لڳل، يعني جو فاعل سان
لڳل هجي.

# سبق ارڙهون

## فعل جا قسم (٢- فعل متعدي)

**فعل جي سمجهاڻي واسطي هيٺ جملا بورڊ تي هن ريت لکو:-**

(١) هاري پوکي ٿو. (٤) هاري جوئر پوکي ٿو.
(٢) باغائي پٽي ٿو. (٥) باغائي گل پٽي ٿو.
(٣) واڍو ٺاهي ٿو. (٦) واڍو در ٺاهي ٿو.

**١-٢-٣ جملن مان فاعل ۽ فعل چونڊائي هيٺ لکيل نموني تي لکو:-**

| جملو | فاعل | فعل |
|---|---|---|
| (١) | هاري | پوکي ٿو. |
| (٢) | باغائي | پٽي ٿو. |
| (٣) | واڍو | ٺاهي ٿو. |

شاگردن کي ٻڌايو ته هنن مان ظاهر ٿئي ٿو ته فاعل

ڪپڙا ڌوئي ٿو، پر ٻئي حصي مان اهي ڳالهيون ته ڪو ڇا ٿو ڪري، نمبر ۴-۵ ۽ ۶ جملي مان معلوم ٿئي ٿو ته :-

(۴) فاعل (ڌوٻي) ڌوئڻ جو ڪم ٿو ڪري.

(۵) فاعل (بادشاهه) ڪٽڻ جو ڪم ٿو ڪري.

(۶) فاعل (واڍو) در ٺاهڻ جو ڪم ڪري ٿو.

(يعني فاعل جو ڪم ڪن ٿا (يا اسم فعل وارا ڪم سهن ٿا.

ٻيءَ صورت ۾ چئجي ته ٻين ڪم جو اثر لڳي ٿو ان ڪان پوءِ شاگردن کي پڙهايو ۽ لوڻ ڪرايو ته اهڙا فعل جي ذريعي ته فاعل ڪو ڪم ڪن ٿا پر انهن جو اثر ڪن ٻين اسمن تي لڳي ٿو تن کي فعل متعدي چوندا آهن."

جن اسمن تي فعل جو اثر لڳي ٿو جيئن ته " جوتو گل ۽ در، تن کي فعلن جو مفعول چئجي ٿو يعني جوتو، گل ۽ در، مفعول آهن ڇوکي تن تي اثر ۽ لاڳو ٿو فعل جا."

## استعمالي سوال

(۱) فعل ڇا آهي؟

(۲) فعل جا ڪهڙا ۽ ڪيترا آهيون؟

(۳) فعل لازمي ڇا کي چئجي؟

(۴) فعل متعدي ڇا کي چئجي؟

## فعل جو چارٽ نمبر ۱

### مکيه فعل ٻه آهن

### ۱- فعل لازمي

اهو فعل آهي جنهن کي فاعل جي ٻڌائڻ لکڻ سان جملي جو مطلب پورو ڪري سگهي، جيئن ته "هاشم اچي ٿو" "هاشم" فاعل آهي ان جي ٻڌائڻ "اچي ٿو" فعل لکڻ سان جملو پورو ٿيو ۽ ان جو مطلب صاف سمجهه ۾ آيو.

### ۲- فعل متعدي

اهو فعل آهي جنهن مان مفعول نه ڏيڻ ڪري مطلب نه نڪري ۽ جملو اڻپورو رهجي وڃي جيئن ته "هاشم کاڌو" هن جملي مان مطلب پورو نٿو نڪري ته ڇا کاڌائين. هن فعل واري جملي ۾ فاعل سان گڏ مفعول جو هجڻ ضروري آهي جيئن خبر پوي ته فاعل جي ڪم جو اثر ڪنهن مفعول تي ٿيو جيئن ته "هاشم ماني کاڌي" يعني هاشم فاعل آهي ۽ کاڌي فعل آهي ۽ ماني مفعول آهي.

### استعمالي سوال

هيٺين جملن ۾ آيل فعل ۽ مفعول ڪهڙا آهن؟

(۱) رازق ڏلو ڪالهه شڪارپور مان آيو.
(۲) فيض محمد اڄ لکيءَ تي ويو.
(۳) صاحبڏاڻ ڪتاب پڙهندو آهي.
(۴) مولانا صاحب وعظ ٿي ڪيو.

(۵) عبدالمجيد اکڙ ٻيو کڻي.
(۶) شاهه محمد ڪتاب ڪٽي ويو.

# سبق اوڻيهون

هن جي سمجهائڻ لاءِ هيٺيان جملا بورڊ تي لکو:-

(۱) ڇوڪر اچ آيو (۲) ڇوڪر اچ آيا
(۳) ڇوڪري اچ آئي (۴) ڇوڪريون اچ آيون

شاگردن کي هن ريت سمجهايو:-

(۱) "ڇوڪر" فاعل عدد واحد ۾ آهي ته فعل "آيو" به عدد واحد ۾ آهي.
(۲) "ڇوڪر" فاعل عدد جمع ۾ آهي ته فعل "آيا" به عدد جمع ۾ آهي.
(۳) "ڇوڪري" فاعل عدد واحد ۾ آهي ته فعل "آئي" به عدد واحد ۾ آهي.
(۴) "ڇوڪريون" فاعل عدد جمع ۾ آهي ته فعل "آيون" به عدد جمع ۾ آهي.

هن مان ڏسجي ٿو ته "فعل هميشه فاعل موجب عدد ۾ ملندي ٿو" وڌيڪ ٻڌايو ته پهرين ٻن جملن ۾ جي فاعل آهن، تن جي جنس مذڪر آهي ته "آيو" ۽ "آيا" فعل جي جنس به مذڪر آهي. پوين ٻن جملن ۾ جي فاعل آهن تن جي جنس مؤنث آهي ته "آئي"

"آيو" فعل جي جنس به مذڪر آهي، تنهن ڪري چئبو ته "فعل فاعل سان ڳالهه جنس ۾ به ٺهڪي ٿو" تنهن ڪري ثابت آهي ته فعل پنهنجي فاعل جي عدد ۽ جنس موافق ملندو آهي (ڪٿي عدد ۽ جنس نه لڳندا آهن) پوءِ ڪان پوءِ شاگردن کي نوٽ ڪرائڻ ته "ترڪيب ڪرڻ وقت فعل جو قسم عدد ۽ جنس ٻڌائڻا پوندا آهن".

ان کان پوءِ فعل جي مثال لاءِ ترڪيب ڪري ڏيکارجي

١- محمد شڪار تي ويو.

٢- نور احمد خط لکيو.

"ويو" فعل لازمي، عدد واحد، جنس مذڪر، فاعل اٿس محمد.

"لکيو" فعل متعدي، عدد واحد، جنس مذڪر، فاعل اٿس نور احمد ۽ مفعول اٿس خط.

ان کان پوءِ استعمال لاءِ فعل جي ترڪيب ڪرائجي.

## استعمالي سوال

١- آهي تندرستي نعمت هڪ عجيب.

٢- ڏٺي منهنجا ڪر مون سان پنهنجو ڪوم.

٣- وقت ضايع ڪيو اجايو جنهن.

٤- چورن ولنکي آڳ جوان غافل ڪمن ٻچن.

٥- پوڙهي ڇا جوان جو لباس نه ڪريان ڪر.

٦- سکيو ڪي حسڪيو جيو ادي الله لوهار.

٧- ڇهه ڄڻا هي ڪم ڪري سگهيا ڪهڙيءَ وار.
نوٽ:- نظم کي نثر جي صورت ۾ آڻي ترڪيب ڪرڻ گهرجي.

## سبق ويهون
## فعل متعدي جا قسم

هن لاءِ هيٺيان جملا نوٽ بڪ ۾ لکو:-
١- فيض احمد چور پڪڙيو.
(ب) فيض احمد سپاهيءَ کان چور پڪڙايو.
٢- نورالدين قمرالدين کي ماريو.
(ب) نورالدين قمرالدين کي ماستر کان مارايو.
مٿين جملن مان هر هڪ جو الڳ فاعل ۽ فعل چونڊي نوٽ بڪ ۾ لکو:-
١- "فيض احمد" فاعل آهي ۽ "پڪڙيو" فعل آهي.
٢- "نورالدين" فاعل آهي ۽ "ماريو" فعل آهي.
(١ جي ب ۾) فيض احمد فاعل آهي ۽ "پڪڙايو" فعل آهي.
(٢ جي ب ۾) "نورالدين" فاعل آهي ۽ "مارايو" فعل آهي.

هن لاءِ هن ڳالهه سمجهايو ته ١ ۽ ٢ جملن ۾ جيڪي فاعل آهن، تن فعلن وارو ڪم پاڻ ڪيو آهي پر ١ جي ب ۽ ٢ جي ب ۾ جيڪي فاعل آهن، تن

فعل وارو ڪم پاڻ نه ڪيو آهي پر ٻئي کان ڪرايو اٿن يا ٻيءَ صورت ۾ چئجي ته فعل وارو ڪم ٻئي جي معرفت يا واسطيداريءَ سان پورو ٿيو آهي اهڙي فعل چارئي متعدي آهن پر پهريان سڌا فاعل پاڻ پورا ڪيا ۽ ٻيا ٻئي جي واسطي سان ڪيل آهن. پهرين ٻن فعلن کي فقط متعدي چئبو ۽ ٻين کي متعدي بالواسطه. بالواسطه جي معنيٰ آهي ٻي واسطيداري (معرفت) سان. اهڙيءَ طرح ٻارن کي هيٺين ريت نوٽ ڪرايو ته "متعدي فعل جا ٻه قسم آهن. (١) ڪي فعل متعدي ۽ ٻيا ڪي متعدي بالواسطه چئبو.

فعل متعدي جي وصف شاگرد اڳ سکي آيا آهن باقي متعدي بالواسطه لاءِ هيٺين ريت نوٽ ڪرايو: "اهڙا متعدي فعل جي سمجهاڻي ته فعل وارو ڪم فاعل پاڻ نه پر ٻئي کان (ٻئي جي معرفت) ڪرايو آهي تن کي متعدي بالواسطه چوندا آهن" انهيءَ استعمال لاءِ سوال ڪرايو.

## استعمالي سوال

(١) ٻن ڄڻن هڪ ٻار کان ڳالهه ڪرائي جهيڙو ڪيو.
(٢) جمعي هٿ سهڻي ڪن لوڻ سومرا ٻن هٿرا
ٻڌايو هار.
(٣) قاضيءَ ٻار هڪ کي ڇا ٻارايو ۽ ٻيءَ کي ڪرائي
ڪيائون.

٤- چورن چمو لڏ لال لٽي، شهر جي ٻاهران هل
هڪ ڏلال جاء پر ورهائيندا سون.

٥- ٻهلول کي ٻوڌ راڻي جو سڏايو سلطان.

٦- سو مڱي، سو گهري، سرڙي آهي نه صلاح.

٧- غريبڻون نه گڏري، او ماڙي ميڙ ملاح.

٨- ڀائو ڀرائين جا او سوڻيو کيڏي ساه.

## سبق ايڪيهون

## فعل متعدي جا قسم

## "متعدي معروف ۽ متعدي مجهول"

## هن جي سمجهائڻ لاءِ بورڊ تي هيٺيان جملا لکو:-

١- مون ماني پچائي. ٢- ماني پچائجي.

٣- مون ڪتاب پڙهيو. ٤- ڪتاب پڙهجو.

٥- مون ماني نوڪر کان پچارائي.

٦- ماني نوڪر کان پچارائجي.

٧- مون ڇوڪرن کان ڪتاب پڙهرايو.

٨- ڇوڪر کان ڪتاب پڙهارائجو.

نمبروار جملن جا متعدي ١- پچائي ٢- پچائجي
٣- پڙهيو ٤- پڙهائجو.

نمبروار متعدي بالواسطه فعل.

٥- پچارائي ٦- پچارائجي ٧- پڙهارايو ٨- پڙهارائجو

وري هرهڪ جملي مان فاعل ۽ مفعول ۽ فعل چونڊائي هن ريت پورب تي لکو:-

| جملو | فاعل | مفعول | فعل |
|---|---|---|---|
| ١- | موهن | مالي | ڀڃائي |
| ٢- | موهن | ڪتاب | پڙهيو |
| ٣- | موهن | مالي | ڀڄارائي |
| ٤- | موهن | ڪتاب | پڙهارايو |

مٿين ڇهني جملن ۾ فاعل معلوم يعني ظاهر آهي ته پوءِ ان جملن ۾ ڪم جو ڪندڙ فاعل هوند باط آهي، تنهنڪري انهن جملن جي فعل کي فعل متعدي معروف چئبو آهي. مگر اوين ان جملن ۾ فعل جو ڪم اهي جي معرفت ڪرايل آهي، تنهن ڪري انهن پوين ان فعلن کي متعدي بالواسطه معروف چئبو. هن سبق جي شروع ۾ ڏنل ٨ جملا وري پورب لي لکو جملي ٢ ۾ مالي ڀڃائڻ وارو (اصلوڪو فاعل ڪم آهي ته، "مالي" مفعول، فاعل جي جاءِ تي آيو آهي ۽ "ڀڃائي" فعل آهي.

(جملي "٤" ۾ ڪتاب پڙهڻ وارو (اصلوڪو فاعل) ڪم آهي ۽ پڙهيو فعل آهي.

(جملي ٦ ۾) مالي ۽ ڀڃائڻ وارو (اصلوڪو) فاعل ڪم آهي

۽ "ماني" مفعول، فاعل جي جاءِ تي آيو آهي ۽ فعل آئي.

(جملي ۸ ۾) ڪتاب پڙهڻ وارو (اصلوڪو فاعل) گم آهي ۽ "ڪتاب" مفعول، فاعل جي جاءِ تي آيو آهي ۽ پڙهائڻو فعل آهي. ڇاڪاڻ ته ٻنهي جملن ۾ اصلوڪا فاعل گم (اڻ ڄاتل) آهن ۽ مفعول ٿي فاعل ٿيا آهن تنهنڪري انهن فعلن کي فعل متعدي مجهول بالواسطه چوندا آهن.

مجهول معنيٰ اڻ ڄاتل، پر مٿين ٻن فعلن متعدي مجهول آهن، ڇاڪاڻ ته متعدي مان ٺهيا آهن ۽ ٻيا ٻه فعل متعدي بالواسطه مجهول آهن ڇاڪاڻ ته هي متعدي بالواسطه مان ٺهيا آهن.

انهن مان ٻه ڳالهيون شاگردن کي ذهن ڪرايو ته:-

۱- اهڙا متعدي فعل جن ۾ اصل فاعل گم ٿي وڃي ۽ مفعول ٿي فاعل ٿئي، انهن کي فعل متعدي مجهول چوندا آهن.

۲- اهڙا متعدي بالواسطه فعل جن جو اصلوڪو فاعل گم هجي ۽ مفعول ٿي فاعل ٿئي انهن کي فعل متعدي بالواسطه، مجهول چوندا آهن.

## امتحاني سوال

۱- متعدي معروف ڇا کي چئجي؟

۲- متعدي مجهول ڇا کي چئجي؟

۳- متعدي بالواسطہ ڇا کي چئجي ؟

۴- فعل متعدي بالواسطہ مجهول ڇاکي چئجي؟

۵- فعل متعدي معروف ۽ فعل متعدي مجهول ۾ فرق ٻڌايو؟

۶- فعل متعدي بالواسطہ مجهول ۽ فعل متعدي مجهول ۾ فرق لکو.

۷- هيٺين مان چوندي ٻڌايو تہ هرهڪ ۾ آيل فعل ڪهڙو آهي؟

(الف) واڍو ڪاٺ چيري ٿو.

(ب) مون ڪٽيءَ کان ڪپڙا ڌئارايا.

(ت) ماستر محمد کي سبق ڏنو.

(ج) هاشم، حيدر بخش کي رقم ڏياري.

(د) ڪوٽ سهارائيو.

(س) جام لهرائبي.

(ع) رحم دليءَ جام لهرائي.

# گرامر پاڱو ٻيو

## درجو چوٿون

## سبق پهريون

### ضمير جو عدد ۽ جنس

اسان سکي آيا آهيون ته "ضمير جملي ۾ هميشه اسم جي بدران ڪم اچي ٿو. ان ڪري اهو لازمي آهي ته ضمير ۽ ان اسم والڪو عدد، جنس ۽ حالتون هجن. ان ڪري استاد کي گهرجي ته ضمير جي عدد ۽ جنس سمجهائڻ لاءِ هيٺيان جملا بورڊ تي لکي سمجهائي ضمير چونڊائي بورڊ تي لکائي.

(١) اهي (هو) ڪتاب پڙهندو هو.

(٢) اهي (هو) ڪتاب پڙهندا هئا.

(٣) اها (هوءَ) ڪتاب پڙهندي هئي.

(٤) اهي (هو) ڪتاب پڙهنديون هيون.

### گهربل لفظ چونڊائي هن ريت بورڊ تي لکو

مذڪر:- واحد ۾ اهو (هو) جمع ۾ اهي (هو)

مونث:- واحد ۾ اها (هوءَ) جمع ۾ اهي (هو)

وڌيڪ سمجهايو ته اهي يا هو هڪ ماڻهو جي بدران ڪم آيل آهي.

"اهي" ڪهڙن ماڻهن بدران ڪم آيل آهي.
"اها" ڪنهن هڪ عورت جي بدران ڪم آيل آهي؛
"اهي" ڪهڙين عورتن جي بدران ڪم آيل آهي.
سو ضمير "اهو يا هو" جنس مذڪر، عدد واحد ۾ ڪم اچي ٿو ۽ ضمير "اهي يا هو" جنس مذڪر، عدد جمع ۾ ڪم اچي ٿو. ٻئي طرف وري ضمير "اها يا هوءَ" جنس مونث، عدد واحد آهي.

هن مان ڏسڻ ۾ اچي ٿو ته ضمير به اسم وانگر عدد ۽ جنس ۾ مٽجي ٿو. يعني ڪنهن اسم وارا ساڳيا ٻه عدد (عدد واحد ۽ عدد جمع) ۽ ساڳيون ٻه جنسون (جنس مذڪر ۽ جنس مونث) لڳنديون آهن.

## استعمالي سوال

هيٺين جملن مان جيڪي ضمير آهن تن جو عدد ۽ جنس ٻڌايو؟

(١) تون اسان وٽ ڪالهه ڇو ڪين آيو هئين؟
(٢) مون هنن کي چيو هو ته توکي ڪجهه به نه چون؟
(٣) اهي ڪير آهن، جيڪي هن ڀوري ٻار سان وڙهن ٿا؟
(٤) "جيڪي آيو سواکهو" تو وٽ اهو ڪار ڪالهه لڳو هو آهي؟
(٥) ڪهڙي ماڻهوءَ هن کي ماريو؟

(٦) اهو ڪي ڪهڙي جو مٿين وسندي ڪم اچي؟

(٧) هنن مان ڪو ڪاريگر آهي. ڪو مزدور ؟ ۽ ڪو زميندار؟

# سبق ٻيو

## "ضمير جا قسم"

### "ضمير خالص"

شاگردن جو ڌيان اڳ ۾ مڪمل ضمير جي وصف ڏانهن ڇڪائجي ته ضمير اهو لفظ آهي جو جملي ۾ ڪنهن به اسم جي بدران ڪم اچي. اهو سبق جي ياد ڏيارڻ بعد وڌيڪ ڪهن ڄاڻايو ته جهڙيءَ ريت جا قسم سکيا آهيو تيئن هتي ضمير جا قسم سکنداسون. پهريون ضمير خالص سيکارڻ لاءِ هيٺيان جملا بورڊ تي لکي سمجهائڻ آهي ضمير جو ڄاڻائڻ جي ڪن ماڻهن جي بدران ڪم آيل هجن.

(١) اڄ سڀاڻي لاڙڪاڻي ويندس.

(٢) مون کي تو چيو ته اڄ ڏه وڳي سڀاڻي اسين به هلنداسون.

(٣) هو اڄ آيو آهي ان کي توهان چئو ته مون وٽان اماڻيل ڪٽي وڃ.

(٤) هن کي معلوم آهي ته اهي سندن امانت ضايع نه ڪندا.

چونڊايل ضمير هن ريت ٻورڊ تي لکو:-
آءٌ، اسان، مون، تو، هو، ان، اوهان، مون، ۽ هنن.

سوال جواب وسيلي شاگردن جي ڌيان ۾ وهاريو ته مٿيان ضمير اهڙا آهن جي ماڻهن کان سواءِ ڪنهن ٻه اسم جي بدران نه ايندا يعني اهي خالص ماڻهن جي بدران ايندا آهن.

ان کان پوءِ ٻورڊ تي لکو ۽ شاگردن کان لکايو ته ضمير خالص اهو آهي جو فقط خاص ماڻهن جي بدران ڪم ايندو.

جهڙوڪ:- آءٌ، مان، مون، اسان، اسين، تون، اوهان، توهين، اوهان، هو، هن، ۽ هنن.

## سبق ٽيون

### ضمير خالص جا قسم

الف ضمير خالص متڪلم- هن جي سمجهاڻي لاءِ سبق ٻئي وارن جملن مان اهي ضمير خالص چونڊيو جي ڳالهائڻ وارو يا ڳالهائڻ وارا ماڻهو پنهنجي بدران ڪم آڻين ٿا. اهو ٻورڊ تي هن ريت لکو:-

ڳالهائڻ وارا جي پنهنجي بدران ضمير ڪم آڻين ٿا سي آهن، "آءٌ، مون، مان، اسان ۽ اسين".

هن کان پوءِ شاگردن کي ٻڌايو ته عربيءَ ۾ ڳالهائڻ واري ماڻهوءَ کي "متڪلم" (ڪلام ڪرڻ يا ڳالهائڻ وارو) چوندا آهن. تنهن ڪري "اهڙا لفظ جي ڳالهائڻ وارو ڳالهائڻ وقت پنهنجي بدران ڪم آڻي ٿو، تن کي ضمير متڪلم چوندا آهن."

## ضمير حاضر

ساڳين مٿين جملن مان اهي ضمير خاص چونڊايو جي انهيءَ ماڻهوءَ (انهن ماڻهن) جي بدران ڪم آندا ويا آهن جنهن (جن) سان ڳالهائجي ٿو. اهي بورڊ تي هن ريت لکيائين:-

تو (تون) توهان. توهين، اوهان ۽ اوهين.

شاگردن کي ٻڌايو ته هي ضمير انهيءَ (انهن) ماڻهن جي بدران ڪم آيا آهن، جنهن (جن) سان ڳالهائجي ٿو سو (سي) حضوري ۾ هوندا آهن. تنهن ڪري اهڙن ضميرن کي **ضمير حاضر** چوندا آهن.

ساڳين مٿين جملن مان اهي ضمير چونڊايو جي انهن ماڻهن جي بدران ڪم آيل هجن جن جي ڳالهه ڪجي ٿي پر اهي حاضر نه هجن. اهي بورڊ تي هيئن لکيائين:- هو، هن ۽ هنن.

شاگردن کي ٻڌايو ته ڪي ضمير جن مان انهن جي بدران ڪم آڻيل آهن سي يا ته غير حاضر (غائب) آهن يا انهن اسم کي ٻيو ڪجهه احوال چوڻو آهي. تنهن ڪري اهي ضمير غير حاضر (غائب يا ٽڪل) سمجهيا وڃن ٿا. انهن ضميرن کي ضمير غائب چوندا آهن ان کان پوءِ ضمير خاص جي ٽنهي قسمن جا گردان ڪريو.

## ضمير متڪلم جو گردان

| حالت | عدد واحد | عدد جمع |
|---|---|---|
| ” فاعلي | آءٌ، مان | اسين (اسان) |
| ” مفعولي | مونکي | اسان کي |
| ” جري | مون لاءِ | اسان لاءِ |
| ” اضافت | منهنجو | اسان جو |

## ضمير حاضر جو گردان

| | | |
|---|---|---|
| حالت فاعلي | تون | توهان |
| ” مفعولي | توکي | توهانکي |
| ” جري | تو وٽ | توهان وٽ |
| ” اضافت | تنهنجو | توهانجو |

## ضمير غائب جو گردان

| | | |
|---|---|---|
| حالت فاعلي | هو، هوءَ | هو |
| ” مفعولي | هن کي | هنن کي |
| ” جري | هن کان | هنن کان |
| ” اضافت | هن جو | هنن جو |

## سبق چوٿون

### ضمير اشارو

هن ضمير جي سمجهاڻيءَ لاءِ بورڊ تي هيٺيان جملا لکو:-

(١) هو ڪير آهي؟ آڱر سان اشارو ڪري سوال پڇو

(٢) اهو وڻ ڪهڙو آهي؟ " " "

(٣) هي ڇا آهي؟ " " "

(٤) اهو ٻڪي ڪهڙو آهي؟ " " "

هن جملي مان شاگردن کي اهي ضمير چوائڻا جي ڪهڙن (ماڻهو يا شي) ڏانهن اشارو ڪن ٿا.

(١) "هو" اشارو ٿو ڪري هڪ ماڻهوءَ ڏانهن.

(٢) "اهو" اشارو ٿو ڪري هڪ وڻ ڏانهن.

(٣) "هي" اشارو ٿو ڪري هڪ ٻڪيءَ ڏانهن.

(٤) "اهو" اشارو ٿو ڪري هڪ ٻڪيءَ ڏانهن.

اهڙيءَ طرح شاگردن کي سمجهايو ته ضمير جي ڪن اسمن ڏانهن اشارو ڪن ٿا، کي ضمير اشارو چوندا آهن.

## سبق پنجون

### ضمير اشاري جا قسم

(الف) سبق چوٿين وارن جملن مان شاگردن کي

اهي ضمير جوابدار جي ڪنهن ڏورانهين (ڏور) شيءِ (اسم) ڏانهن اشارو ٿا ڪن. اهي ٻورڻ ئي لکو:-

( ) هو ڪنهن مرداڻي ويجهڙو ماڻهو ڏانهن اشارو ٿو ڪري.

(٢) اهو ڪنهن مرداڻي رڳ ڏانهن اشارو ٿو ڪري ان کان پوءِ شاگردن کي ٻڌايو ته "اهي ضمير اشارو جي ڪنهن ڏورانهين شيءِ ڏانهن اشارو ڪن، ان کي ضمير اشارو ڏور چئجي.

(ب) هاڻي ضمير مان اهي ضمير جوابدار جي ڪنهن ويجهي شيءِ (اسم) ڏانهن اشارو ڪن، اهي ٻه ورڻ ئي جنس رسم لکو.

(١) هي ڪنهن ويجهي شيءِ (اسم) ڏانهن اشارو ٿو ڪري.

(٢) اهو ڪنهن ويجهي ڪي (اسم) ڏانهن اشارو ٿو ڪري. ان کان پوءِ شاگردن کي ٻڌايو ۽ لوڪ ڪ انو ته اهي ضمير اشارا جي ڪنهن ويجهي شيءِ ڏانهن اشارو ڪن ان کي ضمير اشارو ويجهو چوندا آهن. هن ضمير جا گردان ڪرايو.

## (١) ضمير اشاري ڏور جو گردان

| حالت | واحد | | جمع | |
|---|---|---|---|---|
| | جنس مذڪر | جنس مؤنث | جنس مذڪر | جنس مؤنث |
| حالت فاعلي | هو | هوءَ | هو | هو |

| | واحد | | جمع | |
|---|---|---|---|---|
| حالت | جنس | جنس | جنس | جنس |
| | مذڪر | مونث | مذڪر | مونث |
| حالت مفعولي | هن کي | هن کي | هنن کي | هنن کي |
| " سببي | هن لاءِ | هن لاءِ | هنن لاءِ | هنن لاءِ |
| " اضافي | هن جو | هن جو | هنن جو | هنن جو |

اوپر ڏنل ضمير هو جي عام صورت واحد لاءِ هن ۽ جمع لاءِ هنن آهي.

## ضمير اشاري ويجهي جو گردان

| | | | | |
|---|---|---|---|---|
| حالت فاعلي | هي | هيءَ | هي | هي |
| عام صورت | هن | هن | هنن | هنن |

## سبق ڇهون

## ضمير مشترڪ

ضمير مشترڪ سمجهائڻ لاءِ بورڊ تي هيٺيان جملا لکو:-

(۱) توکي مون اهو چيو هو ته تون پاڻ نه اچج.

(۲) صوبيدار خود پاڻ وڃي چور اٽڪايو.

(۳) هن پاڻ کي ماريو.

انهن جملن ۾ ‘پاڻ’ اهي ضمير ڪم آندا ويا جي فاعل يا مفعول سان لڳن (شريڪ ٿين) ٿا ۽ جملي کي زور يا اثر وارو ڪن ٿا. اهي بورڊ تي هن ريت لکو:-

(۱) "پاڻ" مشترڪ (شريڪ) ٿيو آهي (تون) سان.

"خود" ضمير مشترڪ (شريڪ) ٿيو آهي (چوٿون) مفعول سان.

(٢) "خود" ضمير مشترڪ (شريڪ) ٿيو آهي (پاڻ) مفعول سان.

اهڙيءَ طرح شاگردن کي ٻڌايو ته "اهڙا" ضمير جي جملي ۾ فاعل يا مفعول سان شريڪ ٿين ۽ جملي کي وڌيڪ "زور وارو" بڻائين ٿا کي ضمير مشترڪ چوندا آهن:-

ڇوڙوڪ پاڻ ۽ خود ۽ پنهنجو (لاڙ ۾ ڳالهائبو آهي) مشترڪ جي معنيٰ آهي شريڪ ٿيندڙ.

## ضمير مشترڪ پاڻ جو گردان

| حالت | عدد واحد | عدد جمع |
|---|---|---|
| حالت فاعلي | پاڻ | پاڻ |
| " مفعولي | پاڻ کي | پاڻ کي |
| " جري | پاڻ لاءِ | پاڻ لاءِ |
| " اضافي | پنهنجو | پنهنجو يا پنهنجي |

# سبق پنجون

## ضمير استفهام

هن جي سمجهائڻ لاءِ شاگردن جملا بورڊ تي لکو:-

(١) اڄ ڪير ڳالهائيندو؟

(٢) گهوڙو تو ڪوڙ ڪري؟

(٣) تو کي ڇا کپي؟

(٥) ڪهاڙي لاءِ آيو آهين؟

نوٽ:- ڪهاڙي لاڙي ٻوليءَ جو لفظ آهي ۽ ڇا جي معنيٰ ۾ ڪتب آندو آهي؟

هن جملي مان سوال پڇڻ وارا ضمير چونڊي ٻوره لي هن ريت لکو:-

(١) ڪير ضمير ڪنهن ماڻهوءَ لاءِ آيو آهي.
(٢) ڪهڙو ضمير ڪنهن جي ڪري (ماڻهو) لاءِ آيو آهي.
(٣) ڇا ضمير ڪنهن ڪهڙي شيءِ (اسم) لاءِ آيو آهي.
(٤) ڪهاڙو ضمير ڪنهن ڪهڙي شيءِ (اسم) لاءِ آيو آهي.

شاگردن کي ٻڌايو ته "ڪير" فقط ماڻهن سان لڳي ٿو. "ڪهڙو" ماڻهن شين ساهوارن ۽ ڪنهن سان لڳي ٿو.

ڇا ۽ ڪهاڙو فقط شين سان لڳي ٿو.

ٻيو هي ٻڌايو ته مٿيان سڀ لفظ سوال پڇڻ جا لفظ آهن، جي پڇا ڪرڻ لاءِ ڪم ايندا آهن. ٻيو نوٽ ڪرايو ته "اهڙا ضمير جي سوال پڇڻ لاءِ ڪم ايندا آهن تن کي ضمير استفهام چوندا آهن". استفهام جي معنيٰ آهي سوال پڇڻ.

## ضمير استفهام (ڪير) جو گردان

| حالت | عدد واحد | عدد جمع |
|---|---|---|
| حالت فاعلي | ڪير، ڪير | ڪير |
| عام صورت | ڪنهن | ڪن |

ضمير استفهام (ڪهڙو) جو گردان

| | واحد | جمع |
| --- | --- | --- |
| حالت فاعلي | ڪهڙو - ڪهڙي | ڪهڙا - ڪهڙيون |
| عام صورت | ڪهڙي - ڪهڙيءَ | ڪهڙن - ڪهڙين |

# سبق اٺون

## "ضمير موصول"

هيٺيان جملا ٻورڊ تي لکو:-

(١) هي اهو ماڻهو آهي، جو سوير آيو هو.

(٢) مونکي اها شيءِ گهرجي جا تو وٽ ڪالهه آهي.

(٣) مون کي، اهوئي مليو جنهن کي گهريو هو.

شاگردن کي ٻڌايو ته هنن جملن ۾ هر هڪ جا ٻه ڀاڱا آهن. اڳين ۾ پهرئين ڀاڱي ۾ ۽ ٻئي ڀاڱي ۾ ضمير جدا جدا ٻورڊ تي لکو:-

| جملي جي پهرئين ڀاڱي جا ضمير | جملي جي ٻئي ڀاڱي جا ضمير |
| --- | --- |
| (١) هي ۽ اهو. | (١) جو. |
| (٢) مون ۽ اها. | (٢) جا. |
| (٣) مون ۽ اهوئي. | (٣) جنهن کي. |

شاگردن کي ٻڌايو ته پهرئين درجي وارا سڀئي ضمير اسمن بدران آيل آهن ۽ ٻئي ڀاڱي وارا ضمير ساڳئي

جملي جي ٻن ڀاڱن کي پاڻ ۾ ملائڻ لاءِ. اهڙيءَ ڪانئيءَ لاءِ مٿين جملي جي ٻئي ڀاڱي وارا ضمير ڪڍي ٻاڌي جملا ٻوڙ لي لکي ڏيکاريو:-

(١) هي اهو مهمان آهي، سوار آيو هو. (مهمان سوار آيو هو.)

(٢) ٻورن کي اها شيءِ کپي. تو وٽ بيڪار آهي. (شيءِ تو وٽ ڪالهه آهي)

(٣) ٻورن کي اهڙي ماڻهو، گهربو هو. (ڪا شيءِ گهربي هئي.)

شاگردن پڙهيو ته جملن مان ملائيندڙ ضمير ڪڍيا ويا آهن ته جملا الڳ ٿيندڙ ۽ گهٽ ڪري ري مطلب لڳي ويا آهن. اهي صورت ۾ چئجي ته هرهڪ جملي مان ڌار ڌار ٻه جملا لڳي ويا آهن جن جو هڪ ٻئي سان ڪوبه واسطو ڪونه ٿو سمجهجي. جڏهن وري ساڳيا ملائيندڙ ضمير اصلوڪن جاين تي وڌا ويا آهن، تڏهن ٻئي جملا ڳنڍجي وري هڪ هڪ جملو ٺهي پيو آهي ۽ هرهڪ مان پورو مطلب نڪري ٿو.

" آهڙا ضمير جي ساڳئي فعل جي ٻن جملن کي پاڻ ۾ ملائي هڪ پورو جملو ڪن ٿا تن کي **ضمير موصول** چوندا آهن. موصول جي معنيٰ آهي وصل ڪرائيندڙ (ملائيندڙ) ضمير موصول جا هي مثال آهن:- جو، جيڪو، جيڪا، جيڪي، ...... وغيره.

## ضمير موصول (جو) جو گردان

| حالت | عدد واحد | | عدد جمع | |
|---|---|---|---|---|
| | مذڪر | مؤنث | مذڪر | مؤنث |
| حالت فاعلي | جو | جا | جي | جي |
| عام صورت | جنهن | جنهن | جن | جن |

## ٣- موصول (جيڪو) جو گردان

| حالت | عدد واحد | | عدد جمع | |
|---|---|---|---|---|
| | مذڪر | مؤنث | مذڪر | مؤنث |
| حالت فاعلي | جيڪو | جيڪا | جيڪي | جيڪي |
| عام صورت | جنهن | جنهن | جن ڪن | جن ڪن |
| | ڪنهن | ڪنهن | جن ڪن | جن ڪن |

# سبق نائون

## ضمير جواب موصول

هن سمجهاڻ واسطي هيٺيان جملا نور ڪري لکو:-

(١) مهمان جو سوير آيو هو سو موٽي ويو.

(٢) شيءِ جا مون کي گهرجي هئي سا لو وٽ ڪار آهي.

(٣) مون کي جيڪي گهربو هو سو مليو.

انهن جملن جي ٻوليءَ ۾ ٻن وارا ضمير ڏنل آهي

(١) مهمان جو سوٽ آيو موٽي ويو.

(٢) شيءِ جا مالڪي گهري هئي سو وٽ ڪالهه هئي.

(٣) مالڪي جنهن گهوڙو هو سو مئو.

شاگردن کي ٻڌايو ته مٿين جملن مان ليڪ ڏنل ضمير ڪڍيا ويا آهن ته هر هڪ جملي مان ٻه ڌار ڌار مطلب وارا جملا ٺهي پيا آهن. جن جو پاڻ ۾ ڪو به واسطو ڪونه ٿو رهي. انهيءَ ڪري پهرين ليڪ ڏنل ضمير ٻه ساڳين فعلن وارن ان جملن کي ملائي هڪ ڪن ٿا سي ضمير موصول آهن. ۽ اهي ضمير پٺيان آيل آهن جهڙي ضمير ڪم آيل آهن تنهن جي جواب ۾ ڪم آيل آهن. انهيءَ ڪري ٻوڏين (ليڪ ڏنل) ضميرن کي ضمير جواب موصول چوندا آهن. ان کان پوءِ شاگردن کي ٻڌائڻ ڪرايو ته اهي ضمير جي ضمير موصول جي جواب ۾ ڪم اچن ۽ جملي جي ٻن ڀاڱن کي ڳنڍي هڪ ڪن تنهن ڪري چوندا آهن ”جواب موصول“

## ضمير جواب موصول (سو) جو گردان

| حالت | عدد واحد | | عدد جمع | |
|---|---|---|---|---|
| | مذڪر | مونث | مذڪر | مونث |
| حالت فاعلي | سو | سا | سي | سي |
| عام صورت | تنهن | تنهن | تن | تن |

# سبق ڏهون

## "ضمير مبهم"

هيٺين سمجهاڻيءَ لاءِ نوٽ بڪ ۾ لکو:-

(١) ڪو اندر آهي.
(٢) ڪي گهر ويٺي.
(٣) ڏر هٽي، ڪجهه ڏار.
(٤) بابا! اڄ ڪم تو ڪنهن کي ڏٺي.

جملن مان ضمير (اڻ سڃاڻل) چونڊائي هن ريت نوٽ ۾ لکو.

ڪو، ڪي، ڪجهه، ڪم.

وڌيڪ سمجهاڻي ته "ڪو" ضمير آهي جو ڪنهن ماڻهوءَ جي بدران ڪم آيل آهي جنهن ماڻهوءَ جي بدران ڪم آيل آهي تنهن جي خبر ڪانه آهي (اهو) ماڻهو (اسم اڻ ڄاتل) آهي. اهڙيءَ ريت "ڪي" ۽ "ڪجهه" جن شين (اسمن) جي بدران ڪم آيل آهن سي اسم به ڳجها آهن. "ڪم" ضمير استفهام آهي جو ته سوال پڇڻ ۾ ڪم آيل آهي. نه ته "ڪم" لفظ سوال پڇڻ لاءِ ڪم آيل نه آهي هن حالت ۾ "ڪم" جي معنيٰ (ڪو) ليکڻي چاڪاڻ ته سڄي جملي کي لفظن ۾ هن ريت ڦيرايو ته به مطلب ساڳيو نڪرندو.

بابا! ڪمر ڪنهن کي اچي نه ڪولڻ لڳو. جتي جيڪو ڪمر لفظ آيل آهي سو جنهن ماڻهوءَ جي بدران آيل آهي سو ڄاڻو آهي يعني ان ماڻهوءَ کي لڪي يا معلوم ڪري نه ٿو سگهجي، انهن ڪري هتي ڪمر ضمير مبهم آهي.

هن ڳالهه ۾ شاگردن کي ٻڌايو ته اهڙا ضمير جي اسمن جي بدران ڪم آيل هجن سي اسم ڄاڻا هجن (انهن جي خبر ڪا خاص ڪري پوي ته ڪير ڪير آهن) ان ڪري ضمير مبهم چوبا آهن. مبهم جي معنيٰ آهي ڄاڻو نه ڄاڻل.

ضمير مبهم جا مثال- ڪير، ڪي، ڪجھ، ڪمر اسمن بدران ڪم ايندا آهن.

## ضمير مبهم (ڪو) جو گردان

| حالت | عدد واحد | | عدد جمع | |
|---|---|---|---|---|
| | مذڪر | مونث | مذڪر | مونث |
| فاعلي | "ڪو" | "ڪا" | "ڪي" | "ڪي" |
| عام صورت | "ڪنهن" | "ڪنهن" | "ڪن" | "ڪن" |

هن ڳالهه ضمير جي سواري الڳ ڪري ضميرن جا چارٽ بورڊ تي لکو يا ڪيو.

## ضمير جو چارٽ

(١) ضمير خاص- هن جا ٽي قسم آهن. ضمير متڪلم جيئن ته مان، اسان، ضمير حاضر جيئن ته تون، توهان ضمير غائب جيئن ته هو، اهي.

(٢) ضمير اشارو:- هن جا ٻه قسم آهن.

(١) ضمير اشارو ڏور جهڙوڪ :- هو.

(٢) ضمير اشارو ويجهو جهڙوڪ :- هي.

(٣) ضمير مشترڪ :- جهڙوڪ :- پاڻ، خود، پنهنجو.

(٤) ضمير استفهام :- جهڙوڪ :- ڪير، ڇو، ڪٿي، ڪيڏو، ڇا يا ڪهڙو.

(٥) ضمير موصول :- جهڙوڪ :- جو، جيڪو.

(٦) ضمير جواب موصول :- جهڙوڪ :- سو، اهو.

(٧) ضمير مبهم :- جهڙوڪ :- ڪو، ڪي، ڪجهه.

# سبق ٻارهون

## ضمير منفصل ۽ متصل

هيٺيان جملا ڌيان ڏئي پڙهو.

| | |
|---|---|
| (١) منهنجو پٽ سکر ويو. | (١) پٽم سکر ويو. |
| (٢) اسانجو پٽ سکر ويو. | (٢) پٽئه سکر ويو. |
| (٣) هنجو پٽ سکر ويو. | (٣) پٽس سکر ويو. |
| (٤) مون ماني کاڌي. | (٤) ماني کاڌم. |
| (٥) تو ماني کاڌي. | (٥) ماني کاڌءِ. |
| (٦) هن ماني کاڌي. | (٦) ماني کاڌائين. |

(٧) مون وٽ ٻه رپيا آهن. (٧) وٽم ٻه رپيا آهن.

(٨) تو وٽ پنج روپيا آهن. (٨) وٽس پنج روپيا آهن.
(٩) هن وٽ پنج روپيا آهن. (٩) وٽس پنج روپيا آهن.

شاگردن کي سمجهائڻ لاءِ مٿيان ٩ ئي مڪمل جملا ۾ ضمير خالص الڳ ڇڏيو ظاهر آهن. انهن لاءِ جملا سامهون ٻيا جملا لکيل آهن، جن جي معنيٰ بلڪل ساڳي لفظوار انهن جملن جهڙي آهي، ۽ تفاوت فقط اهو آهي جو ضمير خالص الڳ لکيل نه آهن. انهن جي بدران ڪي اڳيون اسم، حرف جر ۽ فعلن جي پڇاڙيءَ ڪم ۾ آندل آهن. اصل وارن ضمير خالص کي ضمير منفصل به چئجي ٿو، ۽ انهن جي بجاءِ لڳايل سان ڳانڍاپيل ضمير خالص کي ضمير متصل چئجي ٿو.

### نوٽ

عام ترڪيب ۾ مٿيان ٻه قسم ضمير جا ڪم ڪين آيا آهن، مگر انهن جي چاڙهارن لاءِ ضروري سمجهي انهن جي حقيقت مٿي بيان ڪئي آهي.

## سبق ٻارهون

### ضمير جي ترڪيب

جنهن صورت ۾ ضمير هميشه اسم جي بدران ڪم ايندو آهي، تنهن صورت ۾ ترڪيب به اسم وانگر ڪبي آهي، يعني (١) ضمير جو قسم (٢) جنس (٣) عدد (٤) حالت وغيره اسم وانگر ڏبي.

مثال :- مون ڇيو مان تہ اوهان جي گهر ۾ ڪرآهي،
جو هن ٻارن جي حفاظت ڪري .

هن جملي ۾ جيڪي ليڪ ڏنل لفظ آهن سي ضمير آهن جي پورب تي لکي هن ريت ترڪيب ڪرايو .

مون :- ضمير متڪلم، جنس مذڪر (يا مونث)، عدد واحد، حالت فاعلي، فاعل آهي ڇيو فعل جو.

اوهان :- ضمير حاضر، جنس مذڪر (يا مونث جڏهن هجي) عدد جمع، حالت اضافت سبب جي حرف اضافت جي .

ڪو :- ضمير استفهام، جنس مذڪر، عدد واحد، حالت فاعلي، فاعل آهي ڪري فعل جو.

هن :- ضمير اشارہ ويجهو لڳي ٿو ڇوڪر سان .

## سبق ٽيرهون

## صفت بابت وڌيڪ احوال

استادن لاءِ نوٽ :- ڪن گرامرن ۾ صفت جا ٽي درجا ڪيا ويا آهن، جهڙوڪ صفت خاص، صفت التفضيل ۽ صفت مبالغہ. اسان جي سمجهہ ۾ اهو ٺيڪ آهي تہ اسان جي سنڌي ٻوليءَ ۾ اهڙا خاص لفظ ڪونہ آهن، جنکي اسم صفت مبالغا ۽ صفت تفضيل چئون. جاڪاڻ تہ جڏهن اسان کي ڪنهن ۾

اسم جي صفت ڪري ٻئي ڪنهن ٻئي اسم ڪري جي صفتن سان ڀيٽيو ويندو آهي ۽ ڪن حرف جر جي لفظن وسيلي سان ٺاهي سگهبا آهن.

مثال:- احمد محمود کان وڏو آهي. هتي احمد جي عمر محمود جي عمر سان ڀيٽيل آهي، ۽ صفت وڏو جي صورت ۾ ڪوبه ڦيرو نه آيو آهي.

انهيءَ ڪري اسان هتي ڪن لفظن ترتيب ڪري سگهون ٿا جو اهڙا ٻئي لفظ ڪڍي. فارسي ۾ ڪن لفظن جو ٻي ۾ اهڙيون خاص نشانيون آهن جي صفتن سان شامل ٿي ڪري، هڪ اسم جي حالت ٻئي اسم يا ٻين اسمن جي صفتن سان ڀيٽيون ويندڙ آهن.

مثال:- احمد ڪلانتر است از محمود. هن جي معنيٰ آهي ته احمد محمود کان وڏو آهي هتي ڪلانتر صفت تفضيلي آهي.

يا احمد ڪلانترين از همه مردن است، يعني احمد سڀني مردن کان وڏو آهي. هتي ڪلانترين صفت مبالغه آهي.

هن سان گڏ جي تر ۽ ترين سنڌيءَ ۾ اهڙيون نشانيون ڪين آهن، جي ڪن اسمن جي صفتن جي ڀيٽا ڪن. جي تر ترين لفظ آهن جي حقيقتا فارسي آهن مگر رواج ۾ سنڌيءَ سان استعمال ڪيا وڃن ٿا.

مثال:- "بهتر" ۽ اهي لفظ اهڙا ترا لهندا

آهن جهڙو اٿي پر لوڻ . تنهنڪري ڪن ٻين ڌارين ٻولين جي لفظن جي تقليد ڪري هو ڌارين صفتن جا درجا مقرر ڪري شاگردن جي ذهن تي بوجهو وجهڻ مناسب نه آهي تنهنڪري صفت جا درجا گرامر مان ڪڍيا ويا آهن، شاگردن کي پڻ ٻڌايو ته سنڌي ۾ ضميري بنياد واريون صفتون ڪهڙيون آهن، جن جي سمجهاڻي لاءِ هيٺيان جملا بورڊ تي لکو:-

# سبق چوڏهون

## ضميري بنياد واريون صفتون

هن لاءِ هي جملا بورڊ تي لکي انهن مان صفتون چونڊائي بورڊ تي هن ريت لکو:-

(١) منهنجي اٺين ڏسو ڪوله آڻي.
(٢) تو جهڙو ماڻهو به اهڙا ڪم تو ڪري!
(٣) ڇوڪر ڪهڙو نه ڪم ڪري ويا!

### چونڊيل صفتون

(١) اهڙو صفت ٻڌسي جي. (اشارو ڏيکاري)
(٢) اهڙا صفت ڪم جي (ڪم جو قسم ڏيکاري)

(٣) ڪيڏو صفت مقدار جي. (قدر ۽ ڳڻڪاري).
وڌيڪ شاگردن کي ٻڌايو ته سنڌيءَ ۾ ڪي لفظ صفت آهن، مگر سندن بنياد ڪن ضمير مان آهي. تنهڪري اهي صفتن کي ضمير بنياد وارا صفت چئبو آهي. ان کان پوءِ اهڙن لفظن جو پورو ئي نقشو ڪڍي ۽ شاگردن کان به ڪڍائي هن ريت :-

## صفتن جي ضميرن مان ٺهڻ ٿيون

### صفت

| ضمير | انداز | صفت | قسم |
|---|---|---|---|
| اِي | اِيترو | ايڏو | اهڙو |
| هي | هيترو | هيڏو | ههڙو |
| او | اوترو | اوڏو | اهڙو |
| هو | هوترو | هوڏو | ههڙو |
| جو | جيترو | جيڏو | جهڙو |
| ڪو | ڪيترو | ڪيڏو | ڪهڙو |

## امتحاني سوال

١- ضمير منفصل ڇا آهي؟ ٢- ضمير متصل ڇا آهي؟
٣- منفصل ۽ متصل ۾ تفاوت ٻڌايو؟
٤- ضميري بناوت واريون صفتون ڪهڙيون آهن؟
٥- هيٺين صفاتي لفظن جو بناوت ڪهڙو آهي؟
ايڏو، اهڙو، ههڙو، اوترو.

# سبق پندرهون

## "اسم مصدر"

شاگردن جو ڌيان اڳي سکيل ڪم (اسم جي چالي حقيقتن) ڏانهن ڇڪائي ڪري ياد ڪرايو ته "اسم نالو آهي ڪنهن ماڻهوءَ، ساهواري، جاءِ، شيءِ، ڪم، حالت ۽ خاصيت جو".

**اسم جا ٻه قسم آهن:-** ١- اسم ذاتي ٢- اسم صفاتي.

**اسم صفاتي جا ٻه قسم آهن:-** اسم خاص ۽ اسم عام.

اسان اڳئي سکي آيا آهيون. (ٽئين درجي ۾) پر هيءَ اسم باب ان کان وڌيڪ سکڻو پوندو.

هن سبق سيکارڻ لاءِ بورڊ تي هن ريت اسم لکي انهن مان اسم صفاتي ذات ۽ ڪم جا نالا ڌار لکايو.

اُٺ، وڻ، ڪرم علي، ڪاٺ، ماڻهو، مارڻ، صاحب، محبوب، ڪتو، سٽڻ، ڏهڻ، ٿڙهڻ، وڃڻ، دولت، ابراهيم، عيسيٰ، وهڻ، ڦرڻ، ڦوڙڻ

| هيٺيان اسم ذاتي آهن | هيٺيان اسم ڪم جا نالا آهن |
|---|---|
| اُٺ، ڪرم علي، ماڻهو، صاحب، محبوب، دولت، ابراهيم ۽ عيسيٰ. | وڻ، ڪاٺ، مارڻ، ڪتو، سٽڻ، ڏهڻ، ٿڙهڻ، وڃڻ، وهڻ، ڦرڻ ۽ ڦاڙڻ. |

ان کان پوءِ شاگردن کي ٻڌايو ۽ نوٽ ڪرايو ته ”اهڙا اسم جي ڪم جا ٻڌائيندڙ ٿيندا هجن ۽ سندن پڇاڙي اڪثر ”اڻ“ هجي ان کي اسم مصدر چوندا آهن جهڙوڪ:- ڪاٽڻ، چڙهڻ، چاڙهڻ، اڏامڻ ...... وغيره.

(ب) اسم مصدر ۽ اسم عام

مٿين سمجهاڻي لاءِ هي جملا بورڊ تي لکو:-

١- ڪاڏر وقت تي ڪاٽڻ چڱو آهي.

٢- مون لاءِ ڪاٺ ڪٺي آڻ.

٣- ڏيهوٽي ٻاهر کان اچي وڃڻ بهتر آهي.

٤- زالون ٻانهن ۾ ڪنگڻ پائينديون آهن.

٥- وس کان وڌيڪ هلڻ نقصان ڪار آهي.

٦- چاڊل ٻار کي بيهڻ ۾ ڏکيو آهي.

٧- هن اجايو لکڻ ڪيو.

مٿين جملن مان اهي اسم چونڊي ٻوڙ لي لکو، جنهن جي پڇاڙيءَ ۾ "ڻ" آهي

ڪاٽڻ، وڄڻ، ڪنگڻ، هاڻ، ٻڌڻ، لکڻ.

وڌيڪ ٻارن کي سمجهايو ته اِي عملي وارن ۾ ڪاٽڻ جي معني آهي ڪاتر. ڪنگڻ معنيٰ آهي هڪ زيور (شي). ٻڌڻ معني آهي چاول ٻار جي ٻڌڻ لاءِ ڪپڙو ۽ لکڻ جي معني لکڻ. ٺهڪندڙ لفظ ڏئي اسم ڪم جا نالا آهن. اِن ڪاڙوءَ ٻولي لي اسم جي ڪم جا نالا آهن سي ڌار ۽ ٻيا اسم عام ڌار ڪري هن ريت لکو.

| اسم جي ڪم جا نالا آهن | ٻيا اسم عام |
| --- | --- |
| ڪاٽڻ، وڄڻ، ۽ هلڻ | ڪاٽڻ، ڪنگڻ، ٻڌڻ ۽ لکڻ. |

انهيءَ ڪاڙوءَ شاگردن کي ٻڌايو ۽ نوٽ ڪرايو ته

(۱) اهي "ڻ" پڇاڙي وارا اسم، جي نالا آهن ڪمن جا، تن کي اسم مصدر چئبو آهي.

(۲) اهي اسم جي نالا آهن ڪن شين وغيره جا سي اسم سڌا جيئن ته پڇاڙي "ڻ" هجي مثال لاءِ ڪو مٿيان اسم عام.

☆

## سبق سورهون

### اسم ٺاهڻ

### (الف) اسم عام مان اسم ذات ٺاهڻ

هن سمجهاڻيءَ لاءِ هيٺيان جملا بورڊ تي لکو:-

(١) هن ماڻهوءَ ۾ ڪا ماڻهپو (ماڻهپائي) ڪانه آهي.

(٢) هرڪو انسان خدا جو ٻانهو آهي، ٻانهپ جي نشاني آهي ته انسان نوڙت ڪري، تڪبري ماڻهن کي خدا جي دربار ۾ ڪڏهن ٺاهڻ ڪونه جي.

انهن جملن مان اسم عام ۽ اسم ذات چونڊي ڌار ڪري لکو هن ريت:-

| اسم عام | اسم ذات:- |
|---|---|
| ماڻهو | ماڻهپو يا ماڻهپ |
| ٻانهو | ٻانهپ |

ڪي اسم عام اهڙا آهن جنهن جي پوئين اکر "پ" يا "پو" گڏڻ سان اسم ذات ٺهي ٿو، ان ڪاڻ اسم عام منجهان ٺهيل اسم ذات بورڊ تي لکو:-

| | |
|---|---|
| ماڻهو | ماڻهپو |
| ٻانهو | ٻانهپ |
| [illegible] | واهپ يا واهپو |

| | |
|---|---|
| ڪو | راڪائپ |
| شاگرد | شاگردائپ |
| استاد | استادائپ |

## (ث) مصدر مان اسم ذات ٺاهڻ

هن جي سمجهاڻي واسطي هيٺيان جملا بورڊ تي لکو:-

(١) ٻهڄي سمهڻي خراب آهي.

(٢) انسان جي هلڻي چلڻي (هلت چلت) سندس افعالن جي ڪسوٽي آهي.

مٿين جملن مان اسم ذات چونڊائي هن ريت بورڊ تي لکو:-

: اسم مصدر مان ٺهيل اسم ذات

سمهڻي - هلڻي چلڻي (هلت چلت)

الهيءَ کان پوءِ شاگردن کي ٻڌايو ۽ لوٽ ڪرايو ته "گهڻو ڪري اسم مصدر جي پڇاڙيءَ (ي) گڏڻ سان اسم ذات ٺهيو (بعضي ڪي ٻيا حرف پڻ گهرجن ٿا ته ڪمدا آهن) جهڙوڪ هلڻ مان هلڻي، ڏهڻ مان ڏهڻي ——— وغيره". ان کانپوءِ اسم مصدر مان ٺهيل اسم ذات بورڊ تي هن ريت لکو:-

| اسم مصدر | اسم ذات |
|---|---|
| ڪرڻ. | ڪرڻي (ڪرت) |
| هرڻ. | هرڻي |

| | |
|---|---|
| سبق۔ | سبقي (سبقو) |
| اٺ۔ | اٺي (اوٺ) |
| وهٽ۔ | وهٽي (واهٽ) |

# سبق سترهون

## اسم مصدر جي ترڪيب

هن باري شاگردن کي پڙهايو ته **اسم مصدر** ا- جو هڪ قسم آهي. تنهن ڪري ساڳيءَ ترڪيب سڀ والڪي ڪبي آهي. هر **اسم مصدر** هميشه **عدد واحد ۽ جنس مذڪر** ۾ ليندو آهي. ا- کان پوءِ هيٺيان جملا بورڊ تي لکي انهن ۾ آيل ا- مصدر ترڪيب ڪري ڏيکاريو.

(١) عيسيٰ احمد کي مارڻ لاءِ آيو هو.

(٢) ڪاماڻي بڪري کڻڻ لاءِ ويو.

هن مان **اسم مصدر** چونڊائي بورڊ تي لک جي آهن (١) مارڻ (٢) کڻڻ.

تنهن کان پوءِ شاگردن کي پڙهايو ته مارڻ جو ڪ احمد تي اچي ٿو ۽ کڻڻ جو ڪم بڪري تي. تنهن ڪري "احمد" مارڻ جو ۽ "بڪري" کڻڻ جو مفعول آهي انهن کي حالت مفعولي لڳندي. ان کان پوءِ ڪم مارڻ ۽ کڻڻ جي ترڪيب ڪري ڏيکاريو.

**مارڻ**:- اسم مصدر، حالت جري، جو ته لاءِ حرف

ٻ پديان الس، سندس مفعول آهي ٻڪري.

ڪهڻ:- اسم مصدر، خالص جري چو ته لام صرف ٻيو پديان الس مفعول آهي ٻڪري.

### استعمالي سوال.

(١) اسم مصدر ڇا کي چئجي؟
(٢) اهي اسم عام ٻڌايو جن جو پويون اکر "ڻ" آهي؟
(٣) هيٺين مصدرن مان اسم ذات ناهيو:- سرڻ، هرڻ، چرڻ، پيڻ.
(٤) هيٺين جملن ۾ جيڪي اسم مصدر آهن تن جي ترڪيب ڪريو.
١- وقت سڃاڻڻ سياڻي جو ڪم آهي.
٢- قناعت ڪرڻ سڀ کان چڱي آهي.

# سبق ارڙهون

## (٣) فعل

### فعل بابت وڌيڪ احوال

شاگردن جو فعل جي مڪمل حقيقتن ڏاهون ڏيان ڇڪائي ڪين ٻڌايو ته هتي فعل بابت اڃا ڪي وڌيڪ سگهندا سون. شاگردن جو ڌيان ڇڪايو ته اسم مصدر اهو اسم آهي جو ڪم جو نالو هجي ۽ سندس پڇاڙي وارو اکر "ڻ" هجي ۽ ٻڌايو ته مصدر معنيٰ آهي

صادر ٿيڻ (نڪرڻ) جي جاءِ (هي عربي لفظ آهي. سڀئي فعل اسم مصدر مان نڪرندا آهن.

# سبق اوڻيهون

## "امر"

(١) هيٺ جي سمجهاڻي بابت هيٺيان فعل ٻورڊ تي لکو ۽ سمجهائي فعل چورائجو:-

(الف) هٿيچ علي! لوحت ٻوڪ لکـ؟

سودار علي! وڇون مار؟

### چوڌڙيل فعل

(١) لکـ (٢) مار

شاگردن کي ٻڌايو ته جملن مان هي ٻه فعل ڏي ڪارين ٿا ته فاعل کي لکڻ ۽ مارڻ جي ڪم لاءِ ڪم ڏنل آهي ۽ (هيئنئر يا هاڻي ڪر).

(ب) ١- ٻورو! مهرباني ڪري اڄ ۾ منهنجو خط نه لکـ. ٢- ادا! ڀلائي ڪري هي ڪانگ نه مار.

ساڳئي ريت فعل چورائي ٻورڊ تي لکي ٻڌايو ته هي فعل ڏيکارين ٿا ته فاعل کي منع ڪئي آهي ته ڪم هيئنئر ڪر.

ٻيو شاگردن کي ٻڌايو ته فعل جي اهڙي صورت ڏيکاري ٿي ته فاعل کي فعل واري ڪم لاءِ حڪم ڏنل يا منع ڪئي آهي (ته هيئنئر ڪري) تنهن کي

"امر" چوندا آهن. امر معنيٰ آهي حڪم. صرف ٿو بعضي مدد سان معنيٰ ٻڌائيندي آهي".

نوٽ:- هڪڙي امر حال ۾ چوندا آهن، ڇا ڪاڻ ته ڪم هميشه ڪيو) حڪم ڪرڻ جو حڪم ملڻ آهي.

وري ڏنهن فعل هن ريت لکو:-

| [الف وارا فعل] | [ب وارا فعل] |
|---|---|
| (۱) لٺ لکي ۽ مار | لکو ۽ ماريو |

(الف) وزن مثال ۾ فاعل جو عدد واحد آهي انهيءَ ڪري فعل به عدد واحد آهي.

(ب) وزن مثال ۾ فاعل جو عدد جمع آهي انهيءَ ڪري فعل به عدد جمع آهي.

انهيءَ ڪري اهڙن فعلن کي امر واحد ۽ انهن کي امر جمع چوندا آهن. ان ڪان پوءِ شاگردن کي ٻڌايو ته:-

(۱) امر واحد:- "فعل جي اها صورت آهي جا ڏيکاري ته فاعل کي فعل ڪرڻ جو حڪم يا حڪم ڪرڻ جو حڪم مليل يا منع ڪيل آهي".

هن کي امر واحد هن ڪري چون ٿا جو هن ۾ عدد واحد آهي.

(۲) امر جمع:- "فعل جي اها صورت آهي جنهن جو عدد جمع هجي ۽ ڏيکاري ته فعل واري

ڪم ڪرڻ لاءِ فاعل کي حڪم ملي يا مدد ڪمل آهي.

## سبق ويهون

## "امر ۽ مصدر سڃاڻڻ"

هيٺيان اسم مصدر تختي تي لکي شاگردن کان انهن جي ڇاڙ ڪرائڻ اڪر "ڻ" ڪڍائي باقي ٻچل لفظ تختي تي لکو هن ريت.

### اسم مصدر

لکڻ، مارڻ، کڻڻ، ڏهڻ، ناچڻ، وڃڻ، ...... وغيره.

"ڻ" ڪڍڻ باقي بچيل لفظن جون صورتون

لک، مار، کڻ، ڏه، ناچ، وڃ وغيره.

شاگردن کي ٻڌايو ته هيٺيون سڀئي صورتون امر واحد (حال) جون آهن.

### (٢) امر جي سڃاڻپ ۽ امر ڪاهڻ جون ورڪون

هيٺين سمجهاڻيءَ واسطي هيٺين ريت تختي تي لکو.

| اسم مصدر | امر واحد | اسم مصدر | امر واحد |
|---|---|---|---|
| ڏهڻ | ڏهه | ڏاهڻ | ڏاهه |
| ڪهڻ | ڪهه | مارڻ | مار |

| | | | |
|---|---|---|---|
| اچڻ | اچ | لڏڻ | لڏ |
| وڃڻ | وڃ | چارڻ | چار |
| سمهڻ | سمهه | ڦاسائڻ | ڦاساءِ |
| ڪڏڻ | ڪڏ | چاڙهڻ | چاڙهه |
| ڦاسڻ | ڦاس | ڏاڙهڻ | ڏاڙهه |

شاگردن کان پڙهائي هيءُ قاعدو بورڊ تي لکو ۽ انهن کان لوٽ ڪرايو ته ”اسم مصدر جي اوئين اکر “ڻ” ڪڍڻ کان پوءِ لفظ جي پڇاڙين اچار جي پڇاڙي ـِ واري هجي ته ان کي ”ءِ“ لڳائڻ سان ۽ جي ـَ واري هجي ته قائم رکڻ سان امر حال (جمع) ٺهندو آهي.

وڌيڪ شاگردن کي هي ٻڌايو ته ڪيترن امرن جي پڇاڙين يا باقاعدي اچار ڪرڻ سان امر واحد (حال) جون ٻه پڇاڙيون آهن. (۱) پڇاڙي الف ـُ ۽ ٻي پڇاڙي الف ـَ.

### (٣) امر جو ٺهڻ

هن جي سمجهاڻيءَ لاءِ بورڊ تي هيٺيون رستا لکو.

| امر واحد | امر جمع | امر واحد | امر جمع |
|---|---|---|---|
| ڏهه | ڏهو | ڏاهه | ڏاهو |

| | | | |
|---|---|---|---|
| ڪُهه | ڪُهيو | مار | ماريو |
| لڏ | لڏيو | اچ | اچيو |
| وڃ | وڃيو | چار | چاريو |
| ڪڍ | ڪڍيو | چاڙهه | چاڙهيو |

شاگردن کان پهرئين پنجن قاعدن تي لکت ڪرايو ته امر واحد جي پڇاڙيءَ جو ”ـ“ وارو هجي ته ان جو ”ـ“ مٽائي ”ا“ ڪڍڻ سان ”و“ وارو هجي ته ان سان ”يو“ وڌائڻ ڪڍڻ سان امر جمع ٺهي ٿو“.

## سبق ايڪيهون

## ”امر جا قسم“

شاگردن جو ڌيان ڇڪي ٿي ڪين ٻڌايو ته امر حال بابت استعمال سگهي آيا آهن، ۽ امر جا اهڙا ٻه قسم ٿي سگهن ٿا. ان جي سمجهاڻي لاءِ هيٺين ريت بورڊ تي لکو:-

| ”امر“ | | | | ”امر“ | | | |
|---|---|---|---|---|---|---|---|
| هڪڙو | | ٻهه | | هڪڙو | | ٻهه | |
| فاعل | فعل | فاعل | فعل | فاعل | فعل | فاعل | فعل |
| ”تون“ | ڪُهه | ”اوهين“ | ڪُهو | ”تون“ | ڪُهجِ | ”اوهين“ | ڪُهجو |
| ”تون“ | ڪُهه | ”اوهين“ | ڪُهجو | ”تون“ | مار | ”اوهين“ | مارجِ |
| ”تون“ | اچ | ”اوهين“ | اچجو | ”تون“ | لڏ | ”اوهين“ | لڏجِ |

شاگردن کي پڙهايو، پوءِ اِي جملي جملا آهن جن سڀني ۾ جملي فعل آهن سي سڀئي "امر" آهن، ٻڌايو ته امر حال آهن ڇاڪاڻ ته اهي فاعل "تون" کي فعل واري ڪم هاڻي ئي ڪرڻ لاءِ حڪم ڏين ٿا. ٻيا فعل (ٽئي پاڱي وارا) "امر" آهن جي ڏيکارين ٿا ته فاعل "تون" کي فعل واري ڪم پوءِ ڪرڻ لاءِ حڪم ڏنل آهي. انهن امرن کي "امر استقبال" (ديرينو امر) چوندا آهن. استقبال جي معنيٰ آهي ته پوءِ (ايندڙ وقت ۾) ڪم ڪرڻ لاءِ حڪم مليل آهي.

## (٣) امر استقبال جو ٺهڻ

مٿيان امر شاگردن کان پڇائي قاعدو ٺهرايو ته "جيڪي امر واحد [حال] جي پڇاڙي ۾ واري هوندي ته اها ساڳي مٿي ساڪن "ج" وڌڻ ڪرڻ سان امر استقبال واحد ٺهندو".

## "امر استقبال جي"

هن جي سمجهاڻي لاءِ پوءِ اِي مثال ڏيئي لکو.

| | |
|---|---|
| ١- تون ڏيج | ١- اوهان ڏيجو |
| ٢- تون ڪڍج | ٢- اوهان ڪڍجو |
| ٣- تون مارج | ٣- اوهان مارجو |
| ٤- تون ڊاهج | ٤- اوهان ڊاهجو |

## "امر استقبال جمع ٺاهڻ"

مٿين مثالن جي ڏسڻ سان شاگردن کي قاعدو ٺهرائبو ته امر استقبال واحد جي پڇاڙي "ج" مٿي "جو" ڪرڻ سان امر استقبال جمع ٺهي ٿو. يا ته چئجي ته استقبال واحد کي "و" ڏيڻ سان جمع ٺهي ٿو.

### استعمالي سوال

(١) بنيادي فعل ڇا آهي؟
(٢) بنيادي فعل ڇو چوندا اٿس؟
(٣) امر جو قسم ڇا آهي؟
(٤) امر ۽ امر استقبال ۾ فرق ڇا ڪر؟
(٥) امر جمع ڇا آهي؟
(٦) امر واحد ڇا آهي؟
(٧) امر واحد ڪيئن ٺهندا آهن؟
(٨) امر جمع ڪيئن ٺهندا؟
(٩) امر استقبال واحد ڪيئن ٺهندا آهن؟
(١٠) امر استقبال جمع ڪيئن ٺهندا آهن؟

## سبق پاويهون

## اسم مشتق "گردنت"

### اسم فعل

هن جي سمجهائڻ لاءِ هيٺيان جملا بورڊ تي لکو-

(١) واڻيا وڪڻندڙن جي سڪ لاءِ رهڻ لئي وڏا ٻوڪيل آهن.

(٢) وهندڙ کي اڪثر هٿ نه جڳائي.

(٣) راند کٽندڙ کي هي انعام ڏيو.

ليڪن ڏنل لفظ چونڊائي ٻورڊ تي لکو:-

وڪڻندڙ وهندڙ کٽندڙ

وڌيڪ هن ريت سمجهايو:-

(١) وڪڻندڙ لفظ وڪڻ مصدر مان نڪتل آهي ۽ هتي ڪنهن ماڻهو يا ڇوڪر جي بجاءِ ڪم آيل آهي.

(٢) وهندڙ لفظ وهڻ مصدر مان نڪتل آهي ۽ هتي ڪنهن ماڻهو يا ڇوڪر جي بجاءِ ڪم آيل آهي.

هن مان ثابت آهي ته ڪي اهڙا لفظ آهن جي ڪن مصدرن مان نڪتل آهن ۽ ڪي اسم جي بجاءِ ڪم اچن ٿا.

هيٺيان جملا ٻورڊ تي لکو:-

(١) واٽ وڃندڙ ماڻهوءَ سان نه وڙهه.

(٢) وهندڙ نديءَ کي اڪثر هٿ نه جڳائي.

(٣) مٺي کٽندڙ ڇوڪريءَ کي ڪتاب (ٻه لو) انعام ملندو.

معلم واڪر ليڪ ڏنل لفظ ٻورڊ تي لکي انهن بابت هن ريت ٻڌائيو:-

(١) وڃندڙ (لفظ) ماڻهوءَ سان لڳل آهي انهيڪري صفت آهي.

(٢) وهندڙ (لفظ) ٻوڙ سان لڳل آهي انهيڪري صفت آهي.

(٣) کٽندڙ (لفظ) ڇوڪريءَ سان لڳل آهي انهيڪري هن مان ثابت آهي ته مٿيان ساڳيا لفظ اسم سان لڳي صفت جو ڪم به ڪن ٿا.

پوءِ ڪي شاگردن کي ٻڌايو ته:- وڃندڙ، کٽندڙ ۽ وهندڙ، لفظ ڪنهن ڪم جا ڪندڙ آهن ۽ سندن بنياد مصدر آهي.

ان کانپوءِ شاگردن کي لوحت ڪرايو ته " اهڙا لفظ جيڪي ڪم جا ڪندڙ هجن، ۽ سندن بنياد مصدر هجي ۽ اهي صفت جو ڪم ڪن تن کي **اسم فاعل** چئجي.

## اسم فاعل ٺاهڻ

هيٺيان امر واحد ٻورڊ تي لکي منجهائن ٺهڻ اسم فاعل سندن ٻار ۾ لکايو هن ريت:-

| امر واحد | اسم فاعل | امر واحد | اسم فاعل |
| --- | --- | --- | --- |
| ڏهه | ڏهندڙ | مار | ماريندڙ |
| کڄه | کهندڙ | وڍ | وڍيندڙ |
| الڻ | الندڙ | هار | هاريندڙ |

ٻڌڻ سان شاگردن کان ڄاڻايو گهرائبو ته جيئن امر جي پڇاڙيءَ ۾ واري ڪجهه يا آئي لفظن ۾ مثل ''لڏڻ'' ڪڍڻ سان ۽ جهڙيءَ امر جي پڇاڙيءَ ۾ ''ڻ'' آهي ته ان سان فقط ''ٻڌڻ'' ڪڍڻ سان اسم فاعل ٺهي ٿو.

(٣) هيٺيان جملا پڙهي ڏوري ڏي لکو:-

(١) انسان کي ٻئي جي مال جو تاڪو ٿيڻ نه گهرجي.

(٢) هرچائو ماڻهوءَ کي اوهه پڇائڻ ٻوڏو آهي.

(٣) وڏڄارو ڪڙب وڍڻ لاءِ اڄ آيو آهي.

(٤) ڏوهاريءَ کي ڪيل ڏوهه جي سزا ملڻ گهرجي.

ليڪ ڏنل لفظ اوري تي لکو هن ريت:-
تاڪئو، هرچائو، وڏڄارو ۽ ڏوهاري هن ريت ٺهيا آهن.

(١) تاڪائو معنيٰ تاڪيندڙ جو تاڪڻ مصدر مان ٺهيو آهي.

(٢) هرچائو معنيٰ آهي هرچيندڙ جو هرچڻ مصدر مان ٺهيو آهي.

(٣) وڏڄارو معنيٰ آهي واڍار ڪندڙ جو وڏڄڻ مصدر مان ٺهيو آهي.

(٤) ڏوهاري معنيٰ آهي ڏوهه ڪندڙ جو ڏوهه اسم مان ٺهيو آهي.

شاگردن کي ٻڌايو ته مٿيان لفظ به اسم فاعل آهن، ڇاڪاڻ جو اهي ڪنهن ڪم جا ڪندڙ آهن. پر ٻاهران ڳالهه ته اڳيون مصدر مان نڪتل آهن ته به معني جي لحاظ کان قاعدي پٽاندر به آهن. انهن مان هڪ ته انهن اهڙي ...... برخلاف اسم مان ٺهيل آهي، انهيءَ ڪري ته قاعدي اسم فاعل چئو ڪوئي.

ان ڪان پوءِ شاگردن کان لوٽ ڪرايو ته اهي قاعدي اسم فاعل اهي آهن، جي مصدر مان يا اسم مان نڪتل آهن پر قاعدي موجب نه ٺهيل آهن.

**فعل جي بنياد وارا بي قاعدي اسم فاعل**

**اسم جي بنياد وارا بي قاعدي اسم فاعل**

لٽاڪالو، هر ڇاڙهو، وڪوڙو ڏوهه (مڇهن ڏيڻ وارو) تولو (تپيءَ هڻڻ وارو) جاڳو (جاڳڻ وارو) گهومرن (گهمڻ وارو يا گهمندڙ) رولو (رولاڪ) ...... وغيره

گهرجائو، ڏوهاري، گنهگار، عمدار، ڏتصالڪار، خوفائتو، شرمسار يا شرمناڪ ...... وغيره.

## سبق يارهون

## " اسم مفعول "

هيٺين سمجهاڻي لاءِ هيٺيان جملا بورڊ تي لکو:-
(١) منهنجا وڪيل ڳڻا موٽي ڏنو. (٢) والرڪر

پڙهيل اسب خراب لئي ويو. (٣) لکڻهار لکيل خط اڄ موڪليو. (٤) اڳي جو ماريل ڌاڙيل شهر ۾ لڌو.

**هيٺ ڏنل لفظ چونڊ ڪي پور ٻڌي ڏيو ۽ ريت لکو**

(١) وڪيل (لفظ) وڪڻ مصدر مان نڪتل آهي ۽ اسب اسم مان لڳل آهي انهيڪري صفت چئبو.

(٣) لکيل (لفظ) لکڻ مصدر مان نڪتل آهي ۽ خط اسم سان لڳل آهي انهيڪري صفت چئبو.

(٥) ماريل (لفظ) مارڻ مصدر مان نڪتل آهي ۽ ڌاڙيل اسم سان لڳل آهي انهيڪري صفت چئبو.

هيٺيان جملا پڻ پورا ڪري لکو:-

(١) هڪ ڌڪ جو "ماريو" وري ڪو ڪٿي.

(٢) اي ڇا جو "پڙهيو" ڪٿي لو چڙهي.

هيٺ ڏنل لفظ هيٺين ۾ ريت لکو:-

(١) "ماريو" معلوم آهي ماريل. مارڻ مصدر مان نڪتل آهي ۽ اسم بجاء ڪم آيل آهي.

(٢) "پڙهيو" معلوم آهي پڙهيل. پڙهڻ مصدر مان نڪتل آهي ۽ اسم بجاء ڪم آيل آهي.

وڌيڪ هن ريت سمجهايو ته ٻهراڻ لفظن (وڪيل، پڙهيل، لکيل، ماريل) جو بنياد فعل آهي. معلوم ٿو ٿئي ته جن اسمن سان هو لڳل آهن اُن لئي اڳ ڪو ڪم ٿيل آهي. ٻنهين لفظن جو بنياد ٻئي فعل تي آهن.

اهي ٽي ٻڌائين ٿا ته اهي لفظ ڪن اسمن جي بجاءِ
آيل آهن ۽ جن اسمن بدران آيل آهن تن تي ڪو ڪم
ٿيل آهي. اهڙن لفظن کي اسم مفعول چوندا آهن.
ان کان پوءِ شاگردن کي نوٽ ڪرايو ته:- "اهڙا لفظ
جن جو بنياد اسم مصدر (بنيادي) فعل هجي ۽ اهي
ٽي ٻڌائين ته ساڳين لاڳو اسمن تي يا جن اسمن بجاءِ جو
ڪم آيل آهن تن تي اهڙو ڪم ٿيل آهي تنکي
اسم مفعول چوندا آهن."

## مفعول جو پنهنجي موصوف (لاڳو اسم) سان مٺڀيڙ

هيءَ سمجهائڻ واسطي بورڊ تي هيٺيون چارٽ ڪبو

### عدد واحد

| جنس مذڪر | جنس مونث |
|---|---|
| ١- کٽيل ميدان | کٽيل بازي |
| ٢- ماريل ڪڪڙ | ماريل دوا |
| ٣- پڙهيل ڪتاب | پڙهيل ڪهاڻي |
| ٤- ڳنڍل ڌاڳو | ڳنڍل ڳٿون |

چارٽ جي مدد سان هيٺيون ڳالهيون نوٽ ڪرايو:-
(١) اسم مفعول مذڪر ۾ ـُ پڇاڙيءَ سان ايندو آهي
(٢) اسم مفعول مونث ۾ ـِ پڇاڙيءَ سان ايندو آهي

(٢) اسم مفعول جهڙي موصوف (واسطيدار اسم) سان ڪهڙين قاعدن موجب ڦري ٿو.

(الف) اسم مفعول جو موصوف واحد مذڪر مان ڦري جمع مذڪر ٿيندو آهي ته اسم مفعول جي پڇاڙي زبر سان لکجي.

(ب) اسم مفعول جو موصوف واحد مذڪر مان ڦري واحد مؤنث ٿيندو آهي ته اسم مفعول جي پڇاڙي زير سان لکجي.

(ج) اسم مفعول جو موصوف واحد مؤنث مان ڦري جمع مؤنث ٿيندو آهي ته اسم مفعول جي پڇاڙي زبر سان لکجي. مثالن ۾ "ئون" وڌيڪ ڪڍڻ ٿيندو. اهڙو سبق ڪان پوءِ اسم مفعول ٺاهڻ سيکاريو.

## اسم مفعول ٺاهڻ

هيٺين ڏنل امر واحد ۽ مفعولي ڏنل اسم مفعول بورڊ تي لکو:-

| امر | اسم مفعول | امر | اسم مفعول |
| --- | --- | --- | --- |
| لک | لکيو يا لکيل | ڇڏ | ڇڏيو يا ڇڏيل |
| رک | رکيو يا رکيل | مار | ماريو يا ماريل |
| ڦاڙ | ڦاڙيو يا ڦاڙيل | ٺاهه | ٺاهيو يا ٺهيل |

چئي بورڊ تي لکو جن ۾ مٿيان اسم مفعول ڪم آڻي، جملا ٺاهيو:-

(۱) ستھيون لکيو (اسکول) کو ڪوڙو لکي ؟
(۲) ھيٺيون وکيو (وکيل) کو رهائي ؟
(۳) ٻھيٺيون ڦڙهيو (ڦڙهيل وسيلدو) ئي ڪئي ،
(۴) ستھيون نھيو (ٺھيل) کو حراب نکوري ؟
(۵) ستھيون لاھيو (لاھيل) ڪيو داھي ؟

شاگردن کي ڏيکاري ته مٿين مثالن ۾ امر جي پڇاڙيءَ وارا آهن جن جي پٺيان ’يو‘ يا ’يل‘ ڳنڍڻ سان اسم مفعول ٺھيو آھي ؛ ھيٺين ۾ امر جي پڇاڙيءَ وارا آھن ، ان سان فقط ’يو‘ يا ’يل‘ ڳنڍيو ويو آھي ته اسم مفعول ٺھيو آھي. ان کان پوءِ شاگردن کي اهو سمجهايو ته امر واحد جي پڇاڙيءَ وارو هجي ته مسلسل پڇاڙيءَ جي آخر سان مثالي ملائي ’يو‘ يا ’يل‘ ڳنڍڻ سان ؛ جي پڇاڙي وارو هجي ته فقط ’يو‘ يا ’يل‘ ڳنڍڻ سان اسم مفعول ٺھي ٿو.

## سبق چوويهون

### اسم حاليه

ھن جي سمجھائيءَ لاءِ ھيٺيان جملا بورڊ تي لکو:-

(۲) مرس وات وائيندي ڪئي کي اوڙهه هڻندو

---

اسڪول ويو.

(٢) ٻالدار واه جي ڪپ تي ٻانگو رکندڙ هيڏانهن آيو ٿي

(٣) وڻجارو نوڪر ڏک سهندڙ صبر سان ٿي هليو.

(٤) عثمان بازار مان ليندڙ ٽهو واهندو.

(٥) ٻيو ل، ٻهر، ڪي ماريندڙ اسڪول ليندڙ.

(٦) ڌوٻي لٽا ڌوئيندڙ اڇليندڙ ٿو وڃي.

ليڪ ڏنل لفظن بابت هي وضع پڌايو ۽ نوٽ ڪي لکو.

(١) هڻندڙ (لفظ) هڻڻ مصدر مان اسم فاعل آهي (فعل جي هڪ صورت آهي) سندس فاعل آهي عرس.

(٢) رکندڙ (لفظ) رکڻ مصدر مان اسم فاعل آهي (فعل جي هڪ صورت آهي) سندس فاعل ٻالدار آهي.

(٣) سهندڙ (لفظ) سهڻ مصدر مان اسم فاعل آهي (فعل جي هڪ صورت آهي) سندس فاعل آهي نوڪر.

(٤) آڻيندڙ (لفظ) آڻڻ مصدر مان اسم فاعل آهي (فعل جي هڪ صورت آهي) سندس فاعل آهي عثمان.

(٥) ماريندو (لفظ) مارڻ مصدر مان نڪتل آهي (فعل جي هڪ صورت آهي) سندس فاعل آهي ڪمال.

(٦) سٽيندو (لفظ) سٽڻ مصدر مان نڪتل آهي (فعل جي هڪ صورت آهي) سندس فاعل آهي ڌوٻي.

وڌيڪ ڏٺو ته اهي فعل جون صورتون جي ڏيکارين ٿيون ته فاعل هڪ ڪم کي ڪندو (ملائيندو) پئي کي لڳندو (لڳي لو يا لڳو آهي) انهن فعل جي صورتن کي اسم حاليه چوندا آهن. هاڻي مشق جاري رکندا.

ان کان پوءِ شاگردن کي اوت ڪرائبو ته "فعل جون اهڙيون صورتون جي ڏيکارين ته فاعل هڪ ڪم کي جاري رکندو (ملائيندو) پئي کي لڳندو (لڳو يا لڳي لو) ان کي اسم حاليه چوندا آهن.*

## اسم حاليه ٺاهڻ

(١) واحد [illegible] پڇاڙي جنهن ۾ "داري" هجي ته ان [illegible] "ندو" لفظ مان ؟ جي اهڙي پڇاڙي ۽ واري هجي ته "يندو" لفظ سان اسم حاليه ٿئي ٿو.

## سبق پندرهون

### "اسم استقبال"

امر واحد جي پڇاڙيءَ ۾ ''ڻو'' ڪڍڻ سان اسم استقبال ٺهي ٿو جنهن ۾ ڪم ڪرڻ جو وقت آهي. هن اسم مان خبر پوي ٿي ته ڪم ايندڙ وقت ۾ ٿيڻو آهي.

## سبق سورهون

### "ماضي معطوفي"

هيٺين سڪارن لاءِ هيٺيان جملا پورا ڪري لکو:-

(١) موهن خط لکي ٽپال ۾ وڌو.

(٢) آءٌ ڪتاب کڻي اسڪول ويندس.

(٣) هو ٻسترا رکي ناڻا ملڻ ويو.

(٤) لون نقشو ڏسي، پوءِ گهر ويو.

(٥) حالو جهنگل مان اچي موٽي گهر ايندو.

هيٺيان لفظ جملن ۾ پورا ڪري لکو:-

| | |
|---|---|
| ١- لکي | لکڻ |
| ٢- کڻي | کڻ |
| ٣- رکي | رکڻ |

٤- اٺي — لاه
٥- ساڙي — ساڙ

ه. لاءِ وڌيڪ سمجهايو.

(١) لکي (لفظ) لکڻ مان نڪتل (فعل جي هڪ صورت) آهي جا فاعل "موهن" جي ٻن جملن کي گڏي ٿي ڏيکاري ٿي ته فاعل هڪ ڪم پورو ڪري پوءِ ٻيو ڪم ڪيو، اهڙيءَ ريت هر هڪ لفظ لاءِ ٻڌايو.

شاگردن کي نوٽ ڪرايو ته "فعل جون اهي صورتون جي ساڳئي فاعل جي ٻن جملن کي گڏين ٿيون ۽ ڏيکارين ٿيون ته فاعل هڪ ڪم پورو ڪري پوءِ ٻيو ڪم ڪيو آهي، (لکندو يا لکي ٿو) الکي **ماضي معطوفي** چوبيون آهن — معطوفي معنيٰ ڳنڍيل.

## "ماضي معطوفي ٺاهڻ"

"١ ۽ واحد جي پڇاڙيءَ واري آهي ته "اي" ڳنڍڻ سان ۽ جي ـ واري آهي ته فقط "اي" ڳنڍڻ سان ماضي معطوفي ٺهي ٿو.

امتحاني سوال

١- اسم فاعل جا ڪم ڇاهي؟
٢- اسم مفعول ڇا آهي؟
٣- اسم حاليه ڇا کي چئجي؟

## استعمالي سوال

۴- اسم استقبال ڇا آهي ؟
۵- ماضي معطوفي ڇا کي چئجي ؟
۶- ڪردنت ڪهڙا آهن ؟
۷- اسم فاعل ڪيئن ٺهندو آهي ؟
۸- اسم مفعول ڪيئن ٺهندو آهي ؟
۹- اسم حاليه ڪيئن ٺهندو آهي ؟
۱۰- استقبال ڪيئن ٺهندو ؟
۱۱- ماضي معطوفي ڪيئن ٺهندو آهي ؟
۱۲- بي قاعدي اسم فاعل ٺاهيو ؟
۱۳- اهڙا اسم فاعل ٺاهيو جي اسم جي نموني ڪم اچن ؟
۱۴- اهڙا اسم مفعول ٺاهيو جي صفت ٿين ؟
۱۵- اسم مفعول پنهنجي موصوف سان عدد ۽ جنس ۾ ڪهڙن ڳالهين موجب ٺهن ٿا ؟
۱۶- اهڙا ٽي جملا ٺاهيو جن ۾ ماضي معطوفي ڪم اچي.

## سبق ستاويهون

## " فعلن جا زمان "

هن جي سمجهاڻيءَ لاءِ بورڊ تي هيٺيان جملا لکو:
(۱) فضل وڃي ٿو. (۲) اڪبر ويو آهي.
(۳) بشير ويو هو. (۴) لونو ويو هوندو.

(٥) احمد پيو ويندو. (٦) حبيب ويندو هوندو.
(٧) محمود ويو ها.
مٿين جملن مان فعل جو ڏاڍي هدايت پوري ٿي، اکو:-
(١) "ويو ٿي" فعل ڏيکاري ٿو ته ماضي وقت جو
ڪم گذريل وقت ۾ اڳي ختم ٿي چڪو آهي.
(٢) "ويو آهي" فعل ڏيکاري ٿو ته فاعل وٽ جو
ڪم گذريل ٿورو وقت اڳ پورو ٿيو آهي.
(٣) "ويو هو" فعل ڏيکاري ٿو ته فاعل وٽ جو
ڪم گهڻو اڳ پورو ٿيو آهي.
(٤) "ويو هوندو" فعل ڏيکاري ٿو ته فاعل جي
وٽ جو ڪم گذريل وقت ۾ پوري ڪرڻ ۾
شڪ آهي.
(٥) "ويندو پيو" فعل ڏيکاري ٿو ته فاعل وٽ
جو ڪم ايندڙ وقت ۾ جاري رهندو.
(٦) "ويندو هوندو" فعل ڏيکاري ٿو ته فاعل جي
وٽ جو ڪم ايندڙ وقت ڪرڻ ۾ شڪ آهي.

## فعل معاون جا زمان (مڪمل)

### "هئڻ مصدر مان"

(١) زمان حال - آهي. (٢) زمان ماضي - هو.
(٣) زمان مستقبل - هوندو.
نوٽ- لفظ "ها" جو به زمان ناهي ۾ ڪم

اچي ٿو سو ”هئڻ“ مصدر مان نڪتل آهي.

مٿين مثالن مان شاگردن کي سمجهايو ته ٿئي، آهي ۽ ٻيو. اچڻ وڃڻ، هئڻ، ٿيڻ مصدر مان نڪتل آهن. انهن کي اڳئين فعل جي مدد ۾ ڪم آڻڻ سان اهو ڄاڻ ٿئي ٿي ته فعل وارو ڪم ڪهڙي وقت ڪيو يا ڪري ٿو يا ڪندو. اهڙا فعل جي ٻئي فعل واري ڪم جي ظاهر ڪرڻ ۾ مدد ڏين ٿا انهي سمجهائڻ ته هو ڪم ٿي رهيو آهي، ٿيو يا ٿيندو ان کي فعل معاون چئبو آهي، ڇالاءِ جو معاون جي معنيٰ آهي مددگار. معاون هميشه ٻئي فعل جي وقت يا ”زمان“ ڄاڻڻ يا ظاهر ڪرڻ ۾ مدد ڪن ٿا.

### ”ٿيڻ“ مصدر جا

(١) زمان حال ”ٿو“ (٢) زمان ماضي ”ٿيو“

(٣) زمان مستقبل ”ٿيندو“ (٤) زمان مضارع ”ٿئي“

### ”هوڻ“ مصدر جا

(١) زمان حال- هوي ٿو. (٢) زمان ماضي هو

(٣) زمان مستقبل- هوندو. (٤) زمان مضارع- هجي- يا هئي

## سبق اٺاويهون

### ”زمان مضارع“

هي زمان سيکارڻ لاءِ هيٺيان جملا بورڊ تي لکو—

١- ايوب ڪراچيءَ وڃي. ٢- مون سان وٽ اچي.

۳- ڪمسو قلم گهڙي. ۴- ڪمسو وڇون ماري.

شاگردن کي سمجهايو ته هيٺيان فعل زمان مضارع آهن ۽ بورڊ تي هن ريت لکو:-

(۱) "وڃي" مضارع "وڃ" امر واحد مان نڪتل
آهي جنهنجي پڇاڙيءَ ۾ واري آهي.

(۲) "اچي" مضارع "اچ" امر واحد مان نڪتل
آهي جنهنجي پڇاڙيءَ ۾ واري آهي.

(۳) "گهڙي" مضارع "گهڙ" امر واحد مان نڪتل
آهي جنهنجي پڇاڙيءَ ۾ واري آهي.

(۴) "ماري" مضارع "مار" امر واحد مان نڪتل
آهي جنهنجي پڇاڙيءَ ۾ واري آهي.

هن جي پٺيان ڪرائي قاعدو ٻڌايو ته "امر واحد جي پڇاڙيءَ ۾ خواه ۾ هجي ته اهو ڪڏهي لفظ "ري" ڪڍڻ سان زمان مضارع واحد غائب ٿيندو"

# سبق اوڻٽيهون

## "زمان مستقبل"

(مستقبل لفظ جي معنيٰ آهي ايندڙ وقت)

شاگردن کي سمجهايو ته "زمان مستقبل فعل کي اها صورت آهي جا ڏيکاري ته عمل وارو ڪم ايندڙ وقت ۾ ٿيندو" تنهن کان پوء زمان مستقبل ناهڻ سيکاريو.

## ”زمان مستقبل ناقص“

هن زمان ناقص لاءِ شاگردن کي پڌ پوڻ امر واحد ۾ ٻڌائي وارو هجي ته ان جو ”ندو“ ڪڏهن ساڻ ۽ جمع ۾ ٻڌائي واري هجي ته ”ندو“ ڏسڻ ڪڏهن ساڻ زمان مستقبل واحد غائب ۾ ڪم ايندو.

مثال- ليک، مان لکندو، مار، مان ماريندو.

(١) هاشم ڪراچي ويندو هو (٢) ڪريم ڏاڏو هجي ايندو هو (٣) خدا بخش قلم کڻندو هو (٤) گل حسن ٻکي ماريندو هو.

ليک ڏنل فعل بورڊ تي لکائي انهن بابت هن ريت سمجهايو:-

## زمان مستقبل استمراري

هن جي سمجهاڻي لاءِ هيٺيان جملا بورڊ تي لکو:-

(١) ”ويندو هو“ فعل ڏيکاري ٿو ته فعل وارو ڪم ايندڙ وقت ۾ ڪندو ٿو جاري ته رکندو ايندو. (٢) ”پڙهندو هو“ فعل ڏيکاري ٿو ته فاعل فعل وارو ڪم ايندڙ وقت ۾ ڪندو ٿو جاري ته رکندو ايندو. (٣) ”کڻندو هو“ فعل ڏيکاري ٿو ته

فعل فاعل وارو ڪم ايندڙ وقت ۾ ڪندو، ۽ جاري ۽ رکندو ايندو.

(٢) "ماريندو هوندو" فعل ڏيکاري ٿو ته فاعل فعل وارو ڪم ايندڙ وقت ۾ ڪندو ۽ پو جاري به رکندو ايندو ته پڇاڙيءَ ۾ اچي ٿو ته اهو ڇا ٿي فعل زمان مضارع واحد غائب آهي جنهن ڪري مستقبل چئبو. ڇو ته هي اهو ڏيکاري ٿو ته اهو جاري رهندو انهيءَ ڪري ان کي "مستقبل استمراري" چئبو ڇاڪاڻ ته استمراري معنيٰ آهي جاري.

## "مستقبل استمراري ڏاڪو"

هن لاءِ ٽيهن فعلن کي هن ريت ٺاهيو:-

(١) "هو ويندو" فعل ۾ "ويندو" (اسم حاليه) پڇاڙي فعل معاون "هوندو" جو زمان ماضي ڪڍيل آهي.

(٢) "ڪندو هوندو" فعل ۾ "ڪندو". (اسم حاليه) پڇاڙي فعل معاون "هوندو" جو ماضي ڪڍيل آهي.

(٣) "کائيندو هوندو" فعل ۾ "کائيندو" (اسم حاليه) پڇاڙي فعل معاون (هوندو) جو زمان ماضي ڪڍيل آهي.

(٤) "ماريندو هوندو" فعل ۾ "ماريندو" (حاليه) اسم پڇاڙي فعل معاون (هوندو) جو زمان ماضي ڪڍيل آهي.

قاعده ٻهراڻي نوٽ ڪرايو "ته اسم حاليه سان اڳيان جوڙيا ويندا. فعل معاون (هوندو جيڪو) زمان

ماضي آهن ۽ زمان مستقبل استمراري واحد غائب
مذڪر ايندو.

### (٣) مستقبل جا قسم

هن ڪلاس ۾ شاگردن کي ٻڌايو ته مستقبل ڪل ٻه آهن

### (١) مستقبل (٢) مستقبل استمراري

## سبق ڏهون

### "زمان ماضي مطلق"

هن جي سمجهاڻي لاءِ هيٺيان جملا بورڊ تي لکو:-

١- حامد اڄ خط لکيو.
٢- عمر ڪتاب پڙهيو.
٣- حامد قلم کڻيو.
٤- حامد ڪانگ ماريو.

فعل چونڊائي ڌار ڌار بورڊ تي لکو هن ريت:-
لکيو، پڙهيو، کڻيو، ماريو.

شاگردن کي ٻڌايو ته هي فعل ڏيکارين ٿا ته هڪ فعل جي فاعل وارو ڪم گذريل وقت ۾ (اڳي ئي) پورو ٿي چڪو آهي. پهرين صورت ۾ چئبو ته فعل وارو ڪم ٿي گذريو آهي. فعل جي اهڙي صورت کي "زمان ماضي مطلق" چوندا آهن مطلق معنيٰ آهي پورو. هن ڪلاس ۾ شاگردن کي لوٽ ڪرايو ته "اهڙو فعل جو ڏيکاري ته فعل وارو ڪم گذريل وقت ۾ پورو ٿي

ڇڏيو آهي تنهنڪري ماضي مطلق چوندا آهن، جيئن ته لکيو ۽ ماريو.

## ”زمان ماضي مطلق ڳاڻق“

شاگردن کي ٻڌايو ۽ لوح تي لکيو ته ”اسم واحد جي پڇاڙي جي جي واري هجي ته ... سان ملي ۽ جي ڄام واري هجي ته ساڳي صورت قائم رکي فقط ”يو“ وڌڪ ڪرڻ سان ”زمان ماضي مطلق واحد غائب مذڪر ٺهندو آهي.“ مثلا: لکڻ - لکيو، مارڻ - ماريو.

## سبق اڪٺهون

## ”زمان ماضي قريب“

هن جي سمجهائڻ لاءِ هيٺيون جملا بورڊ تي لکو:-

١- حامد ڪراچيءَ ويو آهي.

٢- صفر ڪتاب پڙهيو آهي.

٣- احمد قلم کڻيو آهي.

٤- عرس شمشهن ماريو آهي.

شاگردن کي ٻڌايو ته ليڪيل ڏنل فعل ڏيکارين ٿا ته فاعل، فعل وارو ڪم ڪجهه وقت اڳ پورو ڪيو آهي، اهڙن فعلن جو زمان ”ماضي قريب“ چون ٿا.

قريب معنيٰ آهي ويجهو، جو ڏيکاري ٿو ته اهڙو عمل وارو ڪم گذريل وقت ۾ ۽ ويجهو عرصو پورو اڳ ٿيو آهي.

هن ڳالهه شاگردن کي لوڙهه ڪرائڻو ته "فعل جي ڏيکارين ٿا ته فاعل، عمل وارو ڪم گذريل وقت ۾ ٿورو اڳ ڪيو آهي تنهن کي زمان ماضي قريب چوندا آهن."

## ماضي قريب ٺاهڻ

سمجهاڻي:- قاعدو ڏيکاريو ته "اسم مفعول جي پڇاڙيءَ هڪ عمل مفعول جو زمان حال اڳيان ساڻ زمان ماضي قريب واحد غائب مذڪر ٺهندو آهي. مثلا ڏٺو- ڏٺو آهي. پڙهيو- پڙهيو آهي.

## سبق ٻاهٺون

## "زمان ماضي بعيد"

هن جي سمجهاڻي لاءِ ورڊ تي هيٺيان جملا لکو:-

(١) رحيم خط لکيو هو.

(٢) ڪريم ڪتاب پڙهيو هو.

(٣) احمد قلم گهڙيو هو.

(٤) ممتاز ڇتو ڪتو ماريو هو.

شاگردن کي ٻڌايو ته ليڪ ڏنل فعل ڏيکارين ٿا

فاعل، فعل وارا ڪم ڪنهن وقت کان اڳي ڪري چڪا هئا. (سمجهڻ پوري تهه کي ڪهڙو وقت گذري ويو آهي) انهن فعلن کي "زمان ماضي بعيد" چوندا آهن. بعيد معنيٰ پري يا دور (ٻه ٽي جملا جوڙي کين ڏيکاري ڪهڙو وقت گذري ويو سمجهجي.) ان کانپوءِ شاگردن کي نوٽ ڪرائبو ته "فعل جي پوئين ۾ ٿي ته فاعل، فعل وارو ڪم ڪنهن وقت ۾ ڪهڙو اڳي ڪري چڪو آهي، تنهن کي زمان ماضي قريب چوندا آهن.

## زمان ماضي بعيد ٺاهڻ

مٿين مثالن مان سمجهائي قاعده لکرائي نوٽ ڪرائبو ته ور اسم مفعول جي پڄاڻان فعل معاون (هئڻ) جو زمان ماضي آڻڻ سان زمان ماضي بعيد واحد غائب مذڪر ٺهندو آهي مثلاً- لکيو هو، پڙهيو هو.

## سبق ڪيٺيهون

## زمان ماضي استمراري

هيٺيان جملا پورا ڪري لکو.

١- قاسم خط لکندو هئي يا (هئي لکيو)

---

٢- هاشم ڪتاب پڙهيو هئي يا (هئي پڙهيو)

---

٣- قابل قلم گهڙيو هئي يا (هئي گهڙيو)

---

٤- نورل ڇتو ڪتو ماريو ٿي يا (ٿي ماريو)

شاگردن کي ٻڌايو ته هيٺيان فعل ڏيکارين ٿا ته فاعل، فعل وارو ڪم گذريل وقت ۾ جاري ٿي رکيو. "اهڙا فعل کي زمان ماضي استمراري چوندا آهن"

لکڻ کانپوءِ لکت ڪرايو ته "فعل جي ڏيکارين ٿا ته فاعل، فعل وارو ڪم گذريل وقت ۾ جاري رکيو ٿي کي زمان ماضي استمراري چوندا آهن"

## زمان ماضي استمراري ڏاڪو

"اسم مفعول سان فعل معاون ٿو يا ٿي جي زمان مضارع گڏجڻ سان زمان ماضي استمراري واحد غائب مذڪر ٺهندو آهي."

مثلاً- لکندو، لکندو ٿي لکندو هئي. پڙهندو، پڙهندو ٿي يا پڙهندو هئي.

## سبق چوٽيهون

## زمان ماضي تشڪيڪي

هيٺيان سمجهائڻ لاءِ هيٺيان جملا بورڊ تي لکو-

١- نورل خط لکيو هوندو.

٢- نورل ڪتاب پڙهيو هوندو.

٣- ٻچل قلم گهڙيو هوندو.

٤- نورل ڇتو ڪتو ماريو هوندو.

شاگردن کي ٻڌائبو ته اهڙن ڪن فعلن مان ڏسبو ته اهي انهن فاعلن جي فعلن وارن ڪمن جي گذريل وقت ۾ پوري ڪرڻ جو شڪ آهي، اهڙن فعلن کي زمان ماضي مشڪوڪ چوندا آهن. مشڪوڪ معنيٰ آهي شڪ وارو.

اهڙيءَ طرح شاگردن کي اوٺ ڪرائبو ته " فعل جيڪي ڏيکارين ته سندن فاعل جي فعل وارو ڪم گذريل وقت ۾ پوري ڪرڻ ۾ شڪ آهي تن کي زمان ماضي مشڪوڪ چوندا آهي.

## زمان ماضي مشڪوڪ

مثالن مان ثابت ڪري ڏي قاعدو لکرائبو ته "اسم مفعول جي پٺيان "هوندو" فعل ملائڻ جو زمان مستقبل آڻڻ سان زمان ماضي مشڪوڪ واحد غائب مذڪر ٺهندو آهي".

مثال: لکيو- لکيو هوندو. ماريو- ماريو هوندو.

## سبق پنجاهون

## زمان ماضي دائمي

هن جي سمجهاڻي لاءِ هيٺيان جملا بورڊ تي لکو:-

١- حاجي خط لکندو هو.

٢- موسو ڪتاب پڙهندو هو.

٣- عيسو ڪم ڪندو هو.

شاگردن کي سمجهائبو ته هي فعل ڏيکارين ٿا ته

سمجهڻ فاعل، گذريل وقت ۾ فعل وارو ڪم هميشه ڪندو هو جنهنڪري ته "مدام" معنيٰ آهي هميشه.

الڪالهوڪو شاگردن کي اوهه ڪرايو ته انهيءَ فعل جي ڪيفيت ته سمجهڻ فاعل، فعل وارو ڪم گذريل وقت ۾ هميشه ڪندو هو تنهنڪري زمان ماضي مدامي چئبو آهي".

## زمان ماضي مدامي لاءِ

قاعدو ٺهرايو ته "اسم حاليه جي پٺيان فعل معاون هجڻ جي زمان ماضي آڻڻ سان زمان ماضي مدامي واحد غائب مذڪر ٺهندو آهي.

## سبق ڇهون

## "زمان ماضي شرطيه"

هيٺين سمجهاڻي واسطي هيٺيان مثال بورڊ تي لکو:-

۱- احمد ڪراچيءَ وڃي ها، جيڪڏهن پئسا هجنس سو واهه ڏٺي ها.

۲- حامد اچي ها، جيڪڏهن اسان هن ماڻهو وڃي ها،

۳- آءٌ خط لکي ها، جيڪڏهن اسان جو چاوس ها،

۴- سومر بکهڙ مارڻ ها، جيڪڏهن سندس بندوق ۾ گولي هجي ها.

شاگردن کي ٻڌايو ته جيڪڏهن ڪرڻ ط پورو لکي ها

۽ ليکڪن ٻڌايل فعلن جا فاعل، فعل وارو ڪم گذريل وقت ۾ ڪري چڪا هئا. اهڙن فعلن کي زمان ماضي شرطيه چوندا آهن. شرطيه جي معنيٰ آهي جنهن ۾ شرط ڀريل هجي. سمجهائڻ کانپوءِ شاگردن کي نوٽ ڪرائڻ ته ”فعل جي ڏيکاريل ان ڪم جي شرط تي ٻڌائي، بعد فعل جا فاعل، فعل وارو ڪم پورو ڪن ها، ان کي زمان ماضي شرطيه چوندا آهن.“

## زمان ماضي شرطيه ٺاٺ

مثال ساڳيا ڪري ڏيکاريا وڃن ۽ قاعدو لکرايو ته ”زمان مضارع جي صيغن سان معاون فعل جو لفظ ”ها“ آڻڻ سان زمان ماضي شرطيه ٺهندو آهي.“

## سبق ستٽيهون

## زمان حال (زمان هلندڙ)

شاگردن کي سمجهايو ته فعل جو ڏيکاري ته فاعل فعل وارو ڪم هينئر ڪري ٿو، اهڙن کي زمان حال چوندا آهن.“ ”حال“ لفظ جي معنيٰ هينئر هلندڙ.

## زمان حال ٺاٺ

هن لاءِ هيٺيان جملا پورا ڪري لکو:-

۱- طالب اچي ٿو.

۲- خالد پڙهي ٿو.

۳- جعفر قلم گهڙي ٿو.

۴- مشتاق لٽ چاڙهي ٿو.

ليڪن ڏنل فعلن ڏانهن شاگردن جو ڌيان ڇڪائي کين سمجهايو ته ”اچي“ ”پڙهي“ ”ڪڍي“ ۽ ”چڙهي“ اهي سڀ مضارع آهن. انهن مان لوچ مصدر جو زمان حال ”لو“ ڪڍڻ سان زمان حال ٺهندو آهي.

## سبق اڻويهون

### زمان حال استمراري

هن لاءِ بورڊ تي هيٺيان جملا لکو:-

١- نور محمد حيدرآباد وڃي ٿو. (ٿو وڃي)

٢- نور محمد ڪتاب پڙهي ٿو. (ٿو پڙهي)

٣- موسو خط لکي ٿو. (ٿو لکي)

٤- طالب شڪار ڪري ٿو. (ٿو ڪري)

شاگردن جو ڌيان ليڪ ڏنل فعلن ڏانهن ڇڪائي کين ٻڌايو ته اهي فعل ڏيکارين ٿا ته فاعل فعل جو ڪم هلندڙ وقت ۾ جاري رکيو ٿو اچي. انهن فعلن جو زمان حال استمراري چوندا آهن. سمجهائڻ کانپوءِ شاگردن کي لوٽ ڪرايو، ته ”اهڙا فعل جي ڏيکارين ته فاعل فعل وارو ڪم هلندڙ وقت ۾ جاري ٿو رکي تن جو زمان حال استمراري چوندا آهن“.

## زمان حال استمراري ڏيڻ

هن زمان سيکارڻ لاءِ قاعدو ٻڌايو ته ”زمان مضارع سان معاون فعل ”هوڻ“ جو زمان مضارع ”هو“ گڏڻ سان زمان حال استمراري ٺهندو آهي.“

## سبق اوڻيتاليهون

## زمان حال مدامي

هن جي سمجهائڻ واسطي هيٺيان جملا فعل جي معنا سمجها سان لکو:-

(١) حسن مهرڙي وڃندو آهي.

(٢) حميد هتي ايندو آهي.

(٣) حامد لکندو آهي.

(٤) حسن پڙهندو آهي.

## زمان حال مداميءَ ڏيڻ

شاگردن جو ليکو ڏٺل فعلن ڏانهن ڌيان ڇڪائي ڪين ٻڌايو ته فعل جو ٻيون ڀاڱو ”وڃندو“ ”ايندو“ ”لکندو“ ”پڙهندو“ اهي سڀ اسم حاليه آهن انهن سان ”هجڻ“ مصدر جو زمان گڏڻ سان زمان حال مدامي ٺهي ٿو.

# سبق چاليهون

## "زمان حال مشڪڪي"

هن جي سمجهاڻيءَ واسطي هيٺيان جملا ٻورڊ تي لکو.

(١) طالب علم اوز ويندو هوندو.

(٢) محمد هتي ايندو هوندو.

(٣) لکاڻو لکندو هوندو.

(٤) موسو پڙهندو هوندو.

معلّم وارو شاگردن جو ڌيان چٽائي ڪمن ڏانهو ته اهي فعل جي ڏيکارين ٿا ته سندن فعل واري ڪم جو هلندڙ وقت ۾ ٿيڻ هڪ شڪي حالت ۾ آهي يعني انهن ۾ شڪ آهي. اهڙن فعلن جو زمان حال مشڪڪي چوندا آهن. انهن کان پوءِ شاگردن کي لوڙ ڪرايو ته " اهڙا فعل جي ڏيکارين ته فعل واري ڪم جو هلندڙ وقت ۾ ٿيڻ هڪ شڪي حالت ۾ آهي تن کي زمان حال مشڪڪي چوندا آهن.

## زمان حال مشڪڪي ٺاهڻ

ساڳئي طرح فعلن ٺاهڻ سان ثابت ڪري ڏيکاريو ته "اسم حاليه جي اڳيان مصدر جي هڻ مصدر جو زمان مستقبل آڻڻ سان زمان حال مشڪڪي ٺهندو آهي."

جيئن ته "ويندو" اسم حاليه سان هجڻ مصدر جو زمان مستقبل "هوندو" گڏبو ته "ويندو هوندو" ٺهي ٿو

# سبق ايڪيتاليهون

## زمان جو دور

زمان ڪل چوڏهن آهن هڪ زمان مضارع ۽ زمان مستقبل، سڀ زمان ماضي ۽ زمان حال.

مستقبل جا قسم:- زمان مستقبل ٢- زمان مستقبل استمراري.

زمان ماضي جا قسم:- ١- زمان ماضي مطلق ٢- زمان ماضي قريب ٣- زمان ماضي بعيد ٤- زمان ماضي استمراري ٥- زمان ماضي مشڪوڪ ٦- زمان ماضي معتادي ٧- زمان ماضي شرطيه.

زمان حال جا قسم:- ١- زمان حال ٢- زمان حال استمراري ٣- زمان حال معتادي ٤- زمان حال مشڪوڪ.

٢- سڀ زمان ماضي هڪ ئي اسم مشتق (ڏاڙهو) مان نڪتل آهن اهڙي ريت سڀ زمان حال به هڪ ئي اسم مشتق مان نڪتل آهن، تنهن ڪري هر هڪ مشتق مان نڪتل زمان هيٺ لکجن ٿا.

"اسم مفعول مان نڪتل زمان"

١- زمان ماضي مطلق ٢- زمان ماضي قريب ٣- زمان ماضي بعيد ٤- زمان ماضي استمراري ٥- زمان ماضي مشڪوڪ.

"اسم حاليه مان ٺهيل زمان"

(١) زمان مستقبل (٢) زمان مستقبل استمراري
(٣) زمان ماضي مدامي (۴) زمان حال مدامي
(۵) زمان حال محققي.

"زمان مضارع مان ٺهيل زمان"

(١) زمان مضارع (٢) زمان حال (٣) زمان حال استمراري (۴) زمان ماضي شرطيه.

"امر واحد مان ٺهيل مشتق"

(١) امر جمع (٢) امر واحد استقبال (٣) امر جمع استقبال (۴) اسم فاعل (۵) اسم مفعول (٦) اسم حاليه (٧) اسم استقبال (٨) ماضي معطوفي (٩) مضارع.

ان کان پوء زمان جو نقشو ڪڍبو ۽ شاگردن کان ڪڍائبو.

سبق ٻائيتاليهون

"فعل جا گردان"

شاگردن جو ڌيان اڳ ۾ سکيل ڪم [اسم ۽ ضمير جي گردان] ڏانهن ڇڪائي کين ياد ڏياربو ته اسم جو گردان ٽنهي حالتن ۾ ٿيندو آهي ۽ ضمير جو گردان چئن حالتن ۾ ٿيندو آهي. پر فعل جو گردان ضمير خالص (ٽنهي ڀاڱن) ۾ واحد ۽ جمع مطابق ٿيندو آهي هن ريت:-

# زمانن جا گردان

## هئڻ مصدر جي زمان (آهي) جو گردان

| نالو ضمير جو | عدد واحد: مذڪر | عدد واحد: مونث | عدد جمع: مذڪر | عدد جمع: مونث |
|---|---|---|---|---|
| ضمير خالص متڪلم | (مان) آءٌ آهيان | (مان) آءٌ آهيان | اسان يا اسين آهيون | اسان يا اسين آهيون |
| ضمير خالص حاضر | تون آهين | تون آهين | اوهان يا اوهين آهيو | توهان يا توهين آهيو |
| ضمير خالص غائب | هو آهي | هوءَ آهي | هو يا اُهي آهن | هو يا اُهي آهن |

شاگردن کي ٻڌايو ته هي گردان مذڪر ۽ مونث ۾ هڪ جهڙو آهي فقط واحد غائب مونث لاءِ هوءَ چوڻو پوندو آهي. ان کان پوءِ شاگردن کي لوٽ ڪرايو ته "فعل جي ڪهڙن ڇهن زمانن کي ضمير خالص جي اُنهي ڳالهه ۾ واحد ۽ جمع مڃيون؟ قسم ٿي ڪي فعل جو گردان چوندا آهن ۽ انهيءَ ڪري فعلن جا گردان ڪرايو.

## ڪڻڻ مصدر جي زمان ماضي جو گردان

| ضمير جو نالو | مذڪر (عدد واحد) | مونث (عدد واحد) | مذڪر (عدد جمع) | مونث (عدد جمع) |
|---|---|---|---|---|
| ضمير خالص متڪلم | آءٌ ڪڻيومن | آءٌ ڪڻيس | اسين ڪڻياسين | اسين ڪڻيوسين |
| " " حاضر | تون ڪڻئين | تون ڪڻيئه | توهين ڪڻيا | اوهين ڪڻيون |
| " " غائب | هو ڪڻيو | هوءَ ڪڻي | هو ڪڻيا | هو ڪڻيون . |

## ڪڻڻ مصدر جي زمان حال جو گردان

| | | | | |
|---|---|---|---|---|
| ضمير خالص متڪلم | آءٌ ڪڻان ٿو | آءٌ ڪڻان ٿي | اسين ڪڻون ٿا | اسين ڪڻون ٿيون |
| " " حاضر | تون ڪڻين ٿو | تون ڪڻين ٿي | اوهان ڪڻو ٿا | اوهين ڪڻو ٿيون |
| " " غائب | هو ڪڻي ٿو | هوءَ ڪڻي ٿي | هو ڪڻن ٿا | هو ڪڻن ٿيون . |

# مارڻ مصدر جي سڀني فعلن جو گردان

## (۱) زمان ماضي مطلق

| ضمير جو نالو | عدد واحد مذڪر | عدد واحد مونث | عدد جمع مذڪر | عدد جمع مونث |
|---|---|---|---|---|
| ضمير خاص متڪلم | مون ماريو | مون ماريو | اسان ماريو | اسان ماريو |
| " " حاضر | تو ماريو | تو ماريو | اوهان ماريو | اوهان ماريو |
| " " غائب | هن ماريو | هن ماريو | هنن ماريو | هنن ماريو |

## (۲) زمان ماضي قريب

| ضمير جو نالو | عدد واحد مذڪر | عدد واحد مونث | عدد جمع مذڪر | عدد جمع مونث |
|---|---|---|---|---|
| ضمير خاص متڪلم | مون ماريو آهي | مون ماريو آهي | اسان ماريو آهي | اسان ماريو آهي |
| " " حاضر | تو ماريو آهي | تو ماريو آهي | اوهان ماريو آهي | اوهان ماريو آهي |
| " " غائب | هن ماريو آهي | هن ماريو آهي | هنن ماريو آهي | هنن ماريو آهي |

(٦) زمان مستقبل

| ضمير جو نالو | عدد واحد — مذڪر | عدد واحد — مونث | عدد جمع — مذڪر | عدد جمع — مونث |
|---|---|---|---|---|
| ضمير خالص متڪلم | آءٌ ماريندس | آءٌ ماريندي س | اسين ماريندا سون | اسين ماريندِيون سون |
| „ „ حاضر | تون ماريندين | تون ماريندينءَ | اوهان ماريندا (ماريندؤ) | اوهين ماريندِيون |
| „ „ غائب | هو ماريندو | هوءَ ماريندي | هو ماريندا | هو ماريندِيون |

(٧) زمان مستقبل استمراري

| ضمير جو نالو | عدد واحد — مذڪر | عدد واحد — مونث | عدد جمع — مذڪر | عدد جمع — مونث |
|---|---|---|---|---|
| ضمير خالص متڪلم | مان ماريندس پيو | مان ماريندي س پيئي | اسان ماريندا سون پيا | اسين ماريندِيون سون پيئون |
| „ „ حاضر | تون ماريندين پيو | تون ماريندينءَ پيئي | اوهان ماريندا پيا | اوهين ماريندِيون پيئون |
| „ „ غائب | هو ماريندو پيو | هوءَ ماريندي پيئي | هو ماريندا پيا | هو ماريندِيون پيئون |

## (۸) زمان ماضي مدامي

| ضمير جو نالو | عدد واحد — مذکر | عدد واحد — مونث | عدد جمع — مذکر | عدد جمع — مونث |
|---|---|---|---|---|
| ضمير خالص متكلم | آءٌ ماريندو هوس | آءٌ ماريندي هيس | اسان ماريندا هئاسين | اسين ماريندڀون هيوسين |
| " " حاضر | تون ماريندو هئين | تون ماريندي هئين | اوهين ماريندا هئا | اوهين ماريندڀون هيون |
| " " غائب | هو ماريندو هو | هوءَ ماريندي هئي | هو ماريندا هئا | هو ماريندڀون هيون |

## (۹) ماضي شرطيه

| ضمير جو نالو | عدد واحد — مذکر | عدد واحد — مونث | عدد جمع — مذکر | عدد جمع — مونث |
|---|---|---|---|---|
| ضمير خالص متكلم | آءٌ ماريان ها | آءٌ ماريان ها | اسين ماريون ها | اسين ماريون ها |
| " " حاضر | تون مارين ها | تون مارين ها | اوهين ماريو ها | اوهين ماريون ها |
| " " غائب | هو ماري ها | هوءَ ماري ها | هو ماري ها | هو مارين ها |

## (١٣) زمان حال مدامي

| ناالو ضمير جو | عدد واحد: مذڪر | عدد واحد: مونث | عدد جمع: مذڪر | عدد جمع: مونث |
|---|---|---|---|---|
| ضمير خاص متڪلم | آءٌ ماريندو آهيان | آءٌ ماريندي آهيان | اسين ماريندا آهيون | اسين مارينديون آهيون |
| " " حاضر | تون ماريندو آهين | تون ماريندي آهين | اوهان ماريندا آهيو | اوهين مارينديون آهيو |
| " " غائب | هو ماريندو آهي | هوءَ ماريندي آهي | هو ماريندا آهن | هو مارينديون آهن |

## (١٤) زمان مشڪوڪ

| ناالو ضمير جو | عدد واحد: مذڪر | عدد واحد: مونث | عدد جمع: مذڪر | عدد جمع: مونث |
|---|---|---|---|---|
| ضمير خاص متڪلم | آءٌ ماريندو هوندس | آءٌ ماريندي هونديس | اسين ماريندا هونداسين | اسين مارينديون هونديونسين |
| " " حاضر | تون ماريندو هوندين | تون ماريندي هوندينءَ | اوهان ماريندا هوندا | اوهين مارينديون هونديون |
| " " غائب | هو ماريندو هوندو | هوءَ ماريندي هوندي | هو ماريندا هوندا | هو مارينديون هونديون |

# ڀاڱو ٽيون

## ستين درجي لاءِ

## سبق پهريون

### "فعل اڪر ڪرڪ"

هن جي سمجهاڻي واسطي هيٺيان جملا بورڊ تي لکو:-
(۱) اڄ ڪراچيءَ وڃبو. (۲) سياٽي موٽي اچبو.
(۳) ڇگر وقت الي رهبو (۴) تو سان ڳالهي اچبو.
هنن جملن مان هيٺينءَ ريت فعل جو مثالي بورڊ
تي لکو:-

۱- وڃبو: وڃڻ مصدر مان نڪتل آهي جا لازمي
فعل جي مصدر آهي.
۲- رهبو. رهڻ مصدر مان نڪتل آهي جا لازمي
فعل جي مصدر آهي.
۳- اچبو. اچڻ مصدر مان نڪتل آهي جا لازمي
فعل جي مصدر آهي.
شاگردن جو ڌيان جملن ڏانهن ڇڪائي ڪين ڏيان

ٿي آکيو ته ڪڏهن به جملي ۾ فعل جو فاعل ظاهر ڪو نه آهي. هيٺيان ڏنجي لوڻ کي فعل اهڙا آهن جن جو بنياد لازمي فعل آهي مگر سڌن فاعل ڪم ٿي ويل آهن، اهڙن فعلن کي اڪر ترڪ چوندا آهن. اڪر ترڪ مفعول آهي فاعل کانسوا .

لنهن کان پوءِ شاگردن کي لوٿ ڪرائو ته اهڙا فعل جن جو بنياد لازمي هجي ۽ سڌن فاعل ڪم (لڪل) هجن تنکي فعل اڪر ترڪ (بي فاعل) چوندا آهن

## سبق ٻيهو

## مرکب فعل

هن جي سمجهاڻي لاءِ هيٺيان جملا بورڊ تي لکو:-

١- ڏنا مهڙن ڪاهي ويو.

٢- لوڪي ڏٺه ٻر اُو ٻولڊو.

٣- ڇوڪر هميشه کهڻ لڳو آهي.

٤- گورو ترسي فقير ڊري رمندو رهيو.

مٿين جملن مان فعل چونڊائي بورڊ تي هن ريت لکو:-

١- فعل ”ڪاڍي ويو آهي“ هن ۾ ٻن بنيادي فعلن جا فعل آيا آهن.

٢- فعل ”گهمڻ لڳو آهي“ هن ۾ ٻيا ٻن بنيادي فعلن جا فعل آيا آهن.

٣- فعل ”ڀرڻو پوندو“ هن ۾ ٻئا ٻن بنيادي فعلن جون ڪي صورتون آيل آهن

٤- فعل ”[illegible]“ هن ۾ ٻ ادي فعلن جون ڪي صورتون آيل آهن.

تنهن ڪري ٻڌايو ته ڪي فعل اهڙا آهن جي ٻنا ٿي (ٻن ڌار ڌار بنيادي فعلن جون ڪي صورتون گڏجي) هڪ فعل ٿي اچن ٿا.

اهڙن ... کي مرڪب فعل چوندا آهن.

مرڪب معنيٰ آهي گڏيل. تنهن کان پوءِ شاگردن کي لوت ڪرايو ته ”اهڙا فعل جي ڪن بنيادي فعلن جون ڪي صورتون گڏجي هڪ فعل ٿي ڪم اچن تن کي مرڪب فعل چوندا آهن.“

## مرڪب فعل ٺاهڻ

١- هيٺيان جملا بورڊ تي لکو:-

١- جهاز مس مس هلڻ لڳو.
٢- ماستر وري هميشه لکڻ ويٺو
٣- ڪڪو هميشه اسڪول وڃڻ لڳو هو

جملي ۾ آيل فعل ڪي هن ريت ٺوڙيو.

١- هلڻ بنيادي فعل (مصدر) جي ٺاهيان لڳڻ مصدر جو ماضي مطلق (لڳو) آندل آهي.
٢- لکڻ بنيادي فعل (مصدر) جي ٺاهيان ويهڻ مصدر جو ماضي قريب (ويٺو) آندل آهي.
٣- وڃڻ بنيادي فعل (مصدر) جي ٺاهيان لڳڻ مصدر جو زمان ماضي بعيد (لڳو هو) آندل آهي.

ان کان پوءِ شاگردن کي ٻڌايو ته ماضي مطلق، ماضي قريب ۽ ماضي بعيد اسم مفعول مان ٺهيل زمان آهن. تنهن کانپوءِ شاگردن کان پڇنا ڪري سان قاعدو ٺهرائي لوت ڪرايو ته "ڪن بنيادي فعلن (مصدر) جي ٺاهيان ڪن ٻين فعلن جا اسم مفعول مان ٺهيل زمان آڻڻ سان مرڪب فعل ٺهندا آهن.

٢- هيٺيان جملا پورا ڪري لکو:-

١- ولي محمد اهڙو ماڻهو آهي جو وڏهل مرچايو وڃهو.
٢- علي محمد جتان ڪڏان ايهڙو جو ڪم ڪيايو اچي.

٣- نور محمد اهڙو ڏاهو آهي جو سڀ ڪنهن کي پنهنجي لالنگ رکيو اٿئي.

مٿين والن فعلن کي ٽوڙي لکڻ سان ثابت ڪري ڏيکاريو ته "ڪن فعلن جي ماضي معطوفه اڳيان ڪن اهڙن فعلن جا ماضي معطوفي گڏڻ سان مرڪب فعل ٺهندا آهن"

٣- هيٺيان جملا پورا ڪري لکو:—

١- اسانجو مهمان، اسانجي، موٽڻ لائق هي ڏهندو

٢- هو فقير پنهنجي رستي لاءِ رهندو رهيو.

٣- شڪس ٻاري ٻوڙڻ لائق هي ڪاڏهن وڌندو رهيو هو.

ساڳيءَ ريت مٿيان مثالن سان ثابت ڪري قاعدو ٺهرايو ته "ڪن فعلن جي اسم حاليه پٺيان اسم مفعول سان ٺهيل ڪن ڏاتن آڻڻ سان مرڪب فعل ٺهندا آهن".

٤- هيٺيان جملا پورا ڪري لکو:-

١- اسانجو ڇوڪرو هميشه پاڻهي پڙهندو ويندو.

---

٢- هي جي هميشه لکندو رهندو، ته اڪر پڙهندس.

٣- ھي اوھان جو ٻھڻام ليڪ ڏ ٻڌو ۽ ٻڌو.

ليڪ ڏنل فعل متعين واسطي ٽوڙائي قاعدو ٺھرايو ۽ نوٽ ڪرايو ته ”ڪن فعلن جي اسم حاليه ٻنھي ٻيادي فعلن جي زمان مستقبل آڻڻ سان مرڪب فعل ٺھندو آھي.

١- احمد ٻنھجي واٽ سان رھندو رھي.

٢- شھردل رحمدل کي چوندو رھي ته ”ھو ترسي، اچون ٿا“.

ليڪ ڏنل لفظ (فعل) متعين. جيڪي ٽوڙائي قاعدو ٺھرائي نوٽ ڪرايو ته ”اسم حاليه ٻنھي ٻيادي فعلن جي زمان مضارع آڻڻ سان مرڪب فعل ٺھندو آھي.“

٦ ھيٺيان جملا پورا ڪري لکو:-

١- منھنجي ڪري اوھان کي شڪار پورو ھلڻو پوندو.

٢- اوھان کي اڄ خط ضرور لکڻو پوندو.

متعين ڪري قاعدو ٺھرايو ته ”اسم استقبال ٻنھي

”ٻوڻ“ فعل جو زمان مستقبل آڻڻ سان مرڪب فعل ٺهندو آهي.

(٧) الهيءَ ئي ساڳئي نموني سان هيٺين نمونن وارا فعل (ڏار ڏار بنيادي فعلن مان اڪثر) ڏار ڏار جملن ۾ وجهي قاعدو ٺهرايو

جهڙوڪ:- (١) ڪٽي وڃ، ڇڏي آءُ، سمهي رهه وغيره. ماضي معطوفيه جي ٺهڻ پٺي بنيادي فعل جي امر واحد آڻڻ سان مرڪب فعل ٺهندو آهي.

## استعمال لاءِ سوال

( هيٺين بنيادي سوالن مان نمبروار ماضي بعيد جمع غائب، ماضي مداومي جمع حاضر، ماضي استمراري جمع غائب. ماضي مشڪوڪي جمع متڪلم ۾ اهڙا فعل ٺاهي جملن ۾ ڪم آڻيو، جيئن لازمي ٿي ڪم اچن. ڏهڻ، سبڻ، ٻڌڻ، لکڻ، ڪاڙهڻ، وڍڻ، رڌڻ، ۽ اٿڻ.

(١) مرڪب فعل ڇا آهي؟

(٢) مرڪب فعل ٺاهڻ جا قاعدا لکو؟

(٣) پنج جملا لکو جن ۾ مرڪب فعل ڪم آيل هجن؟

(٤) اچڻ مصدر جي مدد سان ٻئي ڪهڙن بنيادي

فعل جو ڪو صيغو آئي مرڪب فعل ڪاهي ڏيکاريو؟

## فعل واسطي وڌيڪ سمجھاڻي

هن بابت هيٺيان جملا بورڊ تي لکو:-

(١) سرفراز، چور کي مار ڏني (ماريو)

(٢) عيسيٰ، ايوب کي ڌڪو (ڌڪيو) ڏنو.

(٣) مشتاق، حمد کي چڪ پاتو.

(٤) چورن، شاهوڪار جي گهر کي کاٽ هنيو.

هنن بابت هن ريت سمجھايو:-

پهرئين جملي ۾ سرفراز فاعل آهي جنهن مار ڏيڻ جو ڪم ڪيو آهي، ۽ مار (مار ڏيڻ جو ڪم) چور سان ٿيو آهي تنهن ڪري مفعول آهي چور، ۽ "مار ڏني" هڪو فعل آهي ۽ نه فقط ڏني. اهڙيءَ ريت "ڌڪو ڏنو" هڪو فعل آهي ۽ (نه فقط ڏنو) ۽ سندس مفعول آهي ايوب. ساڳيءَ طرح "چڪ پاتو" ۽ "کاٽ هنيو" به هڪا فعل آهن.

تنهن ڪري اهڙن جي ترڪيب ڪرڻ وقت ڪين گڏ (هڪو) فعل ڪرڻ کپي. نه مار اسم ۽ ڏني فعل ... وغيره. اهڙين ترڪيب غلط ٿيو وڃي. ان ڪان پوءِ شاگردن کي نوٽ ڪرايو ته "اسان جي سنڌي ۾ اهڙا فعل به آهن، جن جو هڪ (اڳيون) ڀاڱو اسم ۽ ٻيو (پويون) ڀاڱو فعل ڏسڻ ۾ ايندو آهي.

انهن ٻنهي ڪي گڏ هڪڙو فعل ڪري ڪم آڻي، جا ڪاڻ ته اهي هڪڙا فعل آهن.

**نوٽ:-** استادن جي تصديق لاءِ ٻين ٻولين جا مثال ڏجن ٿا:-

١- انگريزيءَ ۾ چيڪ بالٽ کي چوندا آهن "ٽوپائيمنٽ" (جو هڪڙو فعل آهي)

٢- انگريزيءَ ۾ مار ڏيڻ کي چوندا آهن "ٽوپنش" ۽ عربيءَ ۾ "ضرب" (جي ٻئي اهڙا هڪڙا فعل آهن) ۽ انسان وٽ رواج جي ڪري اهڙا هڪڙا فعل ڪونه آهن. تنهنڪري اهو رواج روا رکيو آهي.

—o—

# سبق نهون

## بي قاعدي فعل

هن بي سمجهاڻي واسطي هيٺيان امر پوري ٿي لکو -

هيٺين امرن مان اسم مفعول ٺهرائي پوري ٿي لکو جن وانگي-

| | |
|---|---|
| ١- لک، مار، ڦاهه، ٻڌ، گڏ، اڇل، الٽ | ٢- اچ، رچ، ڪر، ڏاهه، چڙ، وڃ، ڌوهه، ٻڌ |

| (٢) ڀاڱو | (١) ڀاڱو |
|---|---|
| اچ مان آيو (آيل) | لک مان لکيو (لکيل) |
| وڃ مان ويو (ويل) | مار مان ماريو (ماريل) |
| ڪر مان ڪيو (ڪيل) | لاهه مان لاهيو (لاهيل) |
| ڊاهه مان ڊاٺو (ڊاهيل) | ٻار مان ٻاريو (ٻاريل) |
| چڙ مان چڙو (چڙل) | چڙهه مان چڙهيو (چڙهيل) |
| وٺ مان ورتو (ورتل) | گڏ مان گڏيو (گڏيل) |
| ڏس مان ڏٺو (ڏٺل) | اڏ مان اڏيو (اڏيل) |
| ٻڌ مان ٻڌو (ٻڌل) | لڏ مان لڏيو (لڏيل) |

شاگردن کي سمجهائي ڏيکاريو ته مٿئين ڀاڱي وارن امرن مان اسم مفعول باقاعدي (سڪيل قاعدي موجب) ناهيو ويو آهي پر ٻئي ڀاڱي وارن امرن مان اسم مفعول باقاعدي نه پر بي قاعدي ناهيو اٿئون. هن مان ڏسجي ٿو ته ڪي بنيادي فعل اهڙا آهن جن جو اسم مفعول قاعدي پٽاندڙ نٿو ٺهي. انهن کي بي قاعدي فعل چوندا آهن. ان کان پوءِ شاگردن کي لوڻ ڪرايو ته "اهڙا بنيادي فعل جن جو اسم مفعول بي قاعدي ٺهي ٿو تن کي بيقاعدي فعل چون ٿا.

## استعمالي سوال

(١) بي قاعدي فعل ڇا کي چوندا آهن ؟

(٢) باقاعدي فعل ڇا کي چوندا آهن ؟

(۳) اهي سمع بنيادي فعل ڀڃاڻو جي باقاعدي هجن.
(۴) اهي سمع بنيادي فعل ڀڃاڻو جي بي قاعدي هجو.
(۵) بي قاعدي ۽ باقاعدي فعل ۾ تفاوت ڀڃاڻو ؟

# سبق چوٿون

## فعل جي ترڪيب

هيٺئين اسان کي فعل جي ترڪيب سمڪارڻي آهي هن لاءِ اوهان کي هيٺيان جملا لکون.

(۱) اصغر علي ڪتاب پڙهندو آهي.
(۲) محبوب علي انب کائي او.
(۳) اڄ ڊوڙيو
(۴) انب کائيو.

هنن جملن مان فعل چونڊائي ڌار ڪري بورڊ تي لکو هن ريت:-

(۱) پڙهندو آهي، (۲) کائي لو. (۳) ڊوڙيو. (۴) کائيو

انهن مان هر هڪ فعل جي ترڪيب بورڊ تي شاگردن جي مدد سان هن ريت ڪريو.

(۱) پڙهندو آهي:- فعل متعدي معروف، زمان حال مدامي، ضمير واحد غائب، جنس مذڪر. فاعل اٿس اصغر علي، مفعول اٿس ڪتاب.

کاڌي ٿو:- فعل متعدي معروف، زمان حال، ضمير غائب واحد، جنس مذڪر، فاعل اُهو منصوب علي مفعول اُهو اَنب:

کاڌو:- فعل متعدي مجهول، زمان مستقبل ضمير غائب واحد جنس مذڪر فاعل اُهو انب. ڳالهائڻ ۾ فعل جي اُستاد جي ڪرڻ ۾ شاگردن کي هيٺيون هدايتون ڌيان ۾ رکڻ گهرجن:-

## هدايتون

(۱) اُستاد کي ڪلاس ۾ جملن ۾ جيڪو فعل هجي، سو ڏيکاري ۽ سمجهائي ته فعل ڪهڙو لفظ آهي

(۲) وڌيڪ ڪهي ڪم ڏيکاري ته فعل وارو ڪم ڪنهن تي ٿئي ٿو يا نه. (فعل جو اثر ڪنهن شئي تي ٿئي ٿو يا نه) فعل جو اثر جملي ۾ ڪنهن ٻئي لفظ تي ٿئي ته فعل متعدي معروف، جي نه ته لازمي فعل چئبو وجي.

نوٽ:- هن لاءِ فعل کان هي ٻه سوال ڪرايو:-

(۱) فعل واري ڪم جو ڪرڻ وارو ڪير آهي؟

(۲) اهو ڪم ڪنهن تي ٿو ٿئي (فاعل ڇا ٿو ڪري؟

جيڪڏهن ٻنهي سوالن جي جواب ۾ ڌار ڌار لفظ آيا ته چئبو ته متعدي آهي.

(۳) فعل جي زمان ۽ ضمير سڃاڻڻ ڪرڻ واسطي فعل

جو گردان ڪري ڏسو ته ڪهڙو فرق پوي ٿو. پڇي ڏسندي ته فعل جو زمان ڪهڙو ۽ ضمير ڪهڙو آهي.

(٤) فعل جي قسمن جي ڪري ڪهڙا ڳالهيون ڄاڻڻ گهرجي ته فعل جنهن مصدر مان نڪتو آهي سو مصدر فعل لازمي جو آهي يا متعدي جو. جنهن مصدر متعدي فعل جي پڇاڙي مگر هجي ته ڏسي ته ڪم ڪرڻ وارو ڪير آهي باقي جنهن لفظ تي ڪم جو اثر پوي تنهن کي مفعول چئبو آهي ته اهڙي فعل کي فعل متعدي مجهول چئبو. ٻيو جو مصدر لازمي فعل جي ڪري ۽ جنهن جو فاعل معلوم نه ٿئي ته ان کي فعل لازم مجهول چئجي.

اڪر ترڪيب فعل ڪي فاعل، ضمير، عدد ۽ جنس نه لڳندي آهي ڇاڪاڻ ته سڀ فعل عدد، جنس ۽ ضمير ۾ فاعل موجب مٽبا آهن. پر جڏهن ڪي فاعل ئي ڪونه آهي تڏهن ڪري سڀ فاعل کان لاڳو جيڪي لڳڻ ۾ نه ايندا هون.

# سبق پنجون

## "فعل جو پڙهوگ"

(١) فعل جي پڙهڻ کي سمجهائڻ واسطي اڳيان پر فعل جو لاڳاپو فاعل ۽ مفعول سان سمجهائي ۽ پڙهوگ ۽ ان جا قسم سمجهائڻ گهرجن. تنهن ڪري پڙهوگ جي سمجهاڻي لاءِ هن ريت گردان پڙهڻ ۾ لکو.

| عدد واحد ۾ | عدد جمع ۾ |
|---|---|
| (الف) (١) آءٌ ويندو هوس. | (٢) اسين ويندا هئاسون. |
| تون ويندو هئين. | اوهان ويندا هئو (هئا) |
| هو ويندو هو. | هو ويندا هئا. |

شاگردن جي ڌيان تي آڻيو ته هنن ۾ اسين ڏسون ٿا ته جيڪڏهن فاعل عدد واحد ۾ آهي ته فعل، عدد واحد ۾ آهي، پر جي فاعل جو عدد جمع آهي ته فعل جو عدد به جمع آهي. هن مان ثابت آهي ته فعل، فاعل موجب عدد ۾ ڦري ٿو

(ب) هيٺيان جملا بورڊ تي لکو:-

| | |
|---|---|
| (١) مون خط لکيو آهي. | مون خط لکيا آهن. |
| (٢) تو خط لکيو آهي. | تو خط لکيا آهن. |
| (٣) هن خط لکيو آهي. | هن خط لکيا آهن. |

شاگردن کي هنن ۾ فعل ڳولهي فاعل سان ڀيٽي ڏيکاريو ته اگرچ ڪي فاعل عدد واحد ۾ آهن ليڪن هوندي به فعل عدد جمع ۾ آهن. وري هنن جي ڀيٽا مفعول سان ڪرايو، سا ڏسندا ته جيڪي مفعول عدد واحد ۾ آهن انهن جا فعل به عدد واحد ۾ آهن ۽ جي مفعول عدد جمع ۾ آهن انهن جا فعل به عدد جمع ۾ آهن. هن مان هي ثابت ڪرايو ته فعل مفعول موجب عدد ۾ به ڦري ٿو.

(ج) هيٺيان جملا بورڊ تي لکو:-

(الف) (١) ڏاڏو ٻاهر ويو. (٢) ڏاڏي ٻاهر ويئي.
همف ويٺي هو. آگر ويٺي هئي.
ٻڍو مرد موڪي ويو. ٻڍڙي موڪي پيئي.

شاگردن کي سمجهائي ڏيکاريو ته پهرين جملن ۾ فاعل، جنس مذڪر ۾ آهن ۽ فعل به جنس مذڪر ۾ آهن. ٻئي ڀاڱي وارن جملن ۾ فاعل، جنس مونث ۾ آهن ته فعل به مٿين جنس مونث ۾ آيا آهن. هن مان شاگردن کي واقف ڪريو ته فعل، فاعل موجب جنس ۾ مٽيا آهن.

(ب) (١) احمد ٽوپلو لکيو آهي.
(٢) شمس ڪڪڙ ڪٽيو آهي. (٣) شمس ڪڪڙي ڪٽي آهي.
فضل گاهه لٽيو آهي. (٦) فضل جوئو لٽي آهي.

شاگردن کي ثابت ڪري ڏيکاريو ته جيئن مفعول جنس ۾ مٽيو آهي تيئن فعل به جنس ۾ مٽيو آهي.

(٣) هيٺيان جملا ٻڌي لکو:-

آءٌ اچان ٿو.
تون اچين ٿو.
هو اچي ٿو.

شاگردن کي ثابت ڪري ڏيکاريو ته جيئن فاعل ضمير ۾ ڦري ٿو تيئن فعل به ڦري ٿو. هن کان پوءِ شاگردن کي ٻڌايو ته اسان سڪي آيا آهيون ته فعل

ڪڏهن پنهنجي فاعل سان ۽ ڪڏهن مفعول سان عدد جنس ۽ ضمير موجب مليو آهي يعني سندن لاڳاپو ڪن جملن ۾ فاعل سان آهي ۽ ڪن ۾ مفعول سان آهي فعل جي انهيءَ لاڳاپي کي پرڏوگ چوندا آهن. پرڏوگ معنيٰ آهي ڳانڍاپو يا مطلب. ان کان پوءِ شاگردن کي لکت ڪرائبو ته "فعل جو فاعل يا مفعول سان (جنهن سان به ملي) جملي ۾ ڳانڍاپو لڳي ٿو. يعني فعل ان موافق جنس، عدد ۽ ضمير ۾ ڦري ٿو ته ان لاڳاپي يا اتحاد کي فعل جو پرڏوگ چوندا آهن.

## پرڏوگ جا قسم

ڪجهه جملن مان اهڙا جملا چونڊي ڪڍي لکو جن ۾ فعل پنهنجي فاعل موجب عدد، جنس ۽ ضمير ۾ مليو، (فعل جو عدد، جنس ۽ ضمير، فاعل جي عدد، جنس ۽ ضمير سان لڳي) ان کان پوءِ شاگردن کي ٻڌائبو ته جملن وارا فعل پنهنجي فاعل سان عدد جنس ۽ ضمير موافق ملن ٿا. اهڙن فعلن جي پرڏوگ ڪرتري چوندا آهن. ڇاڪاڻ ته انهن فعلن جو لاڳاپو معنيٰ حقيقت ۾ فاعل سان آهي ۽ فاعل کي "ڪرتار" به چيو آهي.

انهن کان پوءِ شاگردن کي لکت ڪرائبو ته "فعل جي جملي ۾ پنهنجي ڪرتار (فاعل) موجب عدد،

جنس ۽ ضمير ۾ مٽجي ٿو جو ۽ ابو ڳالهه ڪواري چوندا آهن."

ڪرتري پريوگ: فعل جو اهو پريوگ آهي جنهن ۾ فعل مٿير فقط پنهنجي ڪرتا سان ملي ٿو (ڪري ٿو).

(۲) ساڳيءَ ريت مٿين جملن مان اهي چوليءَ ٻوڙو لي لکو جن ۾ فعل پنهنجي مفعول موجب واسطيدار حقيقتن (عدد، جنس ۽ ضمير) ۾ مٽجي ٿو. ساڳيءَ ريت شاگردن جي مٿي وضاحت ڪريو ته ان فعل مٿير حقيقتن ۾ پنهنجي مفعول موجب مٽجي ٿو، ڪري سگهن (لاڳاپو) مفعول سان آهي. اهڙيءَ سگهن پريوگ "ڪرمڻي" (مفعول سان) چيو ويندو آهي. ڪرم چوندا آهن مفعول کي. ان ڪاڻ ڪري لوڪ ڪنهن فعل جي مٿير حقيقتن ۾ پنهنجي مفعول موافق مٽجن ان جو ڪرمڻي پريوگ چوندا آهن."

(۳) پريوگ ڪرمڻي: فعل جو اهو پريوگ آهي جنهن جو فعل مٿير ڳالهين ۾ پنهنجي مفعول موجب مٽجي (ان سان ملي).

(۴) هيٺيان گردان پورا ڪري لکو.

(الف) مون ڪڪڙ کي ڪٺو آهي.

اسان ڪڪڙ کي ڪٺو آهي.

(الف) او ڪڪڙ کي ڪنو آهي.
توهان ڪڪڙ کي ڪنو آهي.
هن ڪڪڙ کي ڪنو آهي.
(ب) مون ڪڪڙن کي ڪنو آهي.
اسان ڪڪڙن کي ڪنو آهي.
تو ڪڪڙن کي ڪنو آهي.
توهان ڪڪڙن کي ڪنو آهي.
هن ڪڪڙن کي ڪنو آهي.
هنن ڪڪڙن کي ڪنو آهي.
(ڄ) مون ڪڪڙن کي ڪنو آهي.
اسان ڪڪڙن کي ڪنو آهي.
تو ڪڪڙن کي ڪنو آهي.
توهان ڪڪڙن کي ڪنو آهي.
هن ڪڪڙن کي ڪنو آهي.
هنن ڪڪڙن کي ڪنو آهي.

آهي گردانن ۾ فعل ڪيئي هيٺ رکيل ٿوريءَ ٿي لکڻ:-

گردان الف وارا فعل. گردان ب وارا فعل. گردان ڄ وارا فعل.

ڪنو آهي. ڪنو آهي. ڪنو آهي.
ڪنو آهي. ڪنو آهي. ڪنو آهي.
ڪنو آهي. ڪنو آهي. ڪنو آهي.

ٻڌايو ته سڀني فعلن جون صورتون هيٺ ڏنيون آهن ان ڪاڻ شاگردن کي ٻڌايو ته ٽنهي ڪردارن ۾ فعل، فاعل خواه مفعول موجب مقرر حقيقت ۾ ٿو ٿئي مگر ٻنهي حالتن (ڀاوي) صورت ۾ نه ٿو آهي. پهرين فعل جو اهڙو ڪرتري پريوگ (فاعل مان مطلب) آهي ۽ ٻئي ڪرمڻي (مفعول مان مطلب) آهي. اهڙي فعل کي پريوگ ڀاوي چوندا آهن جنهن جي مطلب آهي نمارو. ان ڪاڻ شاگردن کي ثابت ڪرايو ته ”اهڙا فعل جي جملي ۾ مقرر حقيقت ۾ نه فاعل موجب ۽ نه مفعول موجب مٽجن، رڳو ان ٽي الڳ رهن ان کي پريوگ ڀاوي چوندا آهن.

ڀاوي پريوگ:- فعل، جو مقرر حقيقت ۾ نه فاعل موجب ۽ نه مفعول موجب مٽجي ته ان کي پريوگ ڀاوي چيو ويندو آهي.

## فعل جا ٽي پريوگ آهن

(١) پريوگ ڪرتري (٢) پريوگ ڪرمڻي
(٣) پريوگ ڀاوي.

## پريوگ سهي ڪرڻ جون واٽون

فعل جا پريوگ سڃاڻڻ جا ڪن قاعدن هيٺ ڏجن ٿا سکيا آهن انهن قاعدن سڃاڻڻ واسطي هي ويست ورڪ لئي جملا لکو:-

(الف) ١- آءٌ وڃندو آهيان.

٢- هو ڪهڙيءَ اتفاق لئي سمجهندا آهن.

٣- توهين هر روز باغ ۾ گهمندا هوندا هون.

۽ ٻيا فعل وارا جملا وٺي انهن جي فاعلن جو عدد جنس ۽ ضمير ڳولهي ڏيو فاعل موجب مثلا ڦيرڪاري ثابت ڪري ڏيکاريو ته انهن فعلن جو ڦيرو ڪيئن ڪري ٿي آهي. ڇاڪاڻ جو ڀاڱو ٻيو ثابت ڪيو ته "فعل لازمي" جو صيغو ڪهڙي طرح ڦرندو آهي.

(ب) هيٺيان جملا پورا ڪري لکو:-

١- اڄ ته ڪيترن ئي انب کاڌا.

٢- انب کاڌو.

٣- هي انبڙا ڇوڪرن کاڌا هئا.

انهن جملن مان مثال حقيقت ۾ فعل جو فاعل سان مطابق ثابت ڪري ڏيکاريو ته ڪيئن ثابت ڪيو ته فعل متعدي مجهول جو صيغو ڪهڙي طرح ڦرندو آهي.

(ت) هيٺيان جملا پورا ڪري لکو:-

(١) آءٌ انب کائيندس — اسين انب کائينداسين.

(٢) هو ونگو کائيندو هو — هو ونگو کائيندا هوندا.

(٣) هو ونگو کائي ها — هي ونگو کائين ها.

(٤) مراد خالو هند ڪاڏي ٿي. مراد خالو هند ڪاڏي ٿي ها.

فعل جي مقرر گڏجڻ ۾ فاعل سان واسطو ڏيکاريو (لاڳاپو)

ڏيکاري ثابت ڪري ڏيکاريو ته "فعل اگرچ متعدي معروف هجي پر جي سندس زمان اسم حاليه ۽ زمان مضارع جي ٺهيل زمانن مان هوندو ته به فعل جو پريوگ ڪرتري هوندو".

(٢) هيٺيان جملا پورا ڪري لکو:-

١- مون الف ڪاڙ۽ اسان الف ڪاڙيو.
مون الف ڪاڙا اسان الف ڪاڙا.

٢- هن وڳو ڪاڙو آهي هن وڳو ڪاڙو آهي.
هن وڳا ڪاڙا آهن هن وڳا ڪاڙا آهن.

٣- تو وڳي ڪاڙي آهي. توهان وڳي ڪاڙي آهي.
تو وڳيون ڪاڙهيون هيون. توهان وڳيون ڪاڙهيون هيون.

٤- تو هنڊائو ڪاڙهو آهي. توهان هنڊائو ڪاڙهو آهي.
تو هنڊائا ڪاڙا آهي توهان هنڊائا ڪاڙا آهي.

٥- هن لڏون ڪاڙهو هوندو. هن لڏون ڪاڙهو هوندو.
هن لڏون ڪاڙا هوندا هن لڏون ڪاڙا هوندا.

شاگردن کي ڏيکاريو ته جن جملن ۾ فعل ڪرڻ وارو (مفعول) آهي تن ۾ مٿيان فعل مفعول موجب ڦرن ٿا پر هنن سڀني جملن جا زمان اسم مفعول مان نڪتل زمان ۾ آهن. انهيءَ ڪري چئبو ته هنن فعلن جو پريوگ ڪرمڻي آهي. انڪانپوءِ شاگردن کي نوٽ ڪرايو ته "اهي متعدي معروف جنهن زمان اسم مفعول مان نڪتل آهي تنهن هميشه ڪرمڻي پريوگ آهي".

(۳) هيٺيان جملا پورا ڪري لکو:-

۱- تو ڏاڏد کي ماريو. تو ڏاڏدن کي ماريو.
توهان ڏاڏد کي ماريو. توهان ڏاڏدن کي ماريو.
۲- هن الف کي وڌيو ٿي. هن الفن کي وڌيو ٿي.
هنن الفن کي وڌيو ٿي. هنن الفن کي وڌيو ٿي.
۳- تون ڏاڏد کي ماريندو آهين. توهان ڏاڏدن کي ماريندا آهيو.
۴- هو ان کي وڌيندو هوندو. هو الف کي وڌيندا هوندا.

اِهي ڪتيءَ کي پڇاڻ ها، اسين ڪتيءَ کي پڇڙن ها.
پيتا سان ثابت ڪري ڏيکاريو ته:-

(۱) پوري اين جملن ۾ جنهن ڪري فعل آهن انهن پورو ٻوڪ پلوي آهي چاڪاڻ ته اهي مقرر حقيقتن ۾ ته فاعل موجب ۽ نه مفعول موجب متهن ٿا ۽ اهي فعل متعدي معروف به آهن سندن زمان اسم مفعول مان اڪيل زمان مان آهن ۽ مفعول جي پٺيان ”کي“ لفظ آيل آهي.
(۲) پوءِ ٽن جملن جو پراڻوڪ ڪو ٿري آهي، اگرچ اهي فعل متعدي معروف به آهن سندن مفعول پٺيان ”کي“ به آهي ۽ سندن زمان اسم مفعول مان جڙيل نه آهن. ان کان پوءِ شاگردن کي ثوت ڪرايو ته ”فعل متعدي معروف ۽ سندن زمان اسم مفعول

وارن زمانن مان ڪو به جڏهن مفعول سان "کي" اڳيان گڏيل هجي ته هڙئي فعل جو پريوگ ڀاوي ٿي ويندو. ورنه سندس پريوگ ڪرمڻي ٿيندو.

هن کان پوءِ سڄي ئي سبق جو اختصار هن ريت لکي ڪرايو:—

(١) فعل لازمي سڀ، فعل متعدي مجهول سڀ ۽ اهي فعل متعدي معروف جن جا زمان اسم مفعول مان نڪتل زمانن مان نه هوندا آهن تن جو پريوگ ڪرتري آهي.

(٢) فعل متعدي معروف جو زمان، اسم مفعول وارن زمانن مان ڪو به هڪ آهي ته فعل جو پريوگ ڪرمڻي آهي.

(٣) جڏهن متعدي معروف جو زمان اسم مفعول جي زمانن مان ڪو به هڪ آهي ۽ مفعول جي پٺيان "کي" لفظ آيل آهي ته ان جو پريوگ ڀاوي آهي.

## استعمالي سوال

١- پريوگ ڇا آهي؟
٢- فعل کي ڪيترا پريوگ لاڳو ٿي سگهيا آهن.
٣- پريوگ ڪرتري ڇا کي چوندا آهن؟
٤- پريوگ ڪرمڻي ڇا آهي؟
٥- پريوگ ڀاوي ڇا کي چوندا آهن؟
٦- اهي حقيقتون ڪهڙيون آهن جن ۾ فعل ٻڌجي

فاعل ۽ مفعول موجب مٺبو آهي؟

٧- ڪهڙن سببن ڪري ڪنهن جملي ۾ آيل فعل جو ٻولڪ ڦرلوپ آهي؟

٨- ڪهڙن سببن ڪري ڪنهن جملي ۾ آيل فعل جو ٻولڪ جوڙيل آهي؟

٩- ڪهڙن سببن ڪري ڪنهن جملي ۾ آيل فعل جو ٻولڪ ٻوڙي آهي؟

١٠- هيٺين فعلن جو ٻولڪ ٻڌايو:-

(الف) آءُ خطا ي لکندو هوس.

(ب) تون رانديون ڪندا آهيو.

(پ) مون انب کاڌا آهي.

(ج) انسان کاڌن لئي ورتا.

(د) دو محمد لاڙڪاڻي رهندو آهي.

(ر) آل محمد ٻيو دوجو فاضل آهي.

(س) احمد شاه مرهٽن کي ڀڄائي ڪڍيو.

(ف) سيف الدين افغان آهي.

(ڪ) احمد بخش ناخ نوڪر هو.

(ن) نور الدين ڪراچي ويو.

(ع) نادر شاه محمد شاه کي جهٽيو هو.

(ي) بدر الدين سياڻي ڇتي ايندو.

# سبق ڇهون

## تفريق (جملن جو ڇيد ڪرڻ)

### جملن (فاعل ۽ فعل) جو وڌاءُ

جملن جو وڌاءُ ڪرڻ ڇيد جو ٻيو ڀاڱو آهي. تنهن ڪري شاگردن کي گهرجي ته جملن جو وڌاءُ ڪرڻ ۽ جملي ۾ وڌاءُ ڪندڙ لفظ ڳولهي لاڳاپيدار (واسطي رکندڙ) لفظن سميت ڌار ڪرڻ سکڻ گهرجي:-

هن لاءِ ٻيو ڏنل جملو لکو "ڇوڪرو آيو" جنهن ۾ فاعل ۽ فعل ڇڙا آهن، هيٺين امرن ۾ انهن ٻنهي جو وڌاءُ ڏيکاريل آهي، فاعل ڌار ۽ فعل ڌار وڌائي ڏيکاريو ويو.

**١- فاعل جو وڌاءُ**

| | فاعل | فعل |
|---|---|---|
| جملو:- | ڇوڪرو | آيو |
| وڌاءُ ١- | ننڍڙو ڇوڪرو | آيو |
| وڌاءُ ٢- | چڱو ننڍڙو ڇوڪرو | آيو |
| وڌاءُ ٣- | ڏاڍو چڱو ننڍڙو ڇوڪرو | آيو |
| وڌاءُ ٤- | سڀني کان ڏاڍو چڱو ننڍڙو ڇوڪرو | آيو. |

**٢- فعل جو وڌاءُ**

| فاعل | فعل |
|---|---|
| ڇوڪرو | آيو |
| ڇوڪرو | اڄ آيو |
| ڇوڪرو | اڄ اسڪول ۾ آيو |
| ڇوڪرو | اڄ وڏي اسڪول ۾ آيو. |
| ڇوڪرو | اڄ هن وڏي اسڪول ۾ آيو. |

انهيءَ ستر ڪري ڪالهوڪ سڀئي جملا آهي، هيٺين ريت بورڊ تي لکو:-

اصل جملو — ڇوڪر آيو
وڌاءُ [۱] — ڀائيٽو ڇوڪر اڄ آيو
وڌاءُ [۲] — چڱو ڀائيٽو ڇوڪر، اڄ اسڪول ۾ آيو
وڌاءُ [۳] — ڏاڍو چڱو ڀائيٽو ڇوڪر، اڄ اسڪول ۾ آيو.
وڌاءُ [۴] — سڀني کان ڏاڍو چڱو ڀائيٽو ڇوڪر، اڄ هن روزي اسڪول ۾ آيو.

هن کان پوءِ لفظن جا ٽي هيٺيون سمجهاڻي ڇوڪرن کي ڏيو:-

| | |
|---|---|
| وڌاءُ ۱ ۾:- ''ڀائيٽو'' فاعل [ڇوڪر] سان لڳل آهي. جو اِن سندس صفت آهي لهذا ڪري فاعل جو لڳ آهي. | ''اڄ'' ظرف، فعل سان لڳل آهي، تنهن ڪري فعل جو لڳ آهي. |
| وڌاءُ ۲ ۾:- چڱو ظرف ''ڀائيٽي'' سان لڳل آهي ان کان ڏاڍو لڳو آهي تنهن ڪري چڱو ڀائيٽو فاعل جو لڳ آهي. | اسڪول ظرفي معني وارو لفظ ۽ فعل جو لڳ آهي. |

واڪيہ ٣ ۾ ”ڏاڍو“ ظرف
چڱي طرف سان لڳل آهي
ان کان ڏاڍو ٿئي ٿي پڌرو
ڪري اهو به معلوم ان ڪري
فاعل جو لڳ آهي.

”وڏي“ صفت آهي اسڪول
جي پڌري ڪري اهو اسڪول
سان گڏ فعل جو لڳ آهي.

واڪيہ ٤ ۾ ”سڀني“ ڳالهين
چڱي ڳالهين سان لڳل آهي
ان کان ڏاڍو ٿئي ٿي پڌرو
ڪري اهو به معلوم ان ڪري
فاعل جو لڳ آهي.

”هن“ ضمير، صفت ”وڏي“
اسڪول سان لڳل آهي
پڌرو ڪري اهو به اسڪول
سان گڏ فعل جو لڳ آهي.

پڌرو ڪري چٽو ته فاعل ۽ فعل جا لڳ، نمونا هي آهن،

| فاعل جا لڳ | فعل جو لڳ |
|---|---|
| (١) ڳالهو صفت | اڄ ظرف |
| (٢) چڱو ڳالهو لفظن جو صفتي مجز | اڄ ”ظرف“ اسڪول ”(ظرفي) معمولي وارا (لفظ) |
| (٣) ڏاڍو چڱو لفظن جو صفتي مجز | اڄ (ظرف) وڏي اسڪول ۾ (ظرفي معمولي وارو لفظن جو مجز) |
| (٤) سڀني کان لفظن جو ڏاڍو چڱو ڳالهو، صفتي مجز | اڄ ظرف) هن وڏي اسڪول (ظرفي معمولي وارو لفظن جو مجز |

## ڪوٺيل جو ٿلا

| جملو نمبر | فاعل | مفعول | فعل |
|---|---|---|---|
| ١ | ماستر | خط | لکي ٿو |
| ٢ | اسانجو ماستر | ڊگهو خط | ڪلاس ۾ پهچي ٻاهر ڏاڍو لکي ٿو |
| ٣ | اسانجي اسڪول جو وڏو ماستر | تمام ڊگهو ڊگهو خط | صبح جو ڪلاس ۾ پهچي ٽو سيٽي ڪاٺ وڏي ٻاهر ڏاڍي لکي ٿو |

شاگردن کي ٻڌايو ته هنن جملن جا ٽي ڀاڱا ڪيل آهن پهرئين ڀاڱي ۾ فاعل (پهرئين لڪير سميت) ٻئي ۾ مفعول (ٻئين لڪير سميت) ۽ ٽئين ۾ فعل (پهچڻ واسطيدار لڪير سميت) آيل آهي ٻهڪري جملو ته هن جملي وارو فعل متعدي معروف آهي ته جملي جا ٽي ڀاڱا ڪري ڄاڻ (١) فاعل (٢) مفعول (٣) فعل. اهو ڀاڱو شاگردن کي ورت ڪرايو.

هيٺين سبق ڪاتب شاگردن کي ٻڌايو ته اسان هن وقت انهن ٽن جملن جو [illegible] ڀاڱا ڪري انهن کي سمجهايا آهن جن ۾ فقط هڪ ئي فعل آهي

## امتحاني سوال

١- فاعل جو واڌارو ڪهڙا لفظ ٿا ڪن؟

٢- فعل جو واڌارو ڪهڙا لفظ ٿا ڪن؟

٣- صفاتي ٽڪرا ڇا آهن؟

٤- ظرفي اصطلاح ڇا آهن؟

٥- ڏنل وهي لوڪ الهيءَ جملي کي فاعل ۽ فعل جي واڌاري جي طرح سان ورڇيو (صفاتي ۽ ظرفي لفظ ۽ اصطلاح وچوڙي ورڇيو)؟

٦- هيٺين جملن جا فاعل ۽ فعل واڌاري لفظن ۽ اصطلاحن وچوڙي سان ورڇيو؟

| | |
|---|---|
| ١- اسد ويٺو. | ٢- ٽڪيدار ايندو. |
| ٣- ڪتو ويندو. | ٤- ماستر لکندو. |
| ٥- ڇوڪرو سمهندو. | ٦- گلاب ڦٽندو. |
| ٧- ارباب آيو. | |

# سبق ستون

## * مفعول جو واڌارو *

هن جي سمجهاڻيءَ لاءِ پورو ٽي جملو ايڪي اهڙو هن ريت لکون:-

”ڇوڪر ٽاڙهون ٺهيو.“

| فعل | مفعول | فاعل |
| --- | --- | --- |
| پٽيو | ڏاڙهون | جملو ١- ڇوڪر |
| پٽيو | هڪ ڏاڙهون | وڌاءُ ١- ڇوڪر |
| | ڳاڙهو هڪ ڏاڙهون پٽيو | وڌاءُ ٢- ڇوڪر |

وڌاءُ ٣- ڇوڪر ڳاڙهو هڪ وڏو ڏاڙهون پٽيو

وڌاءُ ۴- ڇوڪر ڳاڙهو هڪ سهڻو ڪارو وڏو ڏاڙهون پٽيو

جهڙي ريت سبق ڇهين ۾ فاعل جي وڌاءُ لفظن سمجهايو ويو آهي، تهڙي ريت مفعول جي وڌاءُ لفظن کا سمجهايو ۽ ٻڌايو، "مفعول جو [illegible] وڌاءُ ۽ مفعول جون صفاتي لفظ، مفعول جا ٻئي آهن."

استعمالي سوال

١- مفعول جو وڌاءُ ڇا سان ڪري سگهجي؟

٢- مفعول جون صفاتي لفظ ڪي ڪي چوندا آهن؟

٣- هيٺين جملن ۾ مفعول جو وڌاءُ ڪريو.

(١) [illegible] هڪ ڪتي [illegible]

(٢) نورل انب کاڌي لو.

(٣) جعفر ڪتاب پڙهندو آهي.

(٤) احمد علي خط لکندو.

(٥) محمد علي صوف کٽي ها.

# سبق اٺون

## جملن جو وڇاءُ ( هلڊ ڙ ) يعني جملن جا ڀاڱا ڪرڻ

هيٺين سمجهڻ لاءِ هيٺيان جملا بورڊ تي لکو:-

(١) گهوڙو آيو.
(٢) منهنجو گهوڙو آيو.
(٣) منهنجو پيارو گهوڙو، اڄ شڪارپور کان آيو.
(٤) منهنجو پيارو گهوڙو اڄ صبوح شڪارپور کان آيو.
(٥) منهنجو تمام ڏاڍو پيارو گهوڙو اڄ صبوح جو سوير شڪارپور کان آيو.

اهي جملا هن ريت ٻن ڀاڱن ۾ ورهائي ڏيکاريو.

| فاعل | فعل |
| --- | --- |
| ١- گهوڙو. | آيو. |
| ٢- منهنجو گهوڙو. | اڄ آيو. |
| ٣- منهنجو پيارو گهوڙو. | اڄ شڪارپور کان آيو. |
| ٤- منهنجو ڏاڍو پيارو گهوڙو. | اڄ صبوح جو شڪارپور کان آيو. |
| ٥- منهنجو تمام ڏاڍو پيارو گهوڙو. | اڄ صبوح جو سوير شڪارپور کان آيو. |

هن ڪان پوءِ شاگردن کي ٻڌايو ته ”جملي جا ٻه ڀاڱا ڪيا ويا آهن: (١) فاعل (٢) فعل، پهرئين ڀاڱي ۾ فاعل، ٻڌجي ٿو، انکي (اهي صفتون يا صفائي لکون آهن) سمجھ، ٻئي ڀاڱي ۾ فعل ٻڌجي واسطيدار لفظن (اهي ظرف ۽ ظرفي اصطلاح آهن) سوڌو آندل آهي“. تنهن کان پوءِ شاگردن کي لوڊ ڪرايو ته ”فاعل ٻڌجي واسطيدار لفظن سميت فاعل واري خاني ۾ ۽ فعل ٻڌجي لاڳاپيدار لفظن سميت فعل واري خاني ۾ آندو ويو آهي“.

(٢) ويڪي هيٺيان جملا بورڊ تي لکي هن وانگر لوڙي ڏيکاريو.

(١) ماستر خط لکي ٿو.

(٢) اسانجو ماستر، ڊگهو خط، ڪلاس ۾ ويهي ٻاهر ڏانهن لکي ٿو.

(٣) اسان جي اسڪول جو وڏو ماستر، تمام وڏو ڊگهو خط، هيٺئين ڪلاس ۾ ويهي سڀني کان وڌيڪ ڏانهن لکي ٿو.

هن مان ثابت آهي ته صفتون ۽ لفظن جا صفاتي معنيٰ (جي فاعل مان نڪتل آ) سي فاعل جو لڳ آهن.

٢- ظرف ظرفي معنيٰ وارا لفظ ۽ ظرفي معنيٰ وارن لفظن جا معنيٰ (جي فعل مان نڪتل هجن) سي فعل جا لڳ چئبا آهن. هن کان پوءِ شاگردن کي لوهه ڪرائو ته:-

(١) فاعل جون صفتون فاعل جا لڳ آهن، يعني لفظن جي صفاتي معنيٰ (جي فاعل مان نڪتل آ) سي به فاعل جا لڳ آهن. "ٻين لفظن کي صفاتي لڳون يا صفاتي اصطلاح چئبو آهي".

(٢) فعل مان ٺهيل ظرف، فعل جو لڳ آهن، يعني ظرفي معنيٰ وارا لفظ (اهي جن جا معنيٰ "ن کي ظرفي لڳون يا اصطلاح چئبو آهي، سي به فعل جا لڳ آهن"

(٣) فاعل جون صفاتي لڳون يا اصطلاح، "لفظن جا صفاتي معنيٰ آهن جي فاعل جو بيان (صفت) ڪن ٿا".

(٤) ظرفي لڳون يا اصطلاح، "لفظن جا معنيٰ آهن جن مان ظرف (رسم قدر جاءِ، وقت ۽ سبب) جي معنيٰ نڪري"

(٥) ظرفي معنيٰ وارا لفظ:- اهي لفظ ظرف نه آهن مگر ظرف جي معنيٰ (رسم قدر...... وغيره جي) ڏيکاريو ٿا.

”اهڙا جملا جن ۾ فقط هڪ فعل هوندو آهي سي مفرد جملا چوندا آهن.“

## استعمالي سوال

(١) مفرد جملو ڇا کي چئبو آهي؟

(٢) صفتن ۽ صفاتي لفظن سان ڇا جو واڌارو ڪبو آهي؟

(٣) هيٺين جملن جا فاعل، مفعول ۽ فعل موجب ڀاڱا ڪريو:-

(الف) رحيم راڄ ڪوٺ ۾ ڪتاب پڙهندو هو.

(ب) منهنجو ننڍو ڀاءُ سانت سال ١٩٥٠ع ۾ سنڌي ڀاشا امتحان ڏيئي آيو آهي.

(ت) اوزون وارو ننڍو، مون اڄ صبح جو ماڻهن واکاڻ ڪيو.

(ج) جمال ٻي ڀيرو صدارت جو وڌيڪ جاري ڪرايو.

(د) سيڪل تي ڏيهن سان لاهه ڪري دهلي ويو آهي.

# سبق نائون

## مفرد جملن جو ڇيد ڪرڻ

هن لاءِ بورڊ تي لکو ”دوست ملڻ آيو“ شاگردن کي ٻڌايو ته هن ڀاڱي اسان کي دوست علي (فاعل جي اسم باعث خبر ملي آهي.

وري لکو "يوسف لکي ٿو" ساڳيءَ ريت شاگردن کي پڇايو ته هن مان انسان کي خبر پوي ٿي ته فاعل ڇا ٿو ڪري.

وري هڪ ٻيو جملو لکو ته "احمد کائيندو" ساڳيءَ ريت شاگردن کي پڇايو ته هن مان انسان کي معلوم ٿو ٿئي ته فاعل ڇا ڪندو.

وڌيڪ شاگردن کي هن ريت ٻڌايو:-

(۱) فعل "لکي ٿو" فاعل جي لکڻ جي خبر ڏئي ٿو.

(۲) فعل "کائيندو" فاعل جي کائڻ جي خبر ڏئي ٿو.

انھيڪري چئبو ته فعل اھو آھي، جو فاعل بابت ڪنھن ڪم جي خبر ڏئي يعني ڪم ٻڌائي، ۽ فاعل؟ اھو آھي جو فعل بابت انسان کي ڪجھ ٻڌائي. هن مان ثابت آھي ته سڀ ڪوبه جملو ٻن ڀاڱن ۾ ڇڏي (ورھائي يا ٽوڙي) ته سگھجي ٿو، جنھن جو ٻيو ڀاڱو آھي فاعل ۽ ٻيو فاعل بابت جيڪي معلوم ٿئي (خبر) انهن ڀاڱن کي چوندا آھن مبتدا (فاعل) مبتدا معنيٰ آھي مڍ يا شروعات.

(فاعل جملي جي شروع ۾ ايندو آھي.) هن ڀاڱي ۾ فاعل پھرين لکجي سمجھ ايندو آھي. جملي جي

باقي ٻئي ڀاڱي کي خبر چوندا آهن. هن ڀاڱي ۾ فاعل بابت جيڪو ڪم ڪيو آهي سو سڀ آيل آهي. جملن جي ٻنهي ڀاڱن جملن ۾ ورهائڻ کي چيڙ چوندا آهن. چيڙ کي عربيءَ ۾ تفريق چئبو آهي. تفريق معنيٰ آهي فرق ور لفظن کي ڌار ڌار ڪرڻ ۽ ورهائڻ.

مثلاً:- رات چور پڪڙيو ويو.

| جملو | مبتدا (فاعل) | خبر |
|---|---|---|
| رات چور پڪڙيو ويو | چور | رات پڪڙيو ويو |

ان کان پوءِ واڌو (ٻيا ڪرڻ سان) شاگردن کي ٻڌائبو ته چور آهي فاعل. پڪڙيو ويو آهي فعل، ۽ رات آهي ظرفي معنيٰ وارو لفظ جو فعل جو لڳو چئبو ڇوڪرو ان جملي جو چيڙ هن ريت لکندو:-

| جملو | مبتدا (فاعل) | خبر | |
|---|---|---|---|
| | | فعل | فعل جو لڳو |
| رات چور پڪڙيو ويو | چور | پڪڙيو ويو | رات |

هن کان پوءِ شاگردن کان هيٺين سادن جملن جو (جن ۾ آيل فعل لازمي يا مجهول هجي) ڇيد ڪرايو

## استعمالي سوال

هيٺين جملن جو ڇيد ڪرايو:-

١- احمد اڄ ڪراچيءَ کان آيو.

٢- ماستر سڀاڻي بمبئيءَ ويندو.

٣- منهنجو ڀاءُ الهداد اڄ لاڙڪاڻي کان ايندو.

٤- منهنجو نوڪر احمد اوطاق تي سمهندو.

## سبق ڏهون

## مفرد جملن جو ڇيد (هلندڙ)

هن ڀاڱي سمجهائڻ لاءِ بورڊ تي هڪ متعدي معروف وارو جملو لکو:-

مثال:- ”ڪاسائيءَ ٻڪري ڪُٺي آهي.“

هن مان مبتدا ۽ خبر زباني چورائي پوءِ هن ريت بورڊ تي لکو:-

| جملو | مبتدا (فاعل) | خبر |
|---|---|---|
| ڪاسائيءَ ٻڪري ڪُٺي آهي | ڪاسائيءَ | ٻڪري ڪُٺي آهي |

بيان ڪرڻ سان شاگردن کي ڄاڻ ٿي ته اُهو ته خبر واري ڀاڱي ۾ فعل ۽ مفعول اچن ٿا، تنهنڪري خبر جا ٻه ڀاڱا ٿيندا هڪ مفعول ۽ ٻيو فعل هن ريت:-

| جملو | مبتدا (فاعل) | خبر / فعل |
|---|---|---|
| ڪاسائيءَ ٻڪري ڪٺي آهي | ڪاسائيءَ | ڪٺي آهي |

هن کان پوءِ شاگردن کي پڌرو ته اسان جملن جي وڌاءَ ۾ سکيو آهي ته فاعل، مفعول ۽ فعل کي سڌئس واسطيدار لفظن لڳائڻ سان وڌائبو آهي.

٢- هي به سکيو اٿون ته فاعل جا لڳ فاعل سان مفعول جا مفعول سان ۽ فعل جا لڳ فعل سان شمار ڪيا ويندا آهن.

٣- لازمي فعل جي جملن ڪرڻ وقت هي به سکيو اٿون ته فعل جو لڳ فعل واري ڀاڱي ۾ ئي ڌار ڪري لکبو آهي، اهڙي ريت فاعل جو لڳ فاعل واري ڀاڱي ۾ ۽ مفعول جو لڳ مفعول واري ڀاڱي ۾ ڌار لکيا آهن. هيٺ ڪن ٻڌو مٿين جملن کي وڌائي انهن جدا ڪري ڏيکاربو.

مثال:- "هن ڪنهن ڏاري، پوئين ڪاسائي، اڄ هتي ڏاڍي سٺي ڳالهه ڪئي آهي."

| جملو | مبتدا (فاعل) | | خبر | | | |
|---|---|---|---|---|---|---|
| | | | مفعول | | فعل | |
| | فاعل | فاعل جو لاڳو | مفعول | مفعول جو لاڳو | فعل | فعل جو لاڳو |
| هن ڪنهن ڏاري، پوئين ڪاسائي، اڄ هتي ڏاڍي سٺي ڳالهه ڪئي آهي | ڪاسائي | هن ڪنهن ڏاري، پوئين | ڳالهه | ڏاڍي سٺي | ڪئي آهي | اڄ هتي |

ٻيون سڪارٿ ڪالهه ڇهه جا استعمالي سوال ڪريو.

## استعمالي سوال

هيٺين جملن ۾ ظرفي ۽ صفاتي لفظ وجهي جملي جو وڌاءُ ڪريو.

(الف) ماستر آيو ڳڌو (ب) جوڪر امتحان ڏي ٿو، (ج) ڪهوڙو دوڙي ٿو.

٢- هيٺين جملن جو صفاتي ۽ ظرفي لڪن وجهڻ سان وڇاڙ ڪريو:-

الف- ڇوڪر کيڏندا آهن.

ب- مولوي صاحب مٺايون ورهائي.

ت- شاگردن نوٽ بڪ لکيو هو.

# سبق ٻارهون

## مرڪب جملن جو وڇاڙ ("چوٿون ڀاڱو ٻيو")

## جملن جو وڇاڙ

شاگردن جي ڌيان تي آڻيو ته اهي اڳي سکي آيا آهيون ته جملن جو وڇاڙ صفاتي ۽ ظرفي لفظن جو اصطلاح (لڪن) ڪڍڻ سان ٿيندو آهي. هينئر اوهان کي ڏيکاريو ته جملن جو وڇاڙ جملن ڪڍڻ سان به ٿيندو آهي. هن لاءِ بورڊ تي لکو:-

١- ڇوڪري ڪتاب ڦاڙي ڇڏيو.

٢- هن ڇوڪر، جو ڪالهه مون وٽ هو، منهنجو هڪ نئون ڪتاب، جو مون ٿورن ڏينهن آندو هو، ڦاڙي ڇڏيو.

٣- هن ڇوڪر، جو ڪالهه مون وٽ هو، منهنجو هڪ نئون ڪتاب، جو مون ٿورن ڏينهن آندو هو سو ڪٻ سان ڦاڙي ڇڏيو.

شاگرن کي ٻڌايو ته هيٺين جملن ۾ فاعل، "ڇوڪر" مفعول "ڪتاب" ۽ فعل "ڦاڙي ڇڏيو."

ٻئي جملي ۾ هي ضميري صفت فاعل جو لڳ "جو ڪالهه مون وٽ هو" ته فاعل جو لڳ جو لڳ فاعل جو صفاتي (ٻيائي جملو) آهي. ساڳيءَ طرح ڪتاب مفعول جو لڳ (صفاتي لڳ آهي)، "جو مون ٽمون ڏٺيهه آندو هو" ۾ مفعول جو لڳ (جو ته مفعول جو صفاتي جملو آهي. اهڙيءَ طرح باقي ٽيون جملو هي "ڪتاب ان وقت، جو ڦاڙي ڇڏيائين ته ٻارو ڏيکاري" يعني ظرفي جملو آهي، تنهن ڪري اهو فعل جو لڳ آهي. تنهڪري ڇوڪرو صفاتي ۽ ظرفي لفظن ۽ لڳن وانگر صفاتي ۽ ظرفي جملا به آهن جي جهڙي جو ڪم ڪن ٿا.

وڌيڪ ٻڌايو ته اصلوڪو مکيه جملو آهي "ڇوڪر ڪتاب ڦاڙي ڇڏيو" ٻيا جيڪي ٻه جملا صفاتي ۽ ظرفي لفظ، لڳن ۽ جملا آهن تن سان سڀ فاعل تي مدار رکن ٿا، ڪي مفعول تي ۽ ڪي فاعل تي. جيڪي صفاتي يا ظرفي لفظ ۽ لڳون آهن تن بنسبت اسان اڳ ڄاڻي آيا آهيون جيڪي صفاتي يا ظرفي جملا آهن (جي فاعل، مفعول ۽ فعل جي [illegible] ڪن ٿا) تن کي معاون ڪمنڊ يا مداوي جملا چوندا آهن، ڇاڪاڻ ته

الهن جو فاعل، مفعول يا فعل تي مدار آهي. هن کان پوءِ شاگردن کي اڀياس ڪرڻ ڏجي:-

" ( ) اهڙا جملا جن ۾ هڪ کان وڌيڪ فعل (جملا) هجن، ڪن جملن ۾ مکيه فعل هڪ هجي باقي ٻيا جملا مدار تي (فاعل، مفعول يا فعل تي مدار رکندڙ هجن) تن کي مرڪب (يا ترڪيب) جملا چوندا آهن."

## مداري جملا ٻن قسمن جا آهن

(۱) مداري صفاتي جملا (۲) مداري ظرفي جملا

**مداري صفاتي جملا:-** اهي جملا آهن جن ۾ مکيه جملي جي فاعل ۽ ٻئي مفعول جو بيان هجي.

**مداري ظرفي جملا:-** اهي جملا آهن جن ۾ زمان، قدر، جاءِ، وقت يا سبب جي معنيٰ ڏيکاريندڙ فعل جو ڪيفيت بيان ڪن.

## مداري جملن جو قسم

شاگردن کي ٻڌايو ته اسين مٿي ڏسي آيا آهيون ته مداري جملا ٻن قسمن جا آهن. (۱) مداري صفاتي جملا. (۲) مداري ظرفي جملا. ٻنهي جي قسمن کي وڌيڪ چٽي ڪرڻ لاءِ لوڪن کي کپي وڌيڪ سمجهاڻي ضروري آهي. هن کان پوءِ هيٺيان جملا بورڊ تي لکو:-

(۱) وڪيل واري ڪمپونڊر جي ٻل تان ڏسو ته ٻاهر ڪيئن نه ڪڙڪاٽ ڪندڙ هيءَ پيو وڃي.

هن بابت هن ريت سمجهايو. هتي ننڍڪ ڦال جملو "ڦسيو" فعل جو فاعل آهي. انهن ڪري ڇٽيو ته اهو جملو هڪ اسم جي بدران فاعل ٿيو آهي.

(٢) مون جو ڇوڪري ڇٽيو هو ته ايڏاهين نه وڃ.

هن بابت به مٿين ريت سمجهايو ته ننڍڪ ڦال جملو "ڇٽيو هو" فعل جو مفعول آهي، تنهنڪري اهو به اسم جي بدران ڪي مفعول ٿيو آهي. ان ڪانپوءِ شاگردن کي ٻڌايو ته "وراڻيا جملا جي مرڪب جملن ۾ مکيه فعل جا فاعل ٿي ڪم اچن، تن کي اسمي جملا چوندا آهن" اهو ڪمن لوٽ ڪرايو.

(١) قوم جي خدمت ڪرڻ ڪري، ماڻهو ماڻ ڪي

خلق ۾ خاص ريت مقبول بڻائي ٿو.

